# ماٿيلي - اياوڙي جي ٻولي

مصنف

پروفيسر شيخ مُحمّد فاضل

سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو
حيدرآباد / ڪراچي

(سنڌي ٻوليءَ جي جغرافيائي محاورن يا ٻولين جو مطالعو)

سلسلي جو ٻيو ڪتاب

# ماٿيلي - اوباوڙي جي ٻولي

پروفيسر شيخ محمد فاضل

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدرآباد/ ڪراچي
۱۴۱۳هه/ 1992ع

اداري جا حق ۽ واسطا قائم

تعداد هڪ هزار سال ۱۹۹۲ع

قيمت ۲۵ روپيا

ملڻ جو هنڌ
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
سنڌ صوبائي ميوزيم
قومي شاهراهه
حيدرآباد سنڌ
۽
مرڪزي ڪتاب گهر
نمبر 972 گل شاهه محلو
گاڏي ڪاتو
حيدرآباد سنڌ

---

هي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي ڪمپيوٽر تي
ڪمپوز ٿيو ۽ اداري جي سيڪريٽري عنايت الله جوڻيجي
اسلام شعيب آفسيٽ پرنٽنگ پريس ڪراچي مان ڇپائي شايع ڪيو

# عنوانن جي فهرست

صفحا


| | |
|---|---|
| پيش لفظ | ٥ |
| مهاڳ | ٧ |
| مقدمو | ٩ |
| ١ـ اتراڏي ٻوليءَ جي اهميت | ١۴ |
| ٢ـ ماتيلي- اڀاوڙي جي ٻوليءَ جو دائرو ۽ قسم | ١٨ |
| ٣ ـ سنڌيءَ جي رائج تحريري محاوري ۽ ماتيلي- اڀاوڙي جي ٻوليءَ جا اختلاف | ٣٠ |
| ۴ـ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي آخري حرف تي حرڪت وارو اصول | ٣٩ |
| ۵ـ ماتيلي- اڀاوڙي جي ٻوليءَ ۾ صوتي مجمعا | ۴۵ |
| ٦ ـ ماتيلي- اڀاوڙي محاوري جي نحوي ترتيب | ۵٢ |
| ٧ـ ماتيلي- اڀاوڙي جي ٻوليءَ ۾ اسم حاليہ، اسم فاعل، اسم مفعول ۽ اسم استقبال | ۵٧ |
| ٨ـ ماتيلي- اڀاوڙي جي ٻوليءَ ۾ زمان | |
| ٩ـ ماتيلي- اڀاوڙي ٻوليءَ جي ٻوليءَ ۾ فعل جون ٺهيون | ٦٢ |
| متصل ضميري پڇاڙيون | ٧٢ |

| | |
|---|---|
| ١٠ـ ماتيلي- اڀاوڙي جي ٻوليءَ ۾ واحد ۽ جمع | ٨٣ |
| ١١ـ ماتيلي- اڀاوڙي جي ٻوليءَ جا ڪي انوکا اهڃاڻ | ٨٥ |
| ١٢ـ ماتيلي- اڀاوڙي جي ٻوليءَ ۾ سهل پسندي | ٩٢ |
| ١٣ـ ماتيلي- اڀاوڙي جي ٻوليءَ ۾ ڀاڪا ۽ چوٽيون | ١٠٢ |
| ١۴ـ ماتيلي- اڀاوڙي جي ٻوليءَ جا اصطلاح | ١١١ |
| ١۵ـ ماتيلي- اڀاوڙي جي ٻوليءَ جا خاص لفظ | ١٢۴ |

# پيش لفظ

سنڌ ۾ سنڌي ٻولي جيئن جدا جدا ڀاڱن ۾ ڳالهائجي ٿي تنهن جي تفصيلي مطالعي جي ضرورت گهڻي وقت کان وٺي پئي محسوس ڪئي وئي آهي. اهڙي مطالعي سان هر ڀاڱي جي مقامي لفظن ۽ اصطلاحن جي ڄاڻ حاصل ٿيندي جنهن سان استادن کي ان ڀاڱي جي اسڪولن ۾ پڙهندڙ معصوم ٻارن جي ٻوليءَ جي پروڙ پوندي ۽ کين پڙهائڻ ۾ سولائي ٿيندي، هر ڀاڱي جي عوامي ٻوليءَ مان واقفيت حاصل ٿيندي، جنهن سان سماجي ڪم ڪندڙن زرعي کاتي جي ڪامگارن ۽ ٻين ڪارڪنن کي ان ڀاڱي ۾ عوام سان هم زبان ٿي ڪم ڪرڻ ۾ سهوليت ٿيندي. وڏي ڳالهه ته هر ڀاڱي جي ٻولي لکيت ۾ محفوظ ٿيندي جنهن سان مجموعي طور سنڌي زبان جي لغات جو دائرو وسيع ٿيندو.

انگريزن جي دور ۾، سرڪاري طور تي هندوستان جي ٻولين جو لساني جائزو ( LINGUISTIC SURVEY OF INDIA ) جي هڪ وڏي رٿا عمل ۾ آندي وئي جنهن جو سربراهه جي. اي. گِريئرسن هو. ان رٿا هيٺ سنڌي ۽ سرائڪي جو مطالعو ڇڙ ٻن پيٽين طور ڪيائون. ان حيثيت ۾ اهو هڪ ساڳئي جلد ( Volume III, Part- I ) ۾ مرتب ڪيو ويو. ان کي به ڪافي عرصو گذري ويو ۽ انهيءَ قسم جي نئي جائزي جي ضرورت انگريزن جي آخري دور ۾ محسوس ڪئي وئي.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي هڪ جامع رٿا هيٺ سنڌ جي مختلف ڀاڱن ۽ پڻ سنڌ سان لاڳو ٻين صوبائي علائقن ۾ سنڌي ٻولي جيئن ڳالهائجي ٿي تيئن ان جي مطالعي جي شروعات ڪئي وئي آهي. ان رٿا موجب هيٺين ٻارهن ٻولين جا مطالعا ڪيا ويندا:

١. سِبي جي ٻولي
٢. ڪڇي- ناڙي جي ٻولي
٣. اتر ايرندين سرحد واري ماٿيلي- اُٻاوڙي جي ٻولي
٤. ڪاڇي جي ٻولي
٥. لاسي ۽ ڪوهستاني ٻولي
٦. ڪاري جي ٻولي

٧. ڪچي- سنڌي ٻولي
٨. ٿري- ڍاٽڪي ٻولي
٩. اتراڌي ٻولي
١٠. لاڙي ٻولي
١١. ڪن خاص شهرن جي ٻولي
١٢. ڪن خاص قبيلن جي ٻولي

هيءَ تحقيقي مطالعو سنڌ جي اتر- اڀرندين سرحد واري ماڇيلي- اباوڙي جي ٻوليءَ بابت آهي، جيڪو راقم جي ترغيب تي محترم محمد فاضل شيخ مڪمل ڪيو آهي. لائق مصنف سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو ميمبر آهي، ڊگري ڪاليج جي سطح تي سنڌي پروفيسر ٿي رهيو آهي ۽ سنڌي درسي ڪتابن جي مطالعي ۽ تصحيح سان سنڌس گهاٽو تعلق رهيو آهي. پنهنجي مطالعي ۽ تجربي جي بناء تي ڪيس سنڌي ٻوليءَ جي صحيح ڄاڻ حاصل آهي، خاص طرح ماڇيلي- اباوڙي واري ڀاڱي جو ٻوليءَ جي، جتي هو ڄائو نپيو ۽ وڏو ٿيو. انهيءَ ويجهي تعلق ۽ تجربي جي ڪري ۽ ان سان گڏ پنهنجي علمي صلاحيت ۽ محنت سان، لائق مصنف ماڇيلي- اباوڙي جي ٻوليءَ تي هر نقطہ نظر کان ذهن اهم عنوانن هيٺ روشني وڌي آهي. ٻوليءَ جي مطالعي جي لحاظ سان، هيءُ تحقيقي مطالعو هڪ ”مثالي مطالعي“ جي حيثيت رکي ٿو، ۽ اميد تہ اداري طرفان موجوده دور ۾ هلندڙ سنڌي ٻولي جي وسيع مطالعي واري رٿا ۾ ڪافي ڪارگر ثابت ٿيندو.

٥- جمادي الاول ١٤١٣هـ
١- نومبر ١٩٩٢ع

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
چيئرمين
سنڌي لئنگويج اٿارٽي

# مهاڳ

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمين جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جن سنڌي ٻوليءَ جي تفصيلي ۽ اجمالي مطالعي جي ضرورت کي محسوس ڪندي، اداري پاران ڪوناپل ڀرين ئي گڏجاڻيءَ ۾، سنڌي ٻوليءَ جي مختلف محاورن تي مواد گڏ ڪرڻ ۽ ان جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ لاءِ، اداري جي ميمبر صاحبن آڏو اهڙي رٿ پيش ڪئي. ۽ ماتيلي- اٻاوڙي علائقي جي ٻوليءَ تي لکڻ لاءِ مون کي آماده ڪيائون.

"ماتيلي - اٻاوڙي" جي ٻولي، سنڌي ٻوليءَ جي اتراڌي محاوري جو هڪ زرخيز ڀاڱو آهي، جنهن تي مواد هٿ ڪرڻ لاءِ، مون انهن اراضين جو انتخاب ڪيو آهي، جن ۾ ٻولي ۽ گرامر جا انوکا ۽ نرالا نمونا استعمال ٿين ٿا. ڪوشش اها ڪئي ويئي آهي ته هن علائقي جو ٻوليءَ سان واسطو رکندڙ صرف توڙي نحو جي سيني ڦيرين گهيرين جو مڪمل رڪارڊ مهيا ڪيو وڃي، پر وقت جي ڪمي سبب، تي سگهي ٿو ته اڃا ڪافي ڳالهيون رهجي ويون هجن. سڀ کان وڌيڪ ڌيان اٻاوڙي جي ٻوليءَ تي ڏنو ويو آهي.

اٻاوڙي تعلقي جي اڪثر ڪري ڳوٺ ڳوٺ جي ۽ اڃا به پاڙي پاڙي جي ٻولي ٻي آهي. گهر گهر سان گڏ هوندو، جنڊرو جنڊري سان لاڳيتو، ورو وري تي چڙهيل، ته به ٻوليءَ جو فرق مٽجي نه سگهيو هوندو. هر قبيلي ۽ هر ذات جي ٻوليءَ ۾ ڪانه ڪا اختلافي صورت ضرور نظر ايندي. ورهين کان بلڪ صدين کان ساڳي وسنديءَ ۾ آباد ماڻهن جي لهجي، لفظي ذخيري ۽ صرف ونحو جي سٽاءَ ۾ هيڏو فرق سچ پچ حيرت انگيز آهي. ڪاڇٽا ۽ مَلڪ ايامن کان هڪ ئي ڳوٺ ۾ ويٺا آهن. ڪپڙي لٽي ۾ فرق ڪونهي، پر ڳالهائڻ وقت پڌرا ٿيو پون. اٻاوڙي ۽ ڌهرڪيءَ جا هندو هتان جا قديمي باشندا آهن، پر سندن ٻوليءَ جي نحوي بناوت وچان ئي ٽرِين آهي.

ظاهر آهي تہ هن علائقي جي ٻولي ۽ ان جي گرامر جي باريڪين کي تحريري شڪل ۾ محفوظ ڪرڻ جي هيءَ ابتدائي ڪوشش ڪئي ويئي آهي، جنهن کي ڪنهن بہ صورت ۾ حرفِ آخر سڏي نٿو سگهجي. هوندي بہ هر ڳوٺ ۽ هر قبيلي تائين پهچي نہ سگهڻ ڪري، ڪيتريون اهم ڳالهيون رهجي ويون هجن، پر ايترو ضرور آهي تہ ادبي صداقت ۽ علمي ديانتداريءَ جي اصول کي ملحوظ رکندي گڏ ڪيل مواد ۾، پنهنجي طرفان نہ تہ ڪا ٻيچ - گهڙ ڪئي آهي، ۽ نہ وري ان جي سوڌ سنوار جي ڪوشش ڪئي آهي. صرف ونحو جي عميق مطالعي ۾ دلچسپي رکندڙ عالم يا صوتيات جا ماهر اُميد تہ هن ڳالهہ کي قدر جي نگاه سان ڏسندا.

**شيخ فاضل**

# مقدمو

ٻولي، انسانن جي گروهي تشخص ۾، انتهائي اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. انهيءَ ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ ڪنهن علائقي ۾ رهائش پذير ماڻهن جو حسب نسب، خوراڪ پوشاڪ، رهڻي ڪهڻي خواه تهذيب ۽ ثقافت ڪين ٻين علائقن جي رهواسين جي ڀيٽ ۾ جداگانہ سڃاڻپ عطا ڪن ٿا، پر سندن انفراديت جو اهڃاڻ وري بہ ٻولي ئي ٿئي ٿي. سموريون ٻوليون گهڻو ڪري پنهنجي علائقي جي نالي پٺيان سڏجن ٿيون، ان جو بہ سبب آهي: جيئن تہ هرڪا ٻولي پنهنجي خطي جي جغرافيائي حالتن، ۽ انهن حالتن جي اثر هيٺ زندگي بسر ڪندڙ انسانن جي اربع عناصر، مخصوص ڪاڌ خوراڪ، جبلتن، عادتن ۽ جذبن جي مرهونِ منت ٿئي ٿي، تنهنڪري ٻوليءَ جي صوتيات ۽ صرف و نحو تي انهن ڳالهين جو تمام گهڻو اثر ٿئي ٿو. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي تہ ٻولي انساني اصل نسل جي اختلاف، جغرافيائي حالتن جي غير يڪسانيت ۽ ڪاڏي ڀيٽي جي تبديلين ڪان گهڻي قدر متاثر ٿئي ٿي.

دنيا جي مکيہ ٻولين مان ڪنهن بہ هڪ جو گهري نظر سان جائزو وٺبو تہ اها اسان کي ڪيترين ئي ننڍڙين ٻولين جو مجموعو نظر ايندي. ان جو ڪارڻ بہ گهڻو ڪري نسلي اختلاف ۽ مختلف جغرافيائي حالتون آهن. مکيہ ٻوليءَ يا ڀاشا جون اهي ننڍڙيون ٻوليون يا اپڀاشائون وري تقسيم در تقسيم وڃن ٿيون ننڍڙن ڀاڱن ۾ ورهائبيون، تان جو ائين ٻيو ڀاسندو آهي تہ هر شهر ۽ هر ڳوٺ جي ٻولي، ٻين شهرن يا ڳوٺن جي ٻولين ڪان ڪجهہ نہ ڪجهہ مڙيوئي ٻي نموني جي آهي. انهن اپڀاشائن کي عام طرح ٻوليءَ جا محاورا سڏيو ويندو آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي رائج تحريري محاوري ڪان علاوه ٻين محاورن جو مطالعو ۽ جائزو پڻ پنهنجي جاءِ تي وڏي اهميت رکي ٿو. لسانيات جي عالمن لاءِ،

ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لوڙي ٻين ٻولين سان سندس تقابلي مطالعي لاءِ انهن محاورن جو اڀياس لازمي ٿيو پوي، خصوصاً اهڙن محاورن جو جائزو ته تهائين ئي ضروري سمجهيو وڃي ٿو، جيڪي لسانيات جي اصولن ۽ صرف ونحو جي قاعدن موجب رائج تحريري محاوري کان وڌيڪ اهميت وارا آهن.

سنڌي، برصغير پاڪ و هند جي مکيه ۽ قديمي ٻولين ۾ شمار ٿئي ٿي. ان جو دائرو نه رڳو سنڌ تائين محدود آهي، پر سنڌ کان ٻاهر به وسيع علائقي ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. سنڌيءَ جي وسعت جو اندازو هن ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته اها گهٽ ۾ گهٽ ڏهن محاورن تي مشتمل آهي، جن مان هر محاورو پنهنجي جاءِ تي هڪ نندي ٻوليءَ جو درجو رکي ٿو. سنڌي ٻوليءَ جي رائج تحريري محاوري جي حيثيت کان انڪار ڪري نٿو سگهجي، پر جيئن ته اهو محاورو تحرير جي قيد ۾ اچي چڪو آهي، تنهنڪري ان ۾ فطري تبديليون رڪجي چڪيون آهن. ٻين لفظن ۾ ائين چئبو ته ٻوليءَ جي موجوده مقبول محاوري جي تحريري صورت ان جي ارتقاء ۾ رڪاوٽ ثابت ٿي آهي، ۽ ٻولي قدرتي تبديلين کان محروم ٿي ويئي آهي. ان جي مقابلي ۾، ٻوليءَ جا ٻيا ثانوي حيثيت رکندڙ محاورا سهل پسندي ۽ تخفيف جي عمل مان گذرندي، جيڪا شڪل اختيار ڪري چڪا آهن، تنهن جو مطالعو نه فقط ٻوليءَ جي اندروني سٽاءَ کي سمجهڻ ۾ رهنمائي ڪري ٿو، پر ٻوليءَ جي تدريجي ارتقاء جي تاريخ جي اهڃاڻن ڳولڻ ۾ به مدد ڪري ٿو. رائج تحريري محاوري کان علاوه باقي محاورا جيئن ته گهڻو ڪري تحريري صورت ۾ نه هوندا آهن، تنهنڪري هڪڙي تحريري صورت کي ٻي تحريري صورت سان پيٽڻ جو وجهه نه ملندو آهي. اهوئي سبب آهي، جو تنقيد جي دٻ دٻاءُ نه هئڻ ڪري، اهڙن محاورن ۾ تخفيف ۽ سهل پسنديءَ جو رجحان زور وٺي وڃي ٿو. انهيءَ ڳالهه کي نظر ۾ رکي، لسانيات جي ماهرن لاءِ، اهڙن محاورن جو اڀياس نهايت ضروري ٿيو پوي. هن ڏس ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ماٿيلي- اٻاوڙي علائقي جي ٻولي بابت مون پنهنجي طرفان حتي المقدور ڪوشش ڪري مواد ڪٺو ڪيو

آهي، ۽ مختصر طور تي ان جو تجزيو بہ ڪيو اٿم، اُميد تہ اهو مواد اڳتي هلي، ٻوليءَ جي پارکن لاءِ گھڻي سهولت پيدا ڪري سگھندو.

## اتراڏي ٻولي

لسانيات جي ڪن ماهرن اتراڏي محاوري کي "سِرِيلي ٻولي" سڏيو آهي، ڇو تہ اها ٻولي، سنڌ جي ان طبعي ڀاڱي ۾ ڳالهائي ويجي ٿي، جنهن کي "سرو" ڪوٺجي ٿو. اها ڳالهہ ڪنهن حدتائين ڪٿي تسليم ڪجي، پر سري جي حدن کي، اتراڏي محاوري جون سرحدون سمجھڻ، ڪنهن بہ حالت ۾ درست نہ آهي. ڪنهن بہ خطي جي "طبعي جاگرافي" ۽ "لساني جاگرافي" ۾ صد في صد مطابقت اتفاقي تہ ٿي سگھي ٿي، پر عمومي طور تي ائين نہ آهي. ڀيرو مل مهرچند آڏواڻي "سري" جي ٻوليءَ جون حدون ٻڌائيندي چوي ٿو تہ، "ٻوليءَ جي مطلب لاءِ تلهي ليکي ڇئبو تہ خيرپور رياست (موجوده خيرپور ضلعو) کان وٺي ويندي اٻاوڙي تعلقي تائين، ۽ سيوهڻ- دادوءَ کان وٺي سڄو لاڙڪاڻو ضلعو توڙي شهدادڪوٽ (لاڙڪاڻو ضلعو) ۽ جيڪب آباد وارو پاسو ڪشمور تعلقي جي ڇيڙي تائين "سرو" آهي، ۽ اُتي جي ٻولي "سِرِيلي" اهي.*

اتراڏي محاوري جي جاگرافيءَ جي گھري مطالعي کان پوءِ، ڀيرو مل جي راءِ کي رڳو "تلهي ليکي" ئي قبول ڪري سگھبو، ڇو تہ خيرپور ضلعي جي اوير واري وسيع اراضي، توڙي روهڙي، ميرپور ماٿيلي ۽ اٻاوڙي تعلقن جي اويرندي طرف واري وڏي پٽيءَ ۾، سنڌيءَ جو سنئون سڌو ٿري محاورو ڳالهايو ويجي ٿو. ٻئي طرف جيڪب آباد ۽ لاڙڪاڻي ضلعن جي اولهندي پاسي بلوچستان جي شورڻ ۽ سبيءَ واري علائقي ۾ بہ اتراڏي محاورو رائج آهي. اٻاوڙي تعلقي جي اتر ۾ وري ماڇڪي جي ٻوليءَ جو گھڻو اثر آهي، اتان جي ٻوليءَ کي "سرائيڪي- سنڌي" تہ سڏي سگھجي ٿو، پر ان کي اتراڏي ٻولي يا سِرِيلي ٻوليءَ ۾ شمار ڪري نہ سگھبو.

---

* "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ:" ڇاپو ٻيو، سال ١٩٦٦ع، ص٩٦

ڀيرو مل جي لکڻ موجب سيوهڻ ۽ دادو سريلي ٻوليءَ ۾ شامل آهن، پر پاڻ اڳتي هلي، دادو تعلقي کي وچولي ٻوليءَ ۾ شمار ڪري ٿو. سندس چوڻ آهي تہ سري ۽ لاڙ جي وچ وارو ڀاڱو ”وچولو“ سڏجي ٿو، جنهن جون حدون ڪنڊياري ۽ دادو تعلقن جي اتر واري ڀاڱي کان وٺي، هيٺ ڪوٽڙي ڏويزن تائين آهن. اهو سنڌ جو ”وچولو“ يعني وچ وارو ڀاڱو آهي، ۽ اتي جي ٻولي ”وچولي“ ڪوٺجي ٿي(١)

اڳتي هلي ڀيرو مل سيوهڻ ۾ بہ سِريلي ٻوليءَ (اترادي محاورو) کي رائج نٿو سمجهي. اهڙو اظهار سندس هيٺينءَ راءِ مان ٿئي ٿو:

”سري وانگر ساهتي پرڳڻي ۾ ڪاتي، ڪاڏي، جاڏي، تاڏي، جاتي ۽ تاتي چون ٿا. سيوهڻ پاسي ڪٿي، ڪيڏي، جيڏي، جتي ۽ تتي بہ چون“(٢)

ساڳي ٻوليءَ جي محاورن کي ڪن حدن اندر بند ڪري نٿو سگهجي. اهي هڪ ٻئي جي سرحدن اندر دخل اندازي ڪري سگهن ٿا، متن نہ ڪا چؤڪي آهي نہ پهرو. ڀيرو مل ڪاتي ڪاڏي وغيره ظرفن کي سري ۽ ساهتيءَ ٻنهي هنڌن تي رائج ڏيکاريو آهي، حالانڪہ پاڻ چوي ٿو تہ ساهتي وچولي ۾ آهي. نہ رڳو ايترو، پر جن لفظن، اصطلاحن ۽ پهاڪن کي رڳو ساهتي پرڳڻي ۾ رواج هيٺ ڄاڻايو اٿس، تن مان بہ گهڻا نٽا اترادي محاوري ۾ ڳالهايا وڃن ٿا. ڀيرومل جو وڏيڪ چوڻ آهي تہ، ”ساهتي پرڳڻي ۾ ڪي علحده لفظ، اصطلاح ۽ پهاڪا عام آهن، جي ٻين هنڌ عام نہ آهن.“(٣) هن اهڙن لفظن ۽ اصطلاحن وغيره جا مثال بہ پيش ڪيا آهن، جهڙوڪ اڪرس معنيٰ گهٽ يا گرمي ساهتي پرڳڻي ۾ عام آهي تہ اتر سنڌ ۾ بہ اهو لفظ ساڳيءَ معنيٰ ۾ استعمال ٿئي ٿو، البتہ اتر سنڌ ۾ مؤنث تي ڪم اچي ٿو. ساڳيءَ طرح پٽسن بدران ڏوڪڙ ۽ گهٽو بدران ڪوڙ جو استعمال بہ اتر سنڌ ۾ عام آهي. ڀيرومل جي بيان ڪيل ساهتيءَ ۾ مروج پهاڪن مان بہ اڪثر اتر

---

(١) سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ: صفحو٩٢.

(٢) ايضاً، ص ١١٣

(٣) ايضاً، ص ١١٦

سنڌ ۾ رائج آهن، مثلاً: ”اول پيٽ پنجوءَ جو، ٻار ٻچا سڀ پوءِ،“ ”اهڙي جٽ ڪيائينس، جهڙي ٻرڙي ڪٿي ٻارن سان،“ ”چريا ڏيئي چار، واڇان وڃي هڪڙي.“

حقيقت ۾ ٻوليءَ جي محاورن جون سرحدون متعين ڪرڻ انتهائي مشڪل ڪم آهي. جيستائين ٻوليءَ جي سيني محاورن جو تفصيلي مطالعو نہ ڪبو، تيستائين ڪنهن هڪ محاوري جي پکيڙ ۽ اراضيءَ متعلق وثوق سان ڪجهہ چئي نہ سگهبو. بس ائين ڪٿي چئجي تہ ”اتراڏي محاورو“ لاڙڪاڻي، شڪارپور، جيڪب آباد، سکر ۽ خيرپور ضلعن تي پکڙيل آهي، البتہ اُهي اراضيون، جي بلوچستان، پنجاب ۽ هندوستان سان بلڪل متصل آهن، تن ۾ سنڌن قريبي علائقي وارين ٻولين جو اثر آهي، جنهنڪري اتي ڳالهايل ٻولين کي نج اتراڏي محاورو سڏي نہ سگهبو.

# اترادي ٻوليءَ جي اهميت

دنيا جون اهم ۽ مکيہ ٻوليون مختلف محاورن ۾ ڳالهايون وڃن ٿيون. پنهنجي جاءِ تي اهي سمورا محاورا معياري ليکي سگهجن ٿا. جيڪڏهن ڪنهن هڪ محاوري کي معياري محاوري جو درجو حاصل ٿي وڃي ٿو، تہ اها ان محاوري ڳالهائيندڙن جي خوش نصيبي چئبي. پر اهو ضروري آهي تہ ساڳيءَ ٻوليءَ جا ڪي ٻيا محاورا جيڪڏهن ادبي لحاظ کان مالا مال آهن، لغت جو ذخيرو منجهن جهجهو آهي ۽ صرفي توڙي نحوي طور تي، معياري محاوري کان بهتر ۽ مستحڪم قاعدن جا حامل آهن، تہ اهڙن محاورن کي رائج محاوري تي فوقيت ۽ اوليت ڏيئي سگهجي ٿي. اهي محاورا ڀل تہ معياري محاوري جي جاءِ وٺي نہ سگهن، پر سندن حيثيت ۽ اهميت جو اقرار ان وقت ضرور ڪرڻو پوندو، جڏهن ٻوليءَ جي ارتقائي تبديلين جي اصولن تي تحقيق ڪرڻ جي ضرورت پيش ايندي.

سنڌي ٻوليءَ جي رائج تحريري محاوري کي موجوده حيثيت بالڪل اتفاقي طور تي ملي آهي، جنهن کي سياسي ضرورت ۽ ناگهاني حالتن جي پيداوار چئي سگهجي ٿو، ورنہ موجوده تحريري محاوري کي جيڪڏهن ٻوليءَ جي قاعدن قانونن واري ڪسوٽيءَ تي پرکبو تہ پنهنجو معيار وڃائي ويهندو.

موجوده تحريري محاوري کي جن سياسي مجبورين ۽ اتفاقي حالتن جنم ڏنو، تن جو ذڪر هن ريت ڪري سگهجي ٿو، تہ اقتدار جي واڳ جڏهن ٽالپور اميرن جي هٿن مان کسجي ويئي، ۽ سنڌ ۾ برطانوي راڄ قائم ٿي ويو، تڏهن حيدرآباد ۽ ان جي گردو نواح کي سياسي طور مرڪزي حيثيت حاصل ٿي، ۽ سنہ ١٨٥٣ع ۾ سنڌ جي تعليم کاتي جڏهن سنڌي ٻوليءَ ۾ درسي ڪتابن جي ضرورت محسوس ڪئي، تڏهن اهو ڪم حيدرآباد جي پڙهيل ڳڙهيل ماڻهن جي سپرد ڪيو ويو. هاڻي سوال آهي تہ ان زماني ۾ جيڪڏهن انگريزن جي سياسي قوت جو مرڪز خيرپور يا سکر هجي ها تہ ڇا پوءِ حيدرآباد جي عالمن کان درسي ڪتاب لکرائجن ها! ظاهر آهي تہ اهو ڪم پوءِ خيرپور يا سکر جي دانشورن کان ئي ورتو وڃي ها، ۽ لامحالہ اترادي محاورو

ئي معياري درجو ماڻي ها.

لسانيات جي ماهرن ۾ سڀ کان پهريون عالم، جنهن اتراڏي محاوري جو ڳوڙهو اڀياس ڪيو، سو ڊاڪٽر ارنسٽ ٽرمپ هو. اتراڏي محاوري جي اهليت ۽ اهميت کي محسوس ڪندي، هو صاحب لکي ٿو ته:

"The northern or Siraiki (Sireli) dialect has remained for more original and has preserved the purity of pronunciation with more tenaciousness than the Southern one.*

ڊاڪٽر ارنسٽ ٽرمپ کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جي مختلف محاورن تي تحقيق ڪندڙ عالمن ۾، گريئرسن جو نالو سر فهرست آهي. گريئرسن جي خيال ۾ اتراڏي محاوري ڳالهائيندڙن جا اچار، معياري سنڌي ڳالهائيندڙن جي اُچارن کان وڌيڪ چٽا آهن. سندس چوڻ آهي ته:

"Siraiki (Sireli) Sindhi differs from the Standard. Sindhi having a more clearly articulated pronunciation and slightly diferent vocabulary.*

اتراڏي محاوري جي اڀياس مان معلوم ٿئي ٿو ته هيءُ محاورو لغت جي اعتبار کان وڌيڪ شاهوڪار ۽ گرامر جي قاعدن قانونن جي ٻي مثال پختگيءَ جو حامل آهي. هن محاوري ۾، سنڌي ٻوليءَ جي ٻين محاورن جي ڀيٽ ۾، نهايت قيمتي مواد موجود آهي، جنهن جي آڌار تي سنڌي ٻوليءَ جي ارتقائي تاريخ معلوم ڪرڻ جا گهڻا موقعا ميسر ٿي سگهن ٿا. هن محاوري جي اهميت بابت ڀيرو مل مهرچند آڏواڻي "نيٺ ڪري ٻولي" (Standard dialect) جي عنوان هيٺ لکي ٿو ته:

"سيني ملڪن ۾ جيڪي اڀياشائون ڪم اچن ٿيون، تن مان ڪنهن هڪڙيءَ کي گهڻو شرف ملي ٿو ۽ اهائي ڪتابن ۾ ڪم اچي ٿي. ڪڇ ۽ لسبيلو هاڻوڪي سنڌ کان ٻاهر آهن، تنهنڪري ڪڇڪي ۽ لاسيءَ جي ڳالهه کي ڇڏي، باقي اتر سنڌ جي اڀياشائن تي ويچار ڪبو ته معلوم ٿيندو ته هر ڪا پنهنجي پنهنجي جاءِ تي نيٺ (اُچي) سنڌي آهي ۽ ڪري ٻولي

* Dr. Trumpp: Sindhi Grammar, Introduction, p.II.
* Linguistic Survey of India, Vol: viii, Part I, page.140

†(Standard dialect) تي ڪم اچڻ جي لائق آهي، مثلاً سري ۾ شڪارپور طرف جي ٻولي مٺي ۽ رسيلي آهي. ساميءَ جي سلوڪن جي سنڌي، ۽ سچل، بيدل ۽ بيڪس جي رسالن جي سنڌي ڪتابن ۾ ڪم آڻبي، تہ بيشڪ سونهندي.(١)

هڪ محاوري تي ٻئي محاوري جي فوقيت جو گهڻو مدار گرامر جي اصولن تي هوندو آهي. دراصل ٻوليءَ جي تورتڪ لاءِ گرامر ئي هڪ وسيلو آهي. ڪو محاورو گرامر جي قاعدن قانونن کي جيترو قريب هوندو ۽ مستثنيات کان جيترو بعيد هوندو، اوترو سندس معيار اعليٰ ليکبو. پيرو مل گرامر جي اصولن جي روشنيءَ ۾، اترادي محاوري جي ڪن خصوصيتن جو اظهار ڪيو آهي، جن جو ذڪر سندس ئي لفظن ۾ پيش ڪجي ٿو: سري ۾ چون "آيم" ۽ "چوندو مانس". ٻين هنڌ چون "آيس" ۽ "چوندو سانس". ٻئي نمونا رواج ڪري صحيح آهن، پر گرامر جي قاعدن موجب ڇڏبو تہ وڌيڪ صحيح سرحد سنڌ وارا آهن؛ جڏهن ڳالهہ ڪندڙ پنهنجي اچڻ جي ڳالهہ ڪري، تڏهن "م" پڇاڙي ڪم آڻڻ صحيح آهي، ڇاڪاڻ تہ اها ضمير متڪلم جي معنيٰ ظاهر ڪرڻ لاءِ آهي. ٻين هنڌ ڪٿي "م" تہ ڪٿي "س" پڇاڙي ڪم آڻين ٿا، جا ضمير غائب جي معنيٰ ڏيکاري ٿي. مثلاً چون "آيس" ۽ "ويس" پر "لکيس" بدران چون "لکيم." "پڙهيم" معنيٰ "مون پڙهيو" ۽ پڙهيس" معنيٰ "مان پڙهيس."(٢)

ٻئي هنڌ پيرو مل زمان ماضي مطلق جا مثال ڏيئي، ٻنهي محاورن جي ڀيٽ ڪري، اترادي محاوري جي قاعدن جي فوقيت جو اظهار ڪيو آهي.هن جو چوڻ آهي تہ: "هو ويو". "و" مٿان زبر. پر ٻين هنڌ زير ڏين ٿا. حقيقتؤن سري وارا صحيح آهن: "وڃڻ" لفظ جي منڍ ۾ "و" جي مٿان زبر يعني "ا" جو اچار آهي، تہ "ويو" لفظ جي منڍ ۾ بہ ساڳيو "ا" جو اچار هئڻ گهرجي.(١)

---

(١) سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، ڇاپو ٻيو، سال ١٩٦٦ع، صفحو ٩٢ ۽ ٩٣
(٢) ايضا، ص ١٠۴

لسانيات جا ماهر سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻٽين ضميري پڇاڙين کي وڏي اهميت ڏين ٿا، ڇو ته اهي پڇاڙيون برصغير هند و پاڪ جي ٻين ٻولين مان يا ته تقريباً ختم ٿي ويون آهن، يا وڃن ٿيون ختم ٿينديون. جيتوڻيڪ اها خصوصيت سنڌي ٻوليءَ جي سيني محاورن ۾ موجود آهي، ته به اتين چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو ته اتراڏي محاوري ۾ ٻٽين ضميري پڇاڙين جو اجا گهڻو زور آهي.

ڊاڪٽر ارنسٽ ٽرمپ، ضميري پڇاڙين جي استعمال کي سنڌي ٻوليءَ جو خاص اهڃاڻ ٿو سمجهي. هو فرمائي ٿو ته (٢):

"The use of these Suffixes constitutes quite a peculiar feature of the Sindhi language and distinguishes it very advantageously from all the kindred idioms of India, which are desitute of pronominal suffixes. (2)

حقيقت ۾ اهي ٻٽيون ضميري پڇاڙيون ئي آهن، جن جي ساخت ۽ تبديلين جي اصولن تي بحث ڪري، اسان ٻوليءَ جي قدامت بابت ڪا معتبر راءِ قائم ڪري سگهون ٿا. انهن پڇاڙين جو ڀرپور استعمال جيترو اتراڏي محاوري ۾ ملي ٿو، اوترو ٻئي ڪنهن سنڌي محاوري ۾ نه آهي. اتراڏي محاوري جي ٻٽين ضميري متصل پڇاڙين تي هن بعد ايندڙ صفحن ۾ مون سير حاصل بحث ڪيو آهي، ۽ واضح ڪيو آهي ته اتراڏي محاوري ۾ اسان کي سنڌي گرامر جون بيشمار ڦيريون گهيريون نظر اينديون.

---

(١) سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، ڇاپو ٻيو، سال ١٩٦٦ع، ص١٠٥

(٢) ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ: سنڌي گرامر، صفحو٢٢٥

# ”ماتيلي- اٻاوڙي“ جي ٻوليءَ جو دائرو ۽ قسم

”ماتيلي- اٻاوڙي“ جي ٻوليءَ جي دائري ۾ ”اٻاوڙي“ ۽ ”ميرپورماتيلي“ جا ٻيئي تعلقا ۽ ”گهوٽڪي“ تعلقي جو اتريون اڌ اچي وڃي ٿو. هن علائقي جون سرحدون اهڙن علائقن سان لڳن ٿيون، جن جي ٻولي خواه جغرافيائي بيهڪ هن خطي کان ٿورو هٽي نموني جي آهي. هن علائقي جي اتر ۾ بهاولپور ڊويزن جو سرائڪي ڳالهائيندڙ علائقو، اوير ۾ راجستاني ٻولي ۽ ثقافت وارو خطو، ڏکڻ ۾ سنڌي ڳتيل آبادي ۽ اولهه ۾ بلوچستاني بودوباش کان متاثر ضلعي جيڪب آباد جي سرحد آهي.

هن علائقي ۾ هونئن تہ گهڻيون قومون آباد آهن، پر تعداد ۾ بلوچن چاچڙن ۽ مهرن جي گهڻائي آهي. بلوچن ۾، بلوچي زبان ڳالهائيندڙن جو تعداد تمام ٿورو آهي، ڪي بلوچ قبيلا سنڌي بہ ڳالهائن ٿا، پر اڪثر بلوچن جي ٻولي سرائيڪي آهي. شر بلوچ، جي هن علائقي ۾ جهجهي انداز ۾ رهن ٿا، سي سنڌي ٻولي ڳالهائن ٿا. ”تڙت“ ۽ ”ڪوش، جي ”شرن“ جيان جتوئي بلوچن جي شاخ آهن، سي پڻ سنڌي ٻولي ڳالهائن ٿا، پر انهن جي سنڌي ۽ ”شرن“ جي سنڌي هڪٻئي کان گهڻو مختلف آهي. ڏنو وڃي تہ گرامر جي لحاظ کان شرن جي ٻولي، عام سنڌي کان انوکي ۽ نياري آهي. سنڌن لهجو تہ هيڪاري عجيب قسم جو آهي. اهو ڪنهن ٻئي سنڌي لهجي سان ميل ئي نٿو کائي، ۽ نہ وري سنڌ جي ٻئي ڪنهن علائقي جي ”شرن“ جو لهجو ۽ ٻولي ”ماتيلي- اٻاوڙي“ علائقي جي ”شرن“ جي ٻولي ۽ لهجي سان مطابقت رکي ٿي. شرن جي ٻولي ۽ لهجي تي تحقيقاتي ڪم ڪرڻ جي ڪافي گنجائش موجود آهي.

”چاچڙ“ هن علائقي جا قديم باشندا سڏيا وڃن ٿا. تمام ٿورن گهراڻن کان سواءِ هن علائقي جي چاچڙن جي ٻولي تقريباً هڪ جهڙي آهي، ۽ اها ماتيلي- اٻاوڙي جي عام ٻولي سڏجي ٿي. مهرن جا ڪي قبيلا ماتيلي- اٻاوڙي علائقي

جي آڳاٽن باشندن ۾ ليکيا وڃن ٿا. پر گھڻا سڀ راجستان مان هجرت ڪري، هت آباد ٿيل آهن. انهيءَ هوندي بہ سمورن مهرن جي رهڻي ڪرڻي ٻين مقامي ماڻهن کان جداگانہ آهي. ”مهر“ قوم ثقافتي ۽ تمدني تبديلين کي تمام ٿورو قبول ڪيو اهي، ۽ اجا تائين پنهنجي انفراديت کي برقرار رکيو اچي. پر جڏهن بہ بلوچ ۽ غير بلوچ قومن جي تفريق رونما ٿئي ٿي، تڏهن ”مهر“ پاڻ کي ٻين غير بلوچن قومن سان ملائي، ”ڄاموٽ“ سڏائن ٿا. ”بلوچن“ ۽ ”ڄاموٽن“ کي مقامي اصطلاح موجب ”گهگهيلا“ ۽ ”ڇِت- ٻُٽ“ سڏيو وڃي ٿو. ٻين لفظن ۾ هيئن چئجي تہ گهگهي پهريندڙ عورتن جو اولاد ”گهگهيلو“ سڏجي ٿو ۽ ”ڇِت“ يا پَڙي پهريندڙ عورتن جي اولاد کي ”ڇِت- ٻُٽ“ ڪوٺبو آهي. ”مهر“ قوم جون عورتون گهڻي ڀاڱي پنهنجي ريت رسم موجب ”ڇِتِ“ پهرين ٿيون.

”ماتيلي- اٻاوڙي“ علائقي ۾ بلوچن جيان ڄاموٽن ۾ بہ سرائيڪي ڳالهائيندڙ قومون گهڻي تعداد ۾ آهن. انهن کي ڇڏي، جيڪڏهن ”سنڌي“ يا ”سرائڪي آميز سنڌي“ ڳالهائيندڙ قومن جي گروهہ بندي ڪبي تہ اُهي اسان کي ڇهن قسمن ۾ ورهايل نظر اينديون، مثلاً: (١) ملڪ، ڪاڇٽا، ٽانوري وغيره جيڪي ”سرائيڪيءَ کان متاثر سنڌي“ ٻولي ڳالهائيندا آهن (٢) ڀُٽا، گهنيا، چاچڙ، ڏهِر، رَهَڙ، ڪنيڙا، سُپيا، سيلرا، شيخ، راڄڙي، مهاڻا، ڊِڪڻ، لوهر، ڪنير، ڪوير، ڪٽي، سومرا، ڪوري، موچي، حَجم، تڙت بلوچ، ڪوش بلوچ وغيره، جيڪي ماتيلي- اٻاوڙي جي عام اتراڏي ٻولي ڳالهائن ٿا (٣) مهر، راڄڙ، مڱريا وغيره جيڪي ”راحستاني ٻولين کان متاثر سنڌي“ ڳالهائيندڙ آهن (۴) شربلوچ، جن جي ٻوليءَ کي ”شرڪِي ٻولي“ سڏيو وڃي ٿو، (۵) هندو، جن جي ٻولي ”هِندُڪِي سنڌي“ سڏجي ٿي (٦) ماڇي يا سولنگي، ٿِهلي يا ڇهواڻ، ڏانڊو، ڪَٽا وغيره، جن جي ٻوليءَ کي ”سنڌي آميز سرائيڪي“ سڏي سگهجي ٿو.

ٻولين جي مٿي ڄاڻايل تقسيم جو مدار تہ قومن جي گروهہ بندي تي آهي،

پر اراضين جي لحاظ کان ٻہ ٻولين تي نالا رکيل آهن، مثلاً: ”ماڇڪي“ جي ٻولي، ”ٻوڙِيءَ“ جي ٻولي، ”لانگهي“ جي ٻولي وغيره (١). ماڇڪي جي حدن اندر جيڪي قومون رهن ٿيون، سي گهڻو ڪري ماڇين واري ٻولي ڳالهائن ٿيون، جنهن کي سنڌي ۽ سرائيڪيءَ جو مرڪب سڏي سگهجي ٿو. لانگهي ۾ بہ مختلف قومون رهن ٿيون، پر انهن سڀني جي ٻولي ماڇڪي جي ٻوليءَ جهڙي آهي. ساڳيو حال ٻوڙِيءَ واري اراضيءَ جو آهي. ماڇڪي ۽ لانگهي جي ٻوليءَ تي ڀيرومل بہ تبصرو ڪيو آهي، پر اهو سطحي ۽ اڌوگابرو آهي، هن ”اڀاوڙي طرف جي ٻولي“ ءَ جي عنوان هيٺ پنهنجي تصنيف سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۾ هن طرح لکيو آهي:

”ٻوليءَ جي نموني لاءِ هڪ مثال ڏجي ٿو

هڪڙي جا سُمهي مَتي،

ٻي جا پوي ٿيڙ، تہ نہ چَڙهندو بہ چَڙهي.

يعني هڪڙي ڳالهہ تہ متي (ڪُڏ تي يا پيهي تي) سمهي تي، ۽ ٻي ڳالهہ تہ ٿيڙ يعني ماڪ پوي تي، تنهنڪري (تپ) جيڪڏهن نہ چڙهڻو هوندس، تہ بہ چڙهندس.“ (٢)

هن مثال بابت رڳو ايترو چئي سگهجي ٿو تہ اها ٻولي اڀاوڙي جي ٻولي هرگز ٿي نٿي سگهي. مثلاً اڀاوڙي جي ٻوليءَ ۾ هن جملي جا لفظ هيٺين ريت ڳالهايا وڃن ٿا:

| هن مثال وارا لفظ | اڀاوڙي جي ٻولي ۾ ساڳيا لفظ |
|---|---|
| هڪڙي | هڪ |
| جا | جو (تہ) |
| سمهي | سُمهدِي آ |

---

(١) ماڇڪو (ماڇين جو) اڀاوڙي تعلقي ۽ بهاولپور ڊويزن جي گڏيل سرحدي اراضي جو ٽڪرو، لانگهو ۽ ٽِڱ اڀاوڙي تعلقي جون ديهون.

(٢) سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ: ڇاپو پهريون، ص١٠٨ ۽ ١٠٩

| | |
|---|---|
| پوي | ٻَونڊِي آ |
| چڙهندو | چَڙهدو |

دراصل هيءُ هڪ ذومعنيٰ جملو اهي، جو "لانگهي جي ٻوليءَ" ۾ چيل اهي. ٻين محاورن وارا "لانگهي" وارن تي ٽٺولي ڪرڻ لاءِ ايامن کان اهو جملو ياد رکيو اچن ٿا. قصو هن طرح آهي ته، ڪنهن ماڻهوءَ جي نياڻي سرءُ جي موسم ۾ تپجي پيئي. تپ ٿيڻ جو سبب ڄاڻائيندي، هن لانگهي جي ٻوليءَ ۾، چيو ته:

"ڇورِي هڪ جو سُمهدِي اي منجڻ تي، ٻيو ٻَمدِي اي ٽيڙ، پِڇي اڻ چڙهدو ڻِي پيو چَڙِهس."

يعني ڇوڪري هڪڙو ته سمهي ٿِي مَنهَ تي، ٻيو وَرِي پئي ٿِي ماڪ، پوءِ اڻ چڙهندڙ (نه ايندڙ) تپ به ٿو پيو چڙهيس. "ٽيڙ" جي معنيٰ آهي ماڪ.

پيرو مل ساڳئي عنوان هيٺ ٻئي هنڌ لکي ٿو ته "اُچار به بگڙيل اٿن. جهڙوڪ چون ته:

هو ماڻهو ڳڙ پٽندو به وڃي ته ڪٺندو به وڃي"

يعني ڳڙ پٽيندو به وڃي ته کائيندو به وڃي. پٽيندو بدران چون "پَٽَندو" (پ ۽ ٽ ٻنهي جي مٿان زبر) ۽ "کائيندو" بدران چون "ڪَٺندو" (ک جي مٿان زبر ۽ همزي مٿان پيش).*

"اٻاوڙي" جي ٻوليءَ ۾ "پَٽَندو" نه هندو ڳالهائن ٿا نه مسلمان. حقيقت ۾ هيءُ جملو "ڏانڏو" قوم جي ٻوليءَ لاءِ ضرب المثال طور ياد رکيو ويو آهي. اصل ڳالهه هن طرح آهي ته "ڏانڊو" (ڏَونڊو) قوم جي هڪ سادي ماڻهو، "ڏهرن" جي سردار "ڄام ينيوءَ" جي تونگريءَ کان متاثر ٿي چيو ته:

"ڄام صاحب اي بادشاهه، توڙي جو "ڳُڙ" دو "هَنو" (گهوڙي جي زين) ڇائي نوهائي، پِڇي "پٽيندو" ئي وَتي، تي کَوندو ئي وَتي."

يعني ڄام صاحب وڏو ماڻهو آهي، گهوڙي جو "هَنو" ڪٺي ڳڙ جو نهرائي، پوءِ

---

* سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ: ڇاپو ٻيو. صفحو ١٠٩

ٻلي هميشه ڳڙڪائيندو رهي.

ڀيرومل ساڳئي سلسلي ۾ لکيو آهي تہ "ڪيترا مسلمان ساڳئي جملي ۾ اڌ سنڌي تہ اڌ اُبي جي ٻولي ڪم آڻين ٿا. جھڙوڪ چون تہ "آءُ پيو توکي ڳوليان، تون اِتي ڪڙوئِي. حيرت جي ڳالھہ آهي تہ ڀيرو مل جھڙي محنتي مصنف انتهائي بي احتياطيءَ جو ثبوت ڏيندي، هڪ اهڙو جملو مثال پيش ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو آهي، جنھن جو فاعل "آءُ" آهي. آءُ جو لفظ سموري "سِري" ۾ ڪٿي بہ نہ ڳالهايو ويندو آهي. ان کان سواءِ "ڳوليان پيو" جي نحوي ترڪيب بہ "ماتيلي- اڀاوڙي" جي ٻوليءَ جي مزاج جي خلاف آهي. اڀاوڙي وارا "ڳوليان پيو" بدران چوندا آهن تہ "ڳوليندو پيو هان". "اِتي" تہ بنھہ "پنجابي ٻوليءَ" جو لفظ آهي. هتان جي ٻوليءَ جي گرامر موجب "ڪَڙوئي" لفظ جي معنيٰ ٿيندِي "ٻيئو اٿيئِي،" جڏهن تہ مصنف ان مان "ٻيٺو آهين" جو مفهوم ورتو ٿو چاهي. اهڙي معنيٰ حاصل ڪرڻ لاءِ "ڪَڙوئِي" بدران "ڪَڙوئِين" چوڻ گھرجي. اڀاوڙي جي ٻوليءَ ۾ هيءُ جملو هن طرح ٿيندو: "مان توکي ڳولِيندو وَدو آن، تون اِتي ڪَڙو هِين."

ڏانڏن وانگر ماڇين جي ٻوليءَ جو هڪ مثالي ٽڪرو پڻ عام طرح ياد رکيو ويو آهي تہ: "لانگھي ٖدو(١) ڪانء اِين، تي ٽِبي تي چڙھہ تي ٻيٺو ٽِيڪَدو اِين، چورن ڪون ٽُڪُر ڪَس ڏِتائِي، مَين پِي ڪَڙَڪ دو ماڇي آين، ايجھو ڪم ڪَرِيسئِين، جو ڪَنويلي پِي نہ سُڄاٽسئِي." يعني: تون بہ "لانگھي" جو ڪانءُ آهين، ۽ دڙي تي چڙهيو ويٺو "ڪان-ڪان" ڪرين. ٻارن کان ماني ڳيا ڪسي ڏنا اٿيئي، آءٌ بہ "ڪڙڪ" (اڀاوڙي تعلقي جي هڪ اراضي) جو ماڇي آهيان. توسان اهڙي جٺ ڪندس، جو ڪانويلي (ڪانءُ جي مادي) بہ نہ سڃاڻي سگھندءِ.

لانگھي يا ماڇڪي جي ٻولي ۽ ماڇين، ڏانڏن، ڪٺن ۽ ٺهلين جي ٻوليءَ ۾ ڪو فرق ڪونهي. انهن ۾ جيڪڏهن ڪو اختلاف بہ آهي تہ اُهو جزوي آهي. انهي ٻوليءَ کي "سرائيڪي آميز سنڌي" چوڻ بدران "سنڌي آميز

---

(١) "دو" لفظ سرائيڪيءَ جي "دا" ۽ سنڌي جي "جو" جو امتزاج آهي.

سرائيڪي" سڏجي تہ وڌيڪ صحيح ٿيندو. هيٺ مختصر طور ماٺيلي-
اڀاوڙي علائقي جي ٻولين جي ڇهن ئي قسمن جي وضاحت مثالي جملن سان
پيش ڪجي ٿي.

## (١) سرائيڪي کان متاثر سنڌي ٻولي

١. نياڻو مِلي "هُندي" تہ اچان "هائي."= نياڻو ملي "ها تہ" اچان "ها."
متئين جملي تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿيندو تہ رائج تحريري محاوري ۾
ماضي شرطيہ جو معاون فعل "ها،" هن ٻوليءَ ۾ "هائي" بڻجي ٿو وڃي. اُن
کان سواءِ ساڳيو "ها،" "هُندِي" ٿي بہ ڪم ايندو آهي. ماٺيلي- اڀاوڙي جي
عام ٻوليءَ ۾ "هُندِي" بدران هُند بہ رائج آهي.

٢. اهو سائين وينو ئي چو (وينو+ آهي+ ٿيو)= اهو سائين ويٺو آهي.

٣. اُٺ وينِي ٿيو (وينو+ آهي+ ٿيو)= اُٺ وينو آهي.

۴. ڏاچِي وينِي اي ڇِي (وينِي+ آهي+ ٿِي)= ڏاچي وينِي آهي.

متئين جملن جي سٽاء هوبهو سرائيڪي ٻوليءَ جهڙي آهي، اها صورت
سنڌي ٻوليءَ جي ٻئي ڪنهن بہ محاوري ۾ مستعمل نہ آهي. هن ٻوليءَ ۾ فعل
جي بناوت جو ٻيو نمونو بہ توجہ طلب آهي:

۵. چار پُٽ اِنس (آهن+ س= کيس)= چار پٽ اٿس.

٦. ڇگو کَر پَٽ هوئي (هُيو+ آهي)= گهٽو پوڙهو هو.

٧. اُتي ڪو چور لڪل هويو آ (هُيو+ آهي)= اتي ڪو چور لڪل هو.

٨. گهر ۾ جِنّ هوئِن (هيا+ آهن)= گهر ۾ جنّ هئا.

متئين جملن ۾ بہ "فعل" جي بناوت بالڪل سرائيڪي ٻوليءَ جهڙي آهي.
نہ رڳو فعل، پر "ظرف" جي استعمال ۾ بہ سرائيڪيءَ جو اثر نمايان آهي.
مثلاً: جَنگهان ماري ماري "مسائين" اِتي پڳُئون (ٽنگون هٽي هٽي "مس" هت
پهتا آهيون). سرائيڪيءَ وارا اهو جملو هن طرح چوندا "جنگهان مار مار،
"مسائين" اِتان پڳُون". سنڌيءَ ۾ ٻنھو ظرف "مس مس" بہ استعمال ٿئي ٿو،
جيڪو سرائيڪيءَ ۾ "مَرمَسائين" "مَس مَسائين" يا "مَسائين مَسائين" ڪري
ڪم آڻبو آهي. هتي مستري غلام حسين مَلڪ جا ڳالهايل مسلسل جملا، هن

ٻوليءَ جي وڏيڪ ترجماني ڪرڻ لاءِ پيش ڪجن ٿا:

| | |
|---|---|
| مزور هِتون جا هِني، | مزور هِتان جا اٿن، |
| ٻا ڏِينهه اُتي ڪم ڪييني، | ٻه ڏينهن اُتي ڪم ڪيو اٿن، |
| هاڻي اُڏاهِين نائِن ويندا، | هينئر اوڏانهن نٿا وڃن. |
| چَوندِن، جو هَر ڪوئِي لَبارو ڪندو بي، | چون ٿا (چوندا آهن) ته سيڪو لابارو پيو ٿو ڪري، |
| اسان وَدائون ڇا مزورين تي ڏِڪا ڪوندا، | اسين مزوريءَ تي ڏڪا ڪائيندا ٿا وتون. |
| منشي گڏيو هو، چاڻ آيو ڪَڙي، | منشي مليو هو، اجهو آيو بيٺو آهي. |
| ليکو چائي ڪَرو، حساب چُڙائي ڏيوو | ليکو ڪٽي ڪريو، حساب ڇڏائي ڏيو، |
| ٻڇي ڪوئي ڪڙي نه ڪڙي اُنهِن جي رضا. | ٻوءِ ڪو ڪم تي بيهي نه بيهي سندس مرضي. |
| هوڏون وَرِي مالڪ چوندي، | هوڏانهن وري مالڪ چوي ٿو، |
| مان آڙهتِي ڪون پَيسا گِڏا ڪونهيمان، | مون آڙهتي (ايجنٽ) کان پئسا نه ورتا آهن، |
| مان ڪاتون ڏيواني؟ | آءٌ ڪين ڪٿان ڏيان؟ |
| آڳلي ڏِينهه ڇَئيمس ته چيڪ ڪَڍي ڏِنيس، | اڳئين ڏينهن مون کيس چيو (چيو آهي) ته چيڪ ڪڍي ڏنائين، |
| اُهائِي ڪُوڙِي. | اُها ٻه ڪوڙِي. |
| مَنهجِي مَني نان ڇوڙي ڏيويني. | منهنجي مَحِين ته ڪين ڇڏي ڏي. |
| آپت ۾ وڃِي نِبڙدا. | پاڻ ۾ وڃي نبرندا. |

## مائيلي- اپاوڙي جي عام اتراڏي ٻولي

١. ڏِينهَن "پوري"، مائِي کي پُٽ ڄايو= پورن ڏينهن تي مائي کي پٽ ڄائو.

٢. هَلدِي شادي ۾ ڇيجڪ وِڏَين= هلندڙ شاديءَ ۾ رخنو وڌائين.

٣. ڪَٽِئي ۾ هُون، هارئي ۾ ڪونهيون= فائدي ۾ آهيون، گهاٽي ۾ نہ آهيون.
۴. بسترو وِڇيو پيو آ= بسترو وڇايل آهي.

ماٿيلي- اباوڙي جي ٻوليءَ وارا پنهنجي عادت مطابق ڪتي مصدر بدران اسم مفعول جي صورت جهڙو لفظ بہ ڪم آڻيندا آهن، پر ان کي اسم مفعول ڪنهن بہ حالت ۾ چئي نہ سگهبو. اهو لفظ هميشہ مصدر جي معنيٰ ۾ ڪم ايندو آهي ۽ سندس جنس هر حال ۾ مذڪر هوندي آهي. هتي مثال طور ڪي جملا پيش ڪجن ٿا، جن ۾ اهڙا لفظ استعمال ٿيل آهن:

١. ڪم "ڪَئي" کون سوا نہ سَرِدي= ڪم "ڪرڻ" کان سواءِ نہ سرندي (نبهندي).
٢. تُهجي "لِکئي" جو ڪو اثر نہ ٿيو= تنهنجي "لکڻ" جو ڪو اثر نہ ٿيو.
٣. ماني "ڪاڍي" کون اڳي دوا ونجائين= ماني "ڪائڻ" کان اڳ دوا وٺج.

هتي ڪَئي، لِکِئي ۽ ڪاڍي، ڪرڻ، لکڻ ۽ ڪائڻ بدران ڪم آيا آهن ۽ مصدر جي معنيٰ ڏيکارين ٿا. هن ٻوليءَ جا ڪي سلسليوار جملا ميان نبي بخش گهنيي جي زباني هت درج ڪجن ٿا:

| | |
|---|---|
| ٻال جَتِي جا يار هُون، | نندپڻ جا دوست آهيون، |
| اسان وٽ هيرجِي ڪَڌين نائين آيو. | اسان وٽ ارادو ڪري نہ ڪڏهن نہ آيو آهين. |
| اج آيو هين، | اج آيو هُئين، |
| تہ پُٽ کي وَنتِي چونا آيُئِين، | تہ پٽ کي ونيو چونہ آئين، |
| ڪائِي جَهت اسان وٽ اچِي جيراڻ ڪَري هائي. | ڪا گهڙي اسان وٽ اچي گذاري ها. |
| مانـي تِڪِي ڪوائـي ڪَرائِين، اڳنا روانو ڪَرُونس هائي. | مانـي تـڪـي ڪـارائـي، اڳتي روانـو ڪريونس ها. |
| ڏِيوي جُون لاتان بَرن هائي. | ڏيا ٻرن ها |
| تہ وڃي هائي پيو، | تہ هليو وڃي ها. |
| پَئِي رهي هائي تہ واهہ، | سمهي رهي ها تہ چڱو، |

نَتان جَهلونس تہ ڪون هائي. نہ تہ روڪيونس ڪين ها.

## (٣)راجستاني ٻولين کان متاثر سنڌي

١. ڪيڏي "ڳِدو" تو "وجين"؟= ڪيڏانهن ورتيو وَڃِين ٿو؟
(هن ٻوليءَ ۾ "ڳِدو" جي صورت رائج سنڌي محاوري (....يو) توڙي ماتيلي- اباوڙي جي ٻوليءَ (....يُون) واري نہ آهي.)
٢. "هو" لنگهِي "ڳِيو" گهر تہ "هي" لِڪتو (نڪتو) ٻاهر= هُو گهر ۾ گهڙِي ويو تہ هيءُ ٻاهر نڪتو.
٣. توکي ڪو "ڇَڏِين"= توکي ڪو ڇڏيان ٿو.
۴. "ٻاڄايان" ٻاڻ ۾ پيون "جهيڙِن"= ٻاڄايون ٻاڻ پيون جهيڙِين.
۵ . ميهار اڳيان "اُيو" هو= مهيار اڳيان بيٺو هو.
٦. "آن" "تَهجو" دوست، "ميکي" نہ "کا"= آءٌ تنهنجو دوست، مون کي نہ کاءُ.
٧. هت "تَهجا" "ڪين" رهن تا ڇا؟= ڇا تنهنجا هت ڇُرِبُر بند نٿا ڪن. (ڪين جو تلفظ غور طلب آهي.)
٨ . اسان "آري" "ڳالهٿين" ٻُدَ= اسان جون (واريون) ڳالهيون ٻُڌُ.
٩. اسان "ڳالهاٿاسي"، پر هن کي "ڪيٿين" تا "ٻُجُون"؟= اسان ڳالهايونسين، پر هن کي ڪٿي تا ٻهچون؟
١٠. ديگ تَڪن جي ڪَدي، "پو" "پاهُون" موٿي آيو= رپين جي ديگ ڪدي، پوءِ پنٿي موٿي آيو.
هتي ماضي معطوفيءَ جي صورت عام سنڌي محاوري جهڙي ڪم آيل آهي. تي سگهي ٿو تہ هن ٻوليءَ ۾ ماضي معطوفيءَ جي اها تبديلي،عام سنڌي محاوري جي اثر هيٺ ٿي هجي

## (۴) "شر" ٻروچن جي (شَرڪِي) ٻولي

١. "ريان" "هُون" "ياولان"، "ڪاتائون" ڪٿي "اُون" ويندا "رڙها"= ريون

ڍراپيل هيون، ڪاهيائون ڪٽي ۽ ويندا رهيا.
(ردان، هُون= هيون، ڍاولان= ڍراپيل، ڪاٿائون= ڪاهيائون، آون= ۽،
رَڙها= رهيا)
٢. پَرٽي مَهلي "چو" "هانئون" تہ "جا" ڪي رنگ "لواري "ڏينداسي"=
شاديءَ وقت چيو هئائون تہ جاءِ ڪي رنگ ڪرائي (لڳارائي) ڏينداسين.
(مَهلي= مهل، چو= چيو، هانئون= هئائون، جا= جاءِ، لواري= لڳارائي،
ڏينداسي= ڏينداسين)
٣. "آهير تي وِيو آ، سجاڻ "ويندي" رَڙهي" "تَس"، چرين "آنگين"
"ڳلهئينَدو" آ "پي"= جهور پوڙهو ٿي ويو آهي، سجاڻ نہ رهي اٿس، چرين
وانگيان پيو ڳالهائيندو آهي.
(آهير= جُهور پوڙهو، ويندي= وينڊِي، رَڙهي= رَهِي، تَس= اَٿس، آنگين=
وانگر، ڳلهئيندو= ڳالهائيندو، آ= آهي، پي= پيو)
٤. ڪٽڪ راهَجَندِي آ پي= ڪٽڪ پوڪِبي (راهِبي) پيئي آهي.
٥. ڪير ابي "آن" "ڌهُون" وتي آ= ڪير بابي وارن ڪان وٺي اچ.
(آن= وارن، ڌهُون= ڪان)
٦. هوش نہ "رَڙها" "هَن،" "تُهنُجو" پٽ "ٻُنڌائي" "هُندَ" تہ "تِين" "چَون"
"سَوين" جون ڦُٺيون ڏِيُونس "هائي"= هوش نہ رهيو (رهيا) آهي (آهِن)،
تُنهنجو پٽ ٻُڌائي ها تہ تن چٽن سَوَن جي ڪپهہ ڏيونس ها.
(رَڙها= رهيا، هَن= آهِن، تُهنُجو= تُنهِنجو، ٻُنڌائي= ٻُڌائي، هُندَ= ها، تِين=
تِن، چَون= چٽِن، سَوين= سَوَن، هائي= ها)
٧. "بِهجاهو"، "ماڪي" "ڪَئون"، "هَلجاهو"، نہ تہ احمد ڪي "چَونجا هو" تہ
ماسان ٻار "هَن" اچِي اسان ڪي ڪٽي وجي= بيهجو، مون ڪي ڪنيو هلجو، نہ تہ
احمد ڪي چئجو تہ مون سان ٻار ٻچا گڏ آهن، اچِي، اسان ڪي ڪٽي وڃي.
(بِهجاهو= بيهجو، ماڪي= مون ڪي، ڪَئون= ڪنيو، هلجاهو= هلجو،
چَونجاهو= چئجو، ماسان= مون سان، هَن= آهن)
٨. "تنهن" "مَهلين" هن ڪي الير چِلول (شاول) چڙهيا= اُن وقت هن ڪي ٻيا

ٻيا خيال اچي دل تي چڙهيا.
(تنهن= اُن، مَهلين= مهل، اُليرچَلول= ٻيا خيال)
٩. اِهي چا "هُندا" "هَن"، "جيڪي" تون لکندو "آن" "پي"؟= اهي چا آهن، جيڪِي تون لکي رهيو آهين؟
(هُندا= هوندا، هَن= آهن، جيڪي= جيڪِي، آن= آهين، پي= پيو)
١٠. ماني "ڪَواري"، ڇوڪري کي "پَواري" "ڇڏيَونس"= ماني ڪارائي، ڇوڪر کي سمهاري ڇڏيائون.
(ڪَواري= ڪارائي، پَواري= سمهاري، ڇڏيونس= ڇڏيائونس)

## (٥) هِندڪِي سنڌي

١. ڏِٺي ڪِيو، "سَيو" ڪُجهہ "اس"، مَتاج تہ "ڪَنِّين" جو ڪُوئِني= خدا جي مهربانيءَ سان سپ ڪجهہ اٿس، ڪنهن جو محتاج تہ نہ آهي.
(ڏٺي ڪِيو= ڏِٺي گُهريو آهي، سيو= سپ، اِس= اٿس، ڪَنِّين= ڪنهن، ڪُوئِني= ڪونہ آهي)
٢. چا "لِکداوي"، "اُڏائون" جا "ماٺُو" "اِيئِن" "ڳلهينداٰئِن= چا لکندؤ، انهيءَ پاسي جا ماٺهو ائين ڳالهائيندا آهن.
(لِکداوي= لکندؤ، اُڏائون جا= انهيءَ پاسي جا، ماٺُو= ماڻهو، اِيئِن= ائين، ڳلهينداٰئِن= ڳالهائيندا آهن)
٣. گابو "ٻَدِم" هرو يرو ڳئو پيو "ڇڳڙدو" هو= گابو ٻَڌو اٿم، چاڪاڻ تہ ڳئون جي خالي ٿڻن کي اجايو چنبڙيو پيو هو.
(ٻَدِم= ٻَڌو اٿم، ڇڳڙدو= ڇڳڙيندو)
٤. چنيون ڏاڍيون آيون "اِن" "وَنِي"= چُنيون گهڻيون آيون آهن.
(اِن= آهن، "وَنِي زائد لفظ آهي، تڪيہ ڪلام طور ڪم ايندو آهي)
٥ . اَوتي نِپتِي وينِي "اي" "پُٽِدي"= اَوتي نِپُتِي گاريون وينِي تي ڏئي.
(اي= آهي، پُٽِدي= گاريون ڏيندي)
٦. چِڙِي مُئِي کي اسان چا "ڪِيي"= شل چِڙِي مَري، اسان کيس ڪهڙو نقصان پهچايو آهي. (ڪِيي= ڪيو آهي)

٧. چوَندو تہ ٻيو "هَئِين"، "پرايو" مال "کاوَڻ" سوکو "لڳدي"= چوانءِ تہ
ٿو، تہ پرائو مال کائڻ سولو ٿو لڳي.
(هَئِين= آهيانءِ، پرايو= پرائو، کاوَڻ= کائڻ، لڳدي= لڳندو آهي)

٨ . "ٿوپڻ ٻيُو" آيوئي "ڪوئِيني"، تون ماني وجي "ڪنوَئِي"= ٿوپڻ جو ٻيءُ،
آيوئي ڪونهي، تون وجي ڪين ماني کاراءِ.
(ٿوپڻ ٻيُو= ٿوپڻ جو ٻيءُ، ڪوئِيني= ڪونهي، ڪنوَئِي= ڪين کاراءِ)

٩. اگهہ ٻيو هاٿي "ڪاڏون" چڙهدو"= هينئر وري اگهہ ڪٿان چڙهندو.
(ڪاڏون= ڪٿان، چڙهدو= چڙهندو)

١٠. "ويئڻ" ڪرڻ "مان" وٿ هُوندوني= سندن اٿڻ ويهڻ مون وٽ هوندو
هو.
(ويئڻ= ويهڻ، مان= مون، هُوندوني= هُوندو هُينِ.)

## (٦) سنڌي آمير سرائيڪي

هن ٻوليءَ تي اڳ ۾ بہ ڪافي بحث ٿي چڪو آهي، ويتر هيءَ ٻولي سنڌيءَ
جي دائري کان بہ ٻاهر معلوم ٿئي ٿي، تنهنڪري سندس اپٽار طوالت جو
باعث ٿيندي.

# سنڌيءَ جي رائج تحريري محاوري ۽ ماٿيلي- اڀاوڙي جي ٻوليءَ جا اختلاف

سنڌي ٻوليءَ جي موجوده تحريري محاوري ۽ اتراڊي محاوري ۾ نہ رڳو لغت ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ فرق آهي، پر لفظن کي اچارڻ ۽ گرامر جي قاعدن موجب سندن جڙڻ جي طريقن ۾ بہ ٻيئي محاورا هڪٻئي سان گهڻو اختلاف رکن ٿا. اهي اختلاف "ماٿيلي- اڀاوڙي علائقي" واري ٻوليءَ ۾ ويتر وڌي وڃن ٿا. هتي انهن اختلافن جي ڪجهہ قدر وضاحت ڪجي ٿي.

**مصدر جي بناوت:** ٻوليءَ جو بنيادي لفظ مصدر آهي. ڏسڻو هيءُ آهي تہ ٻنهي محاورن ۾ مصدر جي صورت ڪهڙي آهي. معياري محاوري ۾ مصدر جو علامتي "ڻ" نہ فقط متحرڪ ٿئي ٿو، پر اُن جو هر حالت ۾ "اُ" جو اچار هوندو آهي، مثلاً: اَچَڻُ، لِکَڻُ، مارِڻُ وغيره، پر اهو ساڳيو مصدر جڏهن "ماٿيلي- اڀاوڙي" جي ٻوليءَ ۾ اچارجي ٿو، تڏهن سندس علامتي "ڻ" ساڪن ٿيو پوي، جهڙوڪ: اَچَڻ، لِکَڻ، مارَڻ وغيره. ٻي ڳالهہ تہ رائج تحريري محاوري ۾ علامتي "ڻ" کان اڳيئن اکر تي يا "زبر" جو اچار هوندو آهي يا "زير" جو، مثلاً وَنَڻُ، موڪِلِڻُ وغيره. پر "ماٿيلي- اڀاوڙي" جي ٻوليءَ ۾ علامتي "ڻ" کان اڳ واري اکر تي هميشہ "زبر" اچي ٿي، سواءِ انهن مصدرن جي، جن جي علامتي "ڻ" کان اڳ وارو اکر "همزو" هوندو آهي. انهيءَ ڪري هن ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ "مارِڻُ" کي "مارَڻ" ۽ "ساڙِڻُ" کي ساڙَڻ" ڪري اچاريندا آهن. ڇو تہ انهن وٽ لازمي فعل جي مصدر جي، متعدي فعل جي مصدر ۾ تبديليءَ جو قاعدو، رائج تحريري محاوري جي قاعدي کان مختلف آهي: معياري محاوري جي هڪ قاعدي موجب لازمي مصدر جي پهرين "اَ" مٿائي "آ" ڪبي آهي، ۽ ٻي "اَ" مٿائي "اِ" ڪبي آهي. انهيءَ اصول موجب لازمي فعل جو مصدر، متعدي فعل جي مصدر ۾ هيٺينءَ ريت تبديل ٿيندو آهي:

| لازمي صورت | متعدي صورت |
| --- | --- |
| ٻَرَڻُ | ٻارِڻُ |
| تَرَڻُ | تارِڻُ |
| ڳَرَڻُ | ڳارِڻُ |
| مَرَڻُ | مارِڻُ وغيره. |

پر ”ماٿيلي- اڀاوڙي“ جي ٻوليءَ ۾ خواه سموري اتراڏي محاوري ۾ لازمي فعل جي مصدر جي، متعدي فعل جي مصدر ۾ تبديل ٿيڻ وقت، ڦيرين ”اَ“ نہ ”آ“ ۾ تبديل ڪبي آهي، پر ٻي ”اَ“ کي ساڳيءَ صورت ۾ رهڻ ڏنو ويندو آهي. تنهنڪري ”ٻَرَڻ“ مان جي ”ٻارڻ“ ۽ ”مَرَڻُ“ مان جي ”مارَڻ“ ٿئي ٿو.

سنڌي ٻوليءَ جا اُهي مصدر، جن جي علامتي ”ڻ“ کان اڳ وارو اکر ”همزو“ هوندو آهي، تن جي جاءِ تي ”ماٿيلي- اڀاوڙي جي علائقي“ وارا سرائيڪي زبان جا مصدر ڪم آڻيندا آهن، مثلاً ڳائڻ وڃائڻ بدران ڳاوَڻ وڃاوَڻ ۽ ڪائِڻ بدران ڪاوَڻ وغيره. ”ماٿيلي- اڀاوڙي“ وارا مٿين صورت ۾، مصدر جي علامتي ”ڻ“ کان اڳ واري اکر تي زبر قائم رکندا آهن، پر اهڙا مصدر، جن کي سرائيڪي مصدر سان نہ مٽائيندا آهن، تن ۾ ”همزي“ جي ”زير“ (اِ) برقرار رهي ٿي، جهڙوڪ: ڪپائِڻ، ڏڪائِڻ، آترائِڻ وغيره، تاهم علامتي ”ڻ“ هر حالت ۾ ساڪن رهي ٿو.

رائج تحريري محاوري جا اهڙا ڪيترائي مصدر آهن، جي يا تہ ”ماٿيلي- اڀاوڙي“ جي ٻوليءَ ۾ رائج ئي نہ آهن، ۽ سندن جاءِ تي ٻيا هم معنيٰ مصدر ڪم اچن ٿا، يا وري سندن صورت ڪافي بگڙيل آهي. هتي نموني طور ٻنهي محاورن جي مصدرن جي ڀيٽ ڪجي ٿي:

| رائج تحريري محاورو | ماٿيلي- اڀاوڙي علائقي جو محاورو |
| --- | --- |
| آزارڻ | آزارڻ |
| آلاپڻ | آلاپڻ |

| | |
|---|---|
| آگهارڻ (مٽو)= ڌوئڻ | اگهارڻ |
| آٿڻ | آنڊڻ |
| آتارڻ | آترائڻ |
| اُڏامڻ | اُڏرڻ |
| اُڏائڻ | اُڏارڻ |
| اُجلڻ | سَنَڊڻ |
| اُٿڻ | اُٺڻ |
| اُتارڻ | اُٿائڻ |
| اُبامڻ | اُبرڻ |
| اُڳاڙڻ | اڳوڙڻ |
| اُجڙڻ | اُجڙڻ |
| اُجاڙڻ | اُجاڙڻ |
| اوڳارڻ | اُڳارڻ |
| اورانگهڻ | اُلانگهڻ |
| ٻيهڻ | ڪڙَڻ |
| ٻيهارڻ | ٻهائِڻ |
| ٻِگاڙڻ* | وِڳاڙڻ |
| ٻاسڻ | ميڃڻ |
| بدلو ڏيڻ | عيوض ڏيڻ |
| ٻاڪارڻ | ٻاڪڻ |
| ٻُڏائڻ | ٻُڏاوڻ |
| ٻاٿڻ | سمجهڻ |
| ٻِجڻ= آلو ٿيڻ | پُسائڻ |

* بگاڙڻ مان بگيڙو= وِگوڙ "ماتيلي- اباوڙي" جي ٻوليءَ ۾ رائج آهي.

| | |
|---|---|
| تَرسݨ | بیھݨ، ٹِکݨ |
| تھکݨ | تپݨ |
| ٹنگون سݙیون کرݨ= آرام کرݨ | جِنگھون ݙگھارݨ |
| ٹکرا ٹکرا کرݨ | ٹوٹا ٹوٹا کرݨ |
| تھرائݨ | تَھوائِݨ |
| پائݨ | پاوݨ |
| ٻھرݨ | پاوݨ |
| ٻھچائݨ | پچائݨ |
| ٻُھچݨ | پُچَݨ |
| پوکݨ | راھݨ |
| پروڑݨ | سمجھݨ |
| پتوڑݨ | کوشش کرݨ |
| پیارݨ | پیائݨ |
| پرچائݨ | پرچاوݨ |
| پکیڑݨ | کندبیرݨ، کندبائݨ |
| پِیسائݨ | بھائݨ |
| جیارݨ | جوائݨ |
| جیئرو کرݨ | جِیندو کرݨ |
| جیئݨ | جیوݨ |
| جوڑݨ | ناھݨ |
| جُڳائݨ | تَھݨ |
| جاڳائݨ | جڳائݨ |
| ڄاݨݨ | سمجھݨ |
| ڄمݨ | ڄاوݨ |
| ڄاݨائݨ | ڄتائِݨ |

| | |
|---|---|
| جُھونگارڻ | جُھنگارڻ |
| ڇُھڻ | ڇنبڙڻ |
| ڇيرائڻ | ڇِرائڻ |
| ڇيڙائڻ | چڙائڻ |
| ڇتائڻ | ڇتاوڻ |
| ڇنڻ | ٽوڙڻ |
| ڇانٽڻ | ڇاندڻ |
| ڇُھڻ | ھٿ لائڻ |
| ڏيائڻ | ڏياوَڻ |
| ڏائڻ | ڏاوڻ |
| ڏارائڻ (ٻُبو) | ڏنوائڻ |
| ڏوئڻ | ڏووَڻ |
| ڏِڪارڻ | نفرت ڪرڻ |
| ڏيڻ | ڏيوڻ |
| ڏيارڻ | ڏوائڻ |
| ڏُڪائڻ | ڏڪاوَڻ |
| ڏيڪارڻ | ڏڪائِڻ |
| ڏوڙڻ | ڏُڪَڻ |
| ڏيچارڻ | ڏِچارڻ |
| ڏوئڻ | ڏوھَڻ |
| روئڻ | رووَڻ |
| روڪڻ | جَھلڻ |
| سِينگارڻ | سِنگارڻ |
| سنوارڻ | سڌارڻ |
| سَلڻ | ٻُڌائڻ |

| | |
|---|---|
| ساندڻ | سانيڻ |
| سمائجڻ | مائجڻ |
| ستائڻ | ستاوڻ |
| سيبائڻ | سبائڻ |
| سيکارڻ | سيکائڻ |
| سامائجڻ (وياءُ جو جوان ٿيڻ) | سمائجڻ |
| سونپڻ | حوالي ڪرڻ |
| ڦاٿڻ | ڦاٿجڻ |
| ڦهلائڻ | کنديرڻ، کندائڻ |
| ڦيرائڻ | ڦرائڻ |
| ڪتڻ | ڪپڻ |
| ڪُسڻ | ڪُنهجَڻ |
| ڪوٺڻ | سڏڻ |
| ڪوٺائڻ | سڏائڻ |
| ڪُومائجڻ | ڪُمائجڻ |
| کائڻ | کاوڻ |
| کاجڻ | کائجڻ |
| کٽڻ | چائڻ |
| کاکوڙڻ | ککولڻ |
| کڙ کَڻُ= ٻُڙو جهڳڻ | کرکَڻ |
| کارائڻ | کوائڻ |
| ڳائڻ | ڳاوڻ |
| ڳنهڻ | گِهَڻ |
| گُهورڻ | ڏِسڻ |
| گهُرڻ | مَنگڻ |

| | |
|---|---|
| گهورڻ | صدقو ڪرڻ |
| گُهمائڻ (ترار) | يَنوائِڻ |
| گهرائڻ | منگائڻ |
| لتڪڻ | لِڙڪَڻ |
| لتڪائڻ | لِڙڪائِڻ |
| لڳائڻ | لائڻ |
| ليٽائڻ | لِٽائِڻ |
| ليلائڻ | لِلهائڻ |
| لِڪائِڻ | لُڪائڻ |
| لُڄڻ* | قُتڪڻ |
| لڳ ڪاندارجڻ | لڳ ڪندارَجڻ |
| موٽڻ | وَرَڻ |
| موٽائڻ | مُٽائِڻ |
| ماپجڻ | مَپجڻ |
| ميڙڻ | گڏ ڪرڻ |
| موڪلڻ | مُنجڻ |
| ميڄڻ | مَنڻ |
| مڱڻ | منگڻ |
| موڪلڻ | مُنجڻ |
| ميسارڻ | مسارڻ |
| مارائِڻ | مَرائڻ |
| مڙڻ | ملڻ |
| ميڄائڻ | منائڻ |
| موڪلائڻ | مُڪلائڻ |

* ليڄڻ مصدر جو هڪ قسم لُڄ پُڄ "ماتيلي- اباوڙي" جي ٻوليءَ ۾ رائج

| | |
|---|---|
| مٺيان لڳڻ | ڪاوڙ لڳڻ |
| ماٺ ڪرائڻ | چپ ڪرائڻ |
| ماپڻ | مائڻ |
| نباهڻ | نيائِڻ |
| نبيرڻ | نبيڙڻ |
| نِٽڙڻ | نِوڙَڻ |
| نِيُڻُ | نيوَڻ |
| نهارڻ | ڏسڻ |
| ويچارڻ | وِچارڻ |
| واٽڙو ڪرڻ | وٽڙو ڪرڻ |
| ولوڙڻ | جهُڳڻ |
| وڍڻ | ڪپڻ |
| وڪامِڻ | وڪجڻ، وڪائوجڻ |
| وڃائڻ | وڃاوڻ |
| وهنجڻ | ڌائڻ |
| وهنجارڻ | ڌوائڻ |
| ووڙڻ | وَٽڙَڻ |
| والارڻ | ولارڻ |
| وڌڻ ويجهڻ | وڌڻ |
| ويهارڻ | وِهائِڻ |
| واٽ ڏسڻ | دڳ لائڻ |
| وِسائِڻ | وساٽڻ |
| ورائي وٺڻ | مُٽائي وٺڻ |
| هلڻ | جُلڻ |
| هٽڻ | مارڻ |

هيرائڻ    هرائڻ

هُونَڪَڻُ= سَهڪڻ    هَونڪَڻ

هٿڻ    هووَڻ

# سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي آخري حرف تي حرڪت وارو اصول

سنڌي ٻوليءَ جي اتراڌي محاوري (خصوصاً ماتيلي- اٻاوڙي واري علائقي جي ٻولي) ۽ سيني محاورن ۾ هيءَ نمايان فرق آهي تہ سنڌي زبان جي "متحرڪ الاخر" واري مسلمہ قاعدي جي برخلاف، اتراڌي محاوري ۾ لفظن جو آخري اڪر سدائين ساڪن هوندو آهي. هن اختلاف جي نشاندهي ڪان اڳ مذڪور قاعدي جي وضاحت ضروري آهي.

لسانيات جا ماهر، لفظن جي ٿوري مٽ سٽ سان، عام طور تي هن راءِ جا آهن تہ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جا پويان "حرف صحيح" متحرڪ ٿين ٿا، البتہ ڪن هنڌن تي سندن حرڪت جي پٺيان "نون غنو" بہ شامل هوندو آهي. اها خصوصيت ايتري اهم آهي، جو سنڌي لسانيات جي تقريباً سيني ماهرن ان جو ذڪر ڪيو آهي.

جارج شرٽ سنڌي ٻوليءَ جي بنياد ڪي ڪنهن دراوڙي ٻوليءَ مان ثابت ڪرڻ لاءِ، جيڪي ڇهہ مکيہ دليل ڏنا آهن، تن مان پهريون دليل هن طرح آهي:

"لفظن جي آخري حرف تي حرڪت وارو اصول سنڌي توڙي دراوڙي زبان ۾ ساڳيو آهي."

جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هن دليل جي وضاحت هن طرح ڪن ٿا تہ: "شرٽ جي هن دليل جو خلاصو هن طرح آهي تہ "هر سنڌي لفظ جي پڇاڙي حرڪت يا نون غني سان آهي." (١)

ڊاڪٽر غلام علي الانا سنڌي ٻوليءَ جي مزاج متعلق قطعيت سان چوي ٿو تہ "سنڌي زبان جي هر لفظ جي آخر ۾ ڪونہ ڪو سُر (Vowel) ضرور ايندو آهي، يعني سنڌي زبان جي هر مفرد لفظ جي آخر ۾ ساڪن وينجن (Consonant)† نہ ايندو آهي، پوءِ چاهي اهو وينجن مفرد هجي يا

---

(١) سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي تاريخ: ٿيون ايڊيشن، ١٩٩٠ع، ص ٧ ۽ ٨

مرڪب."(١)

ڀيرو مل مهرچند آڏواڻيءَ جو چوڻ آهي تہ "سنڌي ٻوليءَ جي ٻهرين ۽ مکيہ خاصيت يا خاص ڳالهہ هيءَ آهي تہ: سنڌي جي ڪهڙي بہ لفظ جو پڇاڙيءَ ۾ يا تہ ڪو حرف علت، يا تہ ڪا اعراب، آهي ئي آهي. اهو نمونو ڪشميري ۽ اُڙيا يعني اوڙيسا جي ٻولين کان سواءِ، ٻي ڪنهن بہ ڏيهي ٻوليءَ ۾ تہ ڪونهي، پر خود سنسڪرت ۾ بہ ڪونهي! (٢)

پيرومل، ڊاڪٽر ٽرمپ جي ڪتاب سنڌي گرامر (ص ـ ٣١) جو حوالو بہ ڏنو آهي، جو هت درج ڪجي ٿو:

"By this vocalic termination the Sindhi has preserved a flexibility, and at the same time sonorousness, of which the other modern vernaculars are completely destitute.

شرف الدين اصلاحي لکي ٿو تہ (٣) سندهي مين کوئي مصمتہ آخري حالت مين نهين آتا. کيون کہ الفاظ هميشہ کسي نہ کسي حرکت يا حرفِ علت پر ختم هوتي هين. ٽرمپ لکهتي هين:

"In confirmity with the Sindhi laws of sound no word concend is a silent consonant"(3)

اس کليہ سي بعض وه الفاظ مستثنيٰ هين جو عربي فارسي سي سندهي مين داخل هوئي- ايسي الفاظ اردو کي طرح سندهي مين بهي ساکن الاخر هوتي هين- اس کہ علاوه جب کوئي لفظ کسي مرکب کلمہ کا جز هوتا هي تو بهي اس لفظ سي حرکت اڑا دي جاتي هي- مثلاً حالت مفرد مين دل کي لام مکسور هوتي هي- ليکن دلجمعي مين بصورتِ ترکيب مجزوم هوتي هي- اس کو الفاظ کي تصريفي اشکال کهتي هين-

سندهي متحرک الاخر هوني کي معاملہ مين دوسري هند آريائي زبانون سي بالخصوص اردو سي بالکل مختلف هي- اردو کي تمام الفاظ سندهي کي

---

(١) سماهي مهراڻ: نمبر٢ سال ١٩٧٩ع، ص١٢٩

(٢) سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ: ڇاپو٢ سال ١٩٦٦ع، ص٣٢٣

(٣) اصلاحي صاحب اهو حوالو لڇمڻ مولچند جي تصنيف "سنڌي فونولاجي"، ص ٥١ تان ورتو آهي.

برعکس ساڪن هوتي هين. اردو سندهي ڪا يہ اختلاف بنيادي هي(١)

تقريبا سمورا برک محقق، جن لسانيات جو گهري طرح مطالعو ڪيو آهي، سي متي ڄاڻايل اصول جي پٺڀرائي ڪن ٿا. بلڪ سنڌي ٻوليءَ جي انفراديت ئي انهيءَ ۾ ٿا سمجهن تہ ان جي لفظن جا آخري حرف ساڪن نہ آهن. پر ان جي برعکس جڏهن اترادي محاوري، خصوصا "ماتيلي ـ اٻاوڙي علائقي" جي ٻوليءَ جو جائزو ورتجي ٿو، تڏهن ائين معلوم ٿئي ٿو تہ اهو قاعدو گهٽ ۾ گهٽ انهيءَ علائقي جي سنڌي ٻوليءَ سان لاڳو ڪونهي. هن علائقي جي ٻوليءَ ۾ مستثنيات ڪان سواءِ سيني لفظن جا آخري حرف يا آخر ۾ آيل نون غني ڪان اڳ وارا حرف ساڪن هوندا آهن. اها ٻولي هڪ وسيع علائقي جي زبان آهي، جنهن جي مطالعي ڪان سواءِ، سنڌي ٻوليءَ لاءِ ائين چئي ڇڏڻ تہ اها متحرڪ الاخر زبان آهي، ڪنهن بہ طرح درست نہ آهي. تعجب آهي تہ هن علائقي جي ٻوليءَ جي امتيازي خصوصيت جو ذڪر ڪنهن بہ لساني ماهر نہ ڪيو آهي. ڀيرو مل تہ هن ڳالهہ کي پاڻ وڏيڪ منجهائي وڌو آهي.هو چوي ٿو تہ: "سنڌيءَ ۾ سيڪنهن لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ ڪا نہ ڪا اعراب آهي، جنهن جو اچار سرحد (ماتيلي- اٻاوڙي وارو علائقو) ذي ڇيڙيءَ ريت ڪن ٿا ۽ شڪاربوري اهو سُر سان اچارين ٿا. وچولي طرف ان جو اچار اهڙو اڻ لکيءَ طرح ڪندا آهن، جو ڌاريو ماڻهو سندن ڳالهائڻ مان جيڪر سمجهي ڪين سگهي، تہ هرهڪ لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ ڪا اعراب آهي. لاڙ جا ماڻهو خاص ڪري هندو، اهو اچار اڪثر ڪونہ ڪن."(٢)

ٻئي هنڌ ڀيرو مل اڃا بہ وڌيڪ وضاحت سان لکيو آهي تہ، "هن وقت سنڌيءَ ۾ سيڪنهن لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ ڪانہ ڪا اعراب آهي ئي آهي. انهن پڇاڙي وارين اعرابن هينئرئي لڏڻ جو سانباهو ڪيو آهي: لاڙ ۾ انهن جو اچار اڪثر ڪونہ ڪن. اهي گهڻو وقت ڪين جٽينديون، جو اکرن جي پدن تي زور ڏيڻ جي ترتيب (Accent System) ڦرندي پيئي وڃي"(٣)

---

(١) شرف الدين اصلاحي: اردو سندهي کي لساني روابط، اشاعت ١٩٨٧ع، ص ١٨٨-١٨٩

(٢) سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، ڇاپو ٻيو، سال ١٩٦٦ع، ص ١٣٠ - ١٣١

(٣) سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ڇاپو٢ سال ١٩٦٦ع ص-٢٨٠.

ڪاڪي پيرو مل جي لکڻ مان اهو نتيجو ٿو نڪري تہ:

(۱) هن وقت سنڌيءَ ۾ سڀ ڪنهن لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ ڪانہ ڪا اعراب آهي ئي آهي.

(۲) انهن پڇاڙيءَ وارين اعرابن هينئر لڏڻ جو سانباهو ڪيو آهي.

(۳) سنڌ جي هينئين ياڱي لاڙ ۾ لفظ جي پڇاڙيءَ واري اعراب اڪثر ڪانہ اچاربي آهي.

(۴) وچولي طرف لفظ جي پڇاڙي واري اعراب، اهڙي اٽلکي نموني اچاريندا آهن، جو ڌاريو ماڻهو ان کيۡ اعراب نہ سمجهندو آهي.

(۵) سرحد (ماتيلو- اٻاوڙو علائقو) وارا لفظ پڇاڙيءَ واري اعراب چٽيءَ طرح اچاريندا آهن.

(٦) شڪارپوري لفظ جي پڇاڙيءَ واري اعراب سُر سان اچاريندا آهن.

معلوم ٿئي ٿو تہ پيرو مل کي "ماتيلي- اُٻاوڙي علائقي" جي ماڻهن سان ملڻ جو شايد ڪڏهن موقعو نہ مليو هو. ان ڳالهہ جي ثابتي سنڌس ٻين تحريرن مان پليءَ پٽ ملي ٿي. سنڌيءَ ٻوليءَ جي تاريخ ۾ پيرومل اٻاوڙي جي ٻوليءَ تي اڌورو، اٿپورو ۽ اڻ چٽو تبصرو ڪيو آهي. پاڻنجي ٿو تہ هن ڪنهن اهڙي راويءَ جي حافظي تيۡ اعتبار ڪيو آهي، جو نہ تہ اٻاوڙي جو رهاڪو معلوم ٿو ٿئي، ۽ نہ وري ٻڌل ڳالهين کي اصلي صورت ۾ ذهن ۾ محفوظ ڪرڻ جي صلاحيت ٿو رکي. اٻاوڙي جي ٻوليءَ متعلق پيرو مل جي ڪيل تحقيق تي اڳتي هلي تبصرو ڪبو، في الحال ايترو يقين سان چئي سگهبو تہ پيرو مل جو اهو چوڻ ڪنهن بہ صورت ۾ درست نہ آهي تہ سرحد وارا لفظ جي پڇاڙيءَ واري اعراب کي وڌيڪ چٽو ڪري اچاريندا آهن.

**جملي جي آخري حرف جي اعراب:** "ماتيلي . اٻاوڙي" جي ٻوليءَ ۾ لفظ جو پويون اکر هميشہ ساڪن هوندو آهي، اهڙا چند اکر آهن، جن تي انتهائي اڻ لکي اعراب جو گمان ٿئي ٿو، نہ تہ عام طور تي سڀ لفظ ساڪن الاخر آهن. اتراڌي محاوري وارا ڪَٽَ کي ڪَٽ، چِتِ کي چِت، لَٿِ کي لٿ، پُٽُ کي پُٽ ۽ پيرُ کي پير ڪري اچاريندا آهن، ۽ مذڪر اسمن جي واحد

توڙي جمع لاءِ ساڪن الاخر وارو هڪڙو ئي لفظ استعمال ڪندا آهن، ۽ جيڪڏهن رائج تحريري محاوري جي ڪنهن لفظ جي آخر ۾ نون غنو هوندو آهي ته اتر سنڌ وارا ان کان اڳين حرف صحيح يا وينجن کي ساڪن ڪري ڇڏيندا آهن. اهڙيءَ حالت ۾ نون غنو ازخود حذف ٿيو وڃي. هڪ ڳالهه ڌيان لهڻو ته نون غني جو اچار، جڏهن ڪنهن لفظ جي آخر ۾ ايندو ته ان کان اڳ وارو اکر يا ته حرف علت هوندو آهي يا وري "هہ" يا "ء" (همزو) هوندو آهي، اهڙي حالت ۾ آخري حرف تي زبر، زير يا پيش جو اڻ لکو اچار شامل ڪيو ويندو آهي. تڏهن آخري حرف تي زبر، يا پيش جو اڻ لکو اچار شامل ڪيو ويندو اهي. وڌيڪ وضاحت لاءِ نون غني پڇاڙي رکندڙ اهڙن لفظن جا ڪجهه مثال پيش ڪجن ٿا، جن ۾ نون غني کان اڳ ۾ "هہ" ۽ "ء" جو اچار آهي.

| اتراڏي محاورو | معياري محاورو |
|---|---|
| ڏِينهہ | ڏِينهُن، ڏِينهَن |
| شِينهہ | شِينهُن، شِينهَن |
| مينهہ، مَينهُون | مينهن، مينهِيُون |
| جَنهہ، تَنهہ، ڪَنهہ | جَنهِن،تَنهِن، ڪَنهِن |

"ماتيلي - اپاوڙي" جي ٻوليءَ ۾، جڏهن ڏِينهہ ۽ شِينهہ اچارجي ٿو، تڏهن آخري "هہ" مڪمل طور تي ساڪن نہ هوندو آهي، بلڪ منجهس "اَ" جو اچار انتهائي اڻ لکي نموني سمايل هوندو آهي. هتي هڪ ٻيو نُڪتو بہ توجہ طلب آهي تہ معياري محاوري ۾ ڏِينهُن ۽ شِينهُن جو عدد واحد آهي ۽ ڏِينهَن ۽ شِينَهَن جو عدد جمع آهي، پر اُتر سنڌ وارا واحد توڙي جمع لاءِ ساڳيو لفظ (ڏِينهہ ۽ شِينهَہ) ڪم آڻيندا آهن. واحد ۽ جمع جي سڃاڻ وڃي فعل جي صورت مان معلوم ٿيندي آهي. انهي قبيلي جا ٻيا بہ ڪيترائي لفظ آهن، جهڙوڪ نِينهُن، مِينهُن وغيره. ساڳيءَ طرح معياري محاوري ۾ مينهَن واحد ۽ ان جو جمع مينهِيُون آهي، پر اُتر سنڌ وارا مينهن کي مينهُون ڪري اچاريندا آهن. اصولي طور تي اتراڏي محاوري ۾ "مينهہ" لفظ جي "هہ" ۾ "اِ"

(زير) جو نهايت اٽلڪو اچار سمايل هئڻ ڪري پر هتي ”هہ“ تي زبر جو اٽلڪو اچار رائج آهي، البتہ جَنهہ (جَنهِن)، تَنهہَ (تَنهِن) ۽ ڪَنهہ (ڪَنهِن) ۾ ”اِ“ جو اٽلڪو اچار سمايل آهي. جڏهن، تڏهن ۽ ڪڏهن ۾ بہ نون غني جي اڳيان حرف صحيح ”هہ“ متحرڪ اچي ٿو، پر اهي لفظ اتراڏي محاوري ۾ مٿي ڄاڻايل قاعدي موجب نٿا جڙن، ڇو تہ اهي لفظ اتر سنڌ ۾ جَڏِين، تَڏِين ۽ ڪَڏِين تي استعمال ٿين ٿا.

معياري ٻوليءَ جي لفظن جي آخر وارا اهڙا نون غُنا، جن جي اڳيان متحرڪ ”ء“ (همزو) هوندو آهي، تن جو نون غنو اتراڏي محاوري ۾ حذف نہ ٿيندو آهي، اتي رڳو همزي جي اعراب کي حرف علت ۾ بدلائبو آهي، مثلاً: جِيئن، تِيئن، هِيئن ۽ ڪِيئن وغيره کي اتراڏي محاوري ۾ جِينئين، تِينئين، هِينئين ۽ ڪِينئين وغيره ڪري اچاريندا آهن.

مٿي ڄاڻايل ڳالهين جي بنياد تي هيئن چئي سگهبو تہ اتراڏي سنڌيءَ ۾، لفظن جي آخر ۾ اعرابن جو استعمال نہ هئڻ جهڙو آهي، ۽ انهيءَ ڪري ئي اتراڏي محاوري ۾ ”صوتي مجمعا“ يا ”لاڳيتا ساڪن“ عام جام استعمال ٿين ٿا.

# ماٿيلي - اڀاوڙي جي ٻولي ۾ صوتي مجمعا

سنڌي زبان جي رائج تحريري محاوري ۾ صوتي مَجمَعَنِ (Consonantal clusters) کي نهايت گهڻ اهميت ڏني ويئي آهي، ايتري قدر جو انهن کي صحيح نموني اچارڻ لاءِ اسان جي رسم الخط ۾ ڪي تحريري علامتون موجود نہ آهن، جن جي آڌار تي اسان صوتي مجمعن کي درست هِجي سان پڙهي سگهون. سنڌي رسم الخط ۾ اعرابن جو نظام ساڳيو عربي فارسي زبانن وارو آهي، پر جيئن تہ عربي فارسي ۾ صوتي مَجمَعَا لفظ جي ابتدا ۽ وچ ۾ نٿا اچن ۽ فقط آخر ۾ تين ٿا، تنهنڪري زيرين زبرن جي انهيءَ نظام ۾ ابتدائي ۽ درمياني "صوتي مجمعن" جي نشاندهيءَ لاءِ اسان جي حرڪات ۽ سڪنات جي دائري ۾ ڪا گنجايش ئي نہ آهي. ان جي ڀيٽ ۾ هندي ۽ سنسڪرت زبانن ۾ ابتدائي ۽ درمياني "صوتي مجمعا" تہ آهن، پر انهن جي "هِجي" وارو نظام اسان وٽ رائج نہ آهي. بس ائين ڪٿي چئجي تہ اسان جي رسم الخط ۾ "صوتي مجمعن" جي صحيح ادائگيءَ لاءِ زيرين زبرن جو موجوده نظام ناڪافي آهي. تحريري صورت ۾، جن لفظن ۾ "صوتي مجمعا" (Consonantal Clusters) موجود آهن، تن کي اهلِ زبان تہ سماعي تجربن جي بناء تي پڙهي سگهن ٿا، پر غير زبان وارن لاءِ زيرين زبرن جي غير موجودگيءَ ۾، اهڙن لفظن کي درست طريقي سان پڙهڻ انتهائي مشڪل آهي.

لسانيات جي ماهرن جي اڪثريت هن خيال جي آهي تہ سنڌي زبان ۾ (رائج تحريري محاورو) صوتي مَجمَعا ابتدا ۽ درميان ۾ تہ گهٽو اچن ٿا، پر لفظن جي آخر ۾ تمام گهٽ آهن. سندن چوڻ آهي تہ اهو رڳو هن ڪري نيو آهي، جو سنڌي "متحرڪ الاخر" زبان آهي. يعني سنڌي زبان جي لفظن جو آخري آواز ساڪن بدران متحرڪ ٿئي ٿو. سڪ ڳالهہ ڏيان لهڻو تہ سنڌي ٻوليءَ جو اتراڏي محاورو متحرڪ الاخر زبانن جي زمري ۾ نٿو اچي. اهڙو بحث گذريل صفحن ۾ ٿي چڪو آهي. ۽ اهوئي هڪڙو سبب آهي، جو اتراڏي

محاوري ۾ صوتي مجمعا رائج تحريري محاوري جي مقابلي ۾ گھٽو وڌيڪ آهن. "ماتيلي - ٻاوڙي علائقي" جي ٻوليءَ ۾ انهن جو عدد هيڪاري زياده آهي.

ليمڻ داس مولچند پنهنجي تصنيف "سنڌي فونولاجي" ۾ "صوتي مجمعن" جا مثال ڏيندي، هيٺ ڄاڻايل لفظن جي فهرست ڏني آهي:

"پيار، ڏِياري، ڏيان، جياپو، نيارو، خيال، ويو."

مٿي ڄاڻايل لفظن ۾ صرف ابتدا وارا "صوتي مجمعا" ڪم آيل آهن، پر درمياني ۽ آخري "صَوتي مَجمَعَن" وارن لفظن کي بحث هيٺ نہ آندو ويو آهي. ان کان سواءِ لائق مصنف جيڪي لفظ ڪم آندا آهن، تن جو ٻيو رُڪن "ي" آهي، ۽ "ي" کان اڳيئين اکر تي "زبر" آهي. هڪ لفظ "ويو" کان سواءِ باقي سيني لفظن ۾ ٻئي نمبر رڪن "ي" جي پنيان الف (حرف علت) آهي. اهوئي سبب آهي، جو ڪيترا عالم اهڙن لفظن کي "صوتي مَجمَعن" جو حامل سمجهن ٿي نٿا. سندن خيال ۾ انهيءَ "ي" کي يائي مخلوطي ڪوٺجي تہ بهتر. مثال طور "اردو سندهي کي لساني روابط"جو مصنف، محترم شرف الدين اصلاحي لکي ٿو تہ:

"هماري خيال ميں يہ مثالين يائي مخلوطي کي هيں - ان مثالون ميں "ي" کو مستقل حرف مان کر اس کو رکن خوشہ (Consonantal clusters) قرار دينا صحيح نهيں."(١)

اها غلط فهمي رڳو هڪ قسم جي مثالن پيش ڪرڻ سبب پيدا ٿي آهي. "ماتيلي - ٻاوڙي علائقي" جي ٻوليءَ جي تفصيلي مطالعي بعد ڪي نوان نتيجا پڌرا ٿيا آهن، جن جي آثار تي چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙا ڪافي لفظ آهن، جن ۾ "يائي" ۽ "همزو" کي آثار بنائي، ۽ هڪڙن اکرن جو آواز ٻين اکرن تائين ٻهچائي، اسان گهربل تلفظ حاصل ڪري سگهون ٿا. اڳ جيئن تہ سموري ٻوليءَ ۾ رڳو آگرين تي ڳڻڻ جيترن لفظن ۾ "صوتي مجمعن" جو وجود معلوم ٿيل هو، تنهنڪري لسانيات جي ماهرن هن مسئلي کي سلجهائڻ لاءِ گهڻي متاڪت جي ضرورت محسوس نہ ٿيئي ڪئي آهي. پر هينئر جيئن تہ

(١) "اردو سندهي کي لساني روابط" طبع اول، سال ١٩٨٧ع، صفحہ ١٩٣ (حاشيہ).

تمام گهڻن لفظن جي باري ۾ سوچڻو آهي، تنهنڪري ڪن بنيادي نڪتن جي چند ڇاڻ ڪرڻ نهايت ضروري آهي.

ڀهريائين محترم لڇمڻ داس مولچند جي پيش ڪيل لفظن مان هڪ لفظ "پيار" جو سيئت بحث هيٺ آڻجي ٿو:

| ٻي صورت | پهرين صورت |
|---|---|
| پِيارُ | پِيَارُ* |

پهرين صورت ۾، "پِيَارُ" لفظ ۾ "پِ" جدا آواز ۽ "يَا" جدا آواز آهي، يعني پِ + يَا + رُ آهي

ٻي صورت ۾، "پِ" آواز سان "يَا" آواز اهڙيءَ طرح ملائي اچارڻو آهي، جو ٻنهي آوازن کي هر حالت ۾ هڪ آواز بنائڻو آهي. يعني "پ" جي زير جو اثر "ي" تائين ٻه پهچي ٿو ۽ ان کان پوءِ "آ" جو آواز ساڻس ڳنڍجي وڃي ٿو. نتيجي طور "پِيَا" ۽ "پِيا" جي اچارن ۾ هڪ ڇٽو فرق ظاهر ٿي پوي ٿو.

هينئر سوال ٿو پيدا ٿئي تہ لکڻ وقت اعرابن جي ڪهڙي صورت قائم ڪجي، جيئن "پيار" لفظ جي پهرين ۽ ٻي صورت ۾ پڙهندڙ تميز ڪري سگهي. منهنجي پنهنجي راءِ آهي تہ "پيار" جي ٻي صورت کي هن طرح لکجي: پِـيَارُ

يعني "پ" کي زير ڏجي، ۽ "ي" کي "پ" سان ملائڻ لاءِ، مٿس جزم ڏجي. ان کان پوءِ "ي" جي پنهنجي اعراب "زبر" + الف (حرف علت) ملائجي. جيستائين لسانيات جا ماهر هن باري ۾ ڪا متفقہ راءِ قائم ڪن، تيستائين مجبوراً هن ڪتاب ۾ زيرين زبرن جو مٿي ڄاڻايل طريقو اختيار ڪرڻو پوندو. ايئن محترم لڇمڻ داس مولچند جا پيش ڪيل لفظ هيئين ريت لکي سگهبا:

"پِيَارُ- ڏِيَارِي- ڏِيَانُ- جِيَاپو- نِيَارو- خِيَالُ- وِيو"**

---

* ڪنهن بہ اکر پٺيان، الف (حرف علت) آڻڻ سان، ان اکر تي زبر ڏيڻي پوي ٿي. موجوده ابتدائي درسي ڪتابن ۾ هجي جي سهولت خاطر، اها زير حذف ڪئي ويئي آهي.

*سنڌي ٻوليءَ جي معياري محاوري ۾ وِيو ۽ نِيو، ٻہ لفظ آهن، جن ۾ ٻتا يا لاڳيتا ساڪن قبول ڪيا ويا آهن، پر ماٿيلي- اباوڙي جي ٻوليءَ خواه سموري اتراڏي محاوري ۾ انهيءَ قبيلي جا ڪيترائي فعل (زمان ماضي مطلق) مروج آهن، مثلاً: ڪِيو- پِيو- لِکيو- پڙهيو- ڇُريو- جڙيو- سڙيو- اڙيو وَغيره

"ماتيلي- اباوڙي" جي ٻولي، توڙي سموري اترادي محاوري ۾، نہ رڳو وِيو استعمال ٿئي ٿو، پر وِيَا، پِيَا، ٻِيَا، ٿِيَا، پَڙهيا، چَڙهيَا ۽ وِيُوَن، ٿِيُون، پِيُوَن، اَکِيُون، ٻَکِيُوَن، يا اَکِيُنَ، ٻَکِيُنَ، وِيُن وغيره بہ تمام گھڻو استعمال ٿين ٿا. هتي مثال خاطر حضرت علي گوهر شاهہ "اصغر" (اتر سند جي نمائنده شاعر) جي ڪلام مان ڪي سٽون پيش ڪجن ٿيون:

١. مربا ماڪيون مصريون مٺايون، زهر ڪيا تنهنجي ذوق (سر ڪلياڻ)

(مَاڪِيُون- مِصرِيُون)

هتي جيڪڏهن "ماڪِيُون" ۽ "مِصرِيُون" ڪري اچاربو تہ ڪلام ناموزون ٿي پوندو ۽ قافي سُر مان نڪري ويندي.

٢. ويندِيس ويندِيس هڏ نہ رهنديس ميان لا-

ڊوهيون ڏيو چا ڊپ ڙي (سر ڪوهياري)

(ويندِيَس- رَهَندِيَس- ڊوهِيُون- ڏِيو)

هن هڪڙي مصرع ۾ چار ڀيرا "يائي تابع" ڪم آيل آهي. هاڻي جيڪڏهن "يائي تابع" کي مستقل حرف ڪري پڙهبو تہ پوءِ اهڙي شعر کي نہ نظم چئي سگهبو نہ نثر.

٣. ڪڍ تون ڪاهج ڪيچ ڏٿين جي الا

ڪج ڙي ڪانہ ڪا ڪت (سر ڪوهياري)

جيڪڏهن "ڏَٿِيُن" کي "ڏٿِيُن" ڪري پڙهبو تہ راڳ جا پارکو پڙهڻ واري کي بي سُرو، بي گرُو ۽ جاهل مطلق سمجهندا.

۴. دل درد ڪون ديوان ٿي، اڪڙيون جو آريءَ سان اڙيون (سر ٻهاڙي)

(اڪڙِيُون- اڙِيُون)

۵ . چَرِي جي ٽِيَڙِيَس، وَسَئُون جي وِيَڙِيَس- جوش وِڌِيَس تنهنجي جار.

اصغر سائينءَ جي هن قافيءَ جي ٿلهہ کي جيڪڏهن صوتي مجمعا يا لاڳيتا ساڪن ڪم آڻڻ کان سواءِ پڙهبو تہ ڪلام انتهائي غيرفصيح ۽ ناموزون ٿي پوندو. جا ڳالهہ اصغر جهڙي حد درجي فصيح شاعر سان نهايت ناانصافي ليکبي. جيڪڏهن ٽِيَڙِيَس بدران ٽِيَڙِيَسِ، وِيَڙِيَس بدران وِيَڙِيَسِ ۽ وِڌِيَس بدران

وڌيس پڙهبو تہ سچ پچ زبان ۾ ڳيرڙيون پئجي وينديون.

ساڳيءَ طرح "ماتيلي- اباوڙي" جي ڪڇ ڪنار جي هڪ شاعره مرحوم فاطمہ موچياڻيءَ (بتخلص لعل) جي عام مقبول قافي آهي تہ:

"منهنجي يار وجي دل لُٽيون لُٽيون، ڪنهن نيڻن واري ناز سان."

ان جي قافين کي تحريري صورت ۾ آڻڻ لاءِ، زيرين زبرن جي نئين نظام اختيار ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي. جوتہ "لُٽِيون لُٽِيون" کي جيڪڏهن لُٽيُون لُٽيُون ڪري پڙهبو تہ سچو سُر تال بگڙي ويندو. وڌيڪ وضاحت لاءِ هن قافيءَ جي هڪ مصرع تي ڌيان ڏجي:

جِيئين سي چار کي ڳنديون ڏنائون،
چوڙيان سي نہ چٽيون چٽيون.
جڻ "محمود" ٻڌيون هُون "اياز" سان

هن هڪ ٿي مصرع ۾ چار لفظ اهڙي قسم جا آهن، جن کي مُروج زيرين زبرن ڏيڻ سان درست نموني اچاري نہ سگهبو. ڳنديُون بدران ڳنديِيُون، چوڙِيان بدران چوڙِيَان، چٽيُون بدران چٽِيُون ۽ ٻڌيُون بدران ٻَڌِيُون ڪري اچاربو تہ قافي تار مڪان مان نڪري ويندي.

"ماتيلي- اباوڙي" علائقي جي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ صوتي مجمعن وارا ڪي لفظ هتي نموني طور پيش ڪجن ٿا:

| | |
|---|---|
| ڪاڌيَم= مون ڪاڌي | ويم= ان وَيُس |
| لاتيَم= مون لاتي | وِيَم= مون ڪان ويئي |
| چُٽيَم= مون چُٽي | وِيم= مون وٽان ويو آهي |
| چُٽيُم= مون چُٽيو | ٿيُم= مان ٿِيُس |
| جهُڳيم= مون جهُڳي | تِيَم= مون سان ٿيا. |
| ڏِيَانس= ڪيس ڏيان | تِيم= مون سان ٿيو آهي |
| پِيسِ= پيو اٿس | وِيس= ويو اٿس |
| ڪينسي= اسان ڪيا آهن | ٻَٽِيِن= ٻٽيو آهي |
| پَرِيُون= هُن طرف جون | اُورِيُون= هِن طرف جون |

سَهُولِيتَ= سُهولت ؎ ڏيوارِيو= ڏياريو

ڊوڙِيو، ٽَرِيو، ڪَرِيو، ٻيِرِيو، ٻَڙيو، وَٽِيو، پَرڙيو، ٽِيَل، سِيَاٿو، نِيَاپو وغيره.

”ماتيلي- اڀاوڙي“ جي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ صوتي مجمعن وارو هڪ جملو: (ملڪن جي ٻولي)

(١) ٻُوٽِيان ٽِي گهٽِيان نِڪِرِ دِيَان هَان= جڙي ٻُوٽيون ٻه گهٽيون نڪرنديون هيون.

”ماتيلي- اڀاوڙي علائقي“ جي ٻوليءَ ۾ نه رڳو ”ي“ پهرئين اکر جو تابع ٿي ٿو، پر ”همزو“ ساڳيءَ طرح اڳئين اکر جي حرڪت کان متاثر ٿئي ٿو. وضاحت لاءِ صوتي مجمعن جي حامل لفظن ۾ همزي جي اچار تي غور ڪرڻ کپي.

| | |
|---|---|
| بِيئَن= بيا آهن | چَئِين= چيائين |
| ڪَٽِئِي= ڪٽيئي | مارِيَئِين= ماريائين |
| ڪَنَئُون= ڪنيو | مُڪَايَئِين= پورو ڪيائين |
| ڪِڏَئَا= ڪيڏانا | ڪِيَئِين= ڪيائين |
| گهٽِئين ڳَالِهئِين= گهٽي ڳالهين ۾ | آئِمر= آيو آهيان،مون وٽ آيو آهي. |
| نِيئِيئيسي= اسان اچي پوري ڪئي آهي | پَڙَهئِيندو= پڙهائيندو |
| نَچَئِيندي= نچائيندوآهي | پَئِين= پيو آهين |
| ڳِلَهئِيندو= ڳالهائيندو | پُچَئُون= پُڇيائون |
| گلهئِينَدَئُون= ڳالهائيندا آهيون | چوَنْدَئُون = چوندا آهيون |
| سوچِينَدَئُوَن= سوچيندا آهيون | رڪِيِئِي= رڪيو اٿيئي، تو لاءِ رڪيو آهي. |
| | وِيَئَن= ويا آهن. |
| | ڪَٽِئِي- هارِتئِي= هار- جيت |

هتي ”ماتيلي- اڀاوڙي“ جي ٻوليءَ جا ڪي جملا پيش ڪجن ٿا، جي

رائج تحريري محاوري ۾ لکڻ انتهائي مشڪل آهن:

(١) هي ويندا پِيَئِنِي چور= چور اجهوهي وڃن ٿا پيا.

(٢) وٺندي ڪراهِيَنَ وِڌَئُون جيل ۾= وٺي جيل ۾ وڌائون.

(٣) ڄُلدُئِين هُن ڪنڊ تي جانء؟= هُن ڪنڊ ڏانهن هلين ٿو يا نہ؟

(۴) وٺي ڏِيندَئِن گهوڙي کي مُٺ= وٺي گهوڙي کي تکو هڪليائون.

(۵) استاد وينئِي سَيِن جو= سيني جو استاد ويٺو اٿيئي.

اسان جي تعليمي ماهرن خواه لسانيات جي عالمن کي اعرابن جي موجوده نظام ۾، سڌاري ۽ واڌاري لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ سوچڻو پوندو.

# ماٺيلي- اڀاوڙي محاوري جي نحوي ترتيب

”ماٺيلي- اڀاوڙي“ علائقي جي ٻوليءَ جي نحوي ترتيب، جيتوڻيڪ رائج تحريري محاوري جي نحوي ترتيب کان مختلف نہ آهي، تہ بہ انهيءَ محاوري وارا صرف ونحو جي قاعدن قانونن جي پابندي پاڻ تي لازم نٿا سمجهن.

دراصل سنڌي ٻوليءَ کي بہ ٻين سڌريل ٻولين وانگر لفظن جي ويهڪ ۽ جوڙجڪ جو هڪ باقاعده نظام آهي، جنهن ۾ فعل جي نحوي حيثيت کي هڪ مسلم مقام آهي. فعل جيئن تہ جملي جي بناوت ۽ معنيٰ جي پورائيءَ لاءِ هوندو آهي، تنهنڪري عام طرح جملي جي آخر ۾ ايندو آهي. پر گفتگو کي اثرائتي ۽ بي تڪلف بڻائڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن انهيءَ اصول جي ڀڃڪڙي بہ ڪئي ويندي آهي. مثلاً معياري ٻوليءَ جي هيٺين جملن ۾ فعل پنهنجي مقرر جاءِ تي بيٺل نہ آهي، پر معنيٰ جي لحاظ کان اهي جملا، باقاعده جملن کان وڌيڪ اثرائتا لڳن ٿا:

١. اسان تہ آهيون ئي خدمتگارن ۾ شمار.

٢. آيو تہ سوير هو، پر ڪم ٽڪي جو بہ نہ ڪيائين.

٣. هيڏا نڪاءَ پيا ٿين، اندر ويندو ڪير!

نہ رڳو فعل، پر ٻوليءَ جي ٻين لفظن کي بہ پنهنجي مقرر مقام تي رکڻو پوي ٿو: صفت، موصوف کان اڳ ۾ آڻبي ۽ ظرف، فعل کان اڳ ۾ رکبو. اهڙيءَ طرح فاعل، جملي جي ابتدا ۾ ايندو تہ مفعول، فاعل ۽ فعل جي وچ ۾ هوندو. اهي ۽ اهڙا ٻيا ڪيترائي قاعدا آهن، جن تي ٻوليءَ ڳالهائيندڙن کي عمل ڪرڻو آهي. پر جيڪڏهن معنيٰ ۽ مفهوم ۾ نقص جو انديشو نہ آهي، ۽ جملي ۾ پاڻ وڌيڪ دلڪشي ۽ حسن پيدا ٿئي ٿو تہ پوءِ اهڙين پابندين تي ڌيان نہ ڏيڻ ۾ ڪو حرج ڪونهي. ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ هوندي بہ قاعدن قانونن کي خيال ۾ رکي ڪونہ ڳالهائيندا آهن. ويتر ”ماٺيلي- اڀاوڙي“ جي علائقي وارا، ٻوليءَ جي سلسلي ۾، پنهنجي لا اُبالي طبع کان مجبور آهن. گفتگو ۾

اهڙي قسم جي بي ساختگي وٽن عيب نہ پر هنر ليکجي ٿي. قصن ڪهاڻين ٻڌائيندي يا حال احوال ڏيندي، هو جڏهن ترنگ ۾ اچن ٿا، تڏهن ويهي ڪين ٻُڌجي. ائين پيو ڀانئبو تہ هنن وٽ ڪا نياري ۽ نرالي نحوي ترتيب آهي. هتي نموني طور "ماتيلي- اٻاوڙي" علائقي ۾ رهندڙ مختلف ذاتين سان واسطو رکندڙ ماڻهن جا ڳالهايل ڪي جملا پيش ڪجن ٿا، جن مان اندازو لڳائي سگهبو تہ هتان جا رهواسي نحوي ترتيب جي بندشن کان ڪيتري قدر آزاد آهن.

| اٻاوڙي تعلقي جي ملڪن جي ٻولي | رائج تحريري ٻولي |
|---|---|
| جاڳ وري تي ويندِي ٿي سٿندو کي. | جاڳ وري سٿيندو (سائينداد) کي تي وڃي ٿي. (تي ويئي) |
| هي ويندا پيئنِي چور. | چور اجهو هِي پيا وڃن. |
| چوندي ائين. | هيئن چوي ٿو. |
| عثمان وِچون بيمار هو ڇا ڏاڍو؟ | ڇا عثمان، وچ واري عرصي ۾، ڏاڍو بيمار هو؟ |
| گدڙ ٻاهَرون ڦِرِس ڪڙو. | گدڙ ٻاهران بيٺو ڦريس. |
| استاد ويٺئِي سَيِن جو. | سيني جو استاد ويٺو اٿيئي. |
| ڏيندِن وٺندِن پاڻ ۾. | پاڻ ۾ ڏين وٺن ٿا. |
| مان ٻُڌوئي ڪونهي ڪَڏِين. | مون ڪڏهن ٻڌو بہ نہ آهي. |
| ڊبو وَهندي يڳل. | يڳل بس هلي ٿي. |
| هاٿي وري ويندو ڪير بندوقن ۾! | هينئر وري بندوقن آڏو ڪير ويندو! |

| ٻاوڙي تعلقي جي گهنيہ جي ٻولي | رائج تحريري ٻولي |
|---|---|
| تڏون ڪندائي سي ڪونہ. | شروع کان ئي نہ ڪنداسين. |
| راٿِي سَٿيندِي اي ڪٿي. | راٿي ڪٿي اچلي ٿي. |

| | |
|---|---|
| چي ٻڌو ڪونهي مان (ڪونهم). ماڪي ڏسِي وياها ڇوڪر ٿُهجا اڄان هائي جي نياپو ملي هُندِي. | چئي، مون ڪونہ ورتو آهي. تنهنجا ڇوڪرا مون کي ڏسي ويا هئا. نياپو ملي ها تہ اڄان ها. |
| **"ڪنيڙہ" جي ٻولي** | **رائج تحريري ٻولي** |
| جاسوس ڇوڙياسي انهن ۾ تہ بابا ڪُلا هجي توهان کي. | انهن ڏانهن جاسوس روانا ڪياسون، ۽ کين چيوسون تہ بابا اوهان کي بہ وَوڙ (ڪلڪؤ) هجي. |
| ڪماند ڇوڙي ڏيون راهڻ، پو اڳتي لَوين سَيوين. | ڪمند پوکڻ ڇڏي ڏيون، پوءِ اڳتي وري نئين سر ڏسبو. |
| اڄ تڪ نظرن ۾ اسان ٿون. | اسين اڄ تائين سندن نظر ۾ آهيون. |
| هڪ ڪُنياسي، باقي اڇي بچيون پنج. | هڪ ڪُٺي سون، باقي پنج اڇي بچيون. |
| ورِي جو انهن کي اسان تاتُو ڏنوسي تہ ڇوري مني ڪڙا. | اسان جو انهن کي تاؤ ڏنو تہ ڇوري باسي بيٺا. |
| ڪوشش ڪئي وجي، پو ڪتائي ياڳ. | ڪوشش ڪجي، پوءِ ياڳ ڪتائي. |
| اسان جي جان الله واسطي ڇوڙو. | خدا جي واسطي اسان جي جان ڇڏيو. |
| اهي ٻڪريون ويون ڪاڏي؟ لوڪ ڪِلدَئِن، جي نهيسي ويندا. ٿُنا تہ هُون، انهي ڳالهين کون. | اهي ٻڪريون ڪيڏانهن ويون؟ جي نٺا وڃون تہ ماڻهو کلندا. اهڙين ڳالهين کان تہ هڪ ٻئي کان جدا ٿيا آهيون. |

# ”ماتيلي- اڀاوڙي“ جي ٻوليءَ ۾ اسم حاليه، اسم فاعل، اسم مفعول ۽ اسم استقبال

اسم مشتق جو اهم حصو ”اسم حاليه“ آهي، جو جملي ۾ فاعل يا مفعول جو حال بيان ڪندو آهي، ۽ اسم تي ڪم ايندو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي رائج تحريري محاوري ۽ ماتيلي- اڀاوڙي جي ٻوليءَ ۾ جيڪي ڳالهيون مختلف نظر اچن ٿيون، تن ۾ ”اسم حاليه“ جي بناوت سرِفهرست آهي ڇوته ڪيترائي فعل سنئون سڌو اسم حاليه مان جڙن ٿا. انهيءَ ڪري فعل جي مختلف صورتن تي بحث ڪرڻ کان اڳ، اسم حاليه جي بناوت ۽ جوڙجڪ جي قاعدن جي وضاحت ضروري آهي.

## اسم حاليه

رائج تحريري محاوري ۾ ”اسم حاليه“ جي بناوت جو مدار عام طرح ٻن ڳالهين تي سمجهيو وڃي ٿو: (١) ڪنهن مصدر جي ”امر حال“ (واحد) جي پوئين حرف تي ”پيش“ هوندو ته اهو ”پيش“ ”زبر“ سان مٽائي، پٺيانئس ”ندو“ ”ندا“، ”ندِي“ يا ”ندِيُون“ جو اضافو ڪبو ته اسم حاليه ٺهي پوندو، جيئن لِکُ مان لِکَندو، لِکَندا، لِکندِي ۽ لِکَندِيُون. (٢) امر حال (واحد) جي پوئين اکر هيٺان ”زير“ هوندي ته ان جي پٺيان يندو، يندا، يندِي يا يندِيُون ڳنڍڻ سان اسم حاليه ٺهي پوندو آهي، مثلاً: امر حال ”مارِ“ مان اسم حاليه ٿيندو مارِيندو، مارِيندا، مارِيندي ۽ مارِينديُون.

ماتيلي- اڀاوڙي جي ٻوليءَ ۾، جيئن ته امر حال (واحد) جو پويون اکر ساڪن ٿئي ٿو، تنهنڪري أن ۾ اسم حاليه جوڙڻ وقت ”نون غنو“ حذف ڪري ڇڏبو آهي، ۽ آخري اکر تي پيش واري امر حال جي پٺيان ”دو“، ”دا“، ”دي“ يا ”دِيون“ جو اضافو ڪبو آهي، مثلاً: لکندو بدران ”لکِدو“، پڙهندو بدران ”پَڙهدو“، گهمندو بدران ”گُهمدو“ ڦرندو بدران ”ڦردو“ وغيره اچاربو. اهڙي حالت ۾ ”نون غني“ کي اڻلکي نموني به ظاهر نه ڪبو آهي. باقي أهي امر حال (واحد) جن جي آخري حرف هيٺان رائج تحريري

محاوري ۾ "زير" هوندي تن مان اسم حاليہ ٺاهڻ لاءِ، "ماتيلي- اڀاوڙي" جي ٻوليءَ ۾ ٻہ ساڳيا اصول اختيار ڪيا ويندا آهن. البتہ اُتان جي هندو آبادي مارينـدو کي "ماردو"، چارينـدو کي "چاردو"، ڦاڙينـدو کي "ڦاڙدو" ۽ چاڙهيندو وغيره کي "چاڙهدو" وغيره ڪري ڳالهائيندي آهي. هوندئن بہ سڄي سنڌي ۾ هندن جي ٻولي، مسلمانن جي ٻوليءَ کان ڪجهہ مڙيوئي مختلف آهيءَ اهڙو ذڪر ڀيرومل پڻ ڪيو آهي. سندس چوڻ آهي تہ ٽر جا هندو ٽيڻ بدران چون "ٽيڙڻ". مثلاً ائين نہ "ٽيوڻ" گهرجي يا چون تہ جيڪي "ٽيوٽو" آهي سو ٽيندو. ٽيوٽو معنيٰ ٽيٽو(١).

اهڙا امر حال (واحد)، جن جو آخري حرف "همزه" آهي، تن مان جيڪي اسم حاليہ ٺهن ٿا، سي "ماتيلي- اڀاوڙي" جا هندو توڙي مسلمان ساڳئي نموني اچاريندا، يعني ٻيئي قومون "ڏوندو" (وهنجندو) ڪري ڳالهائيندا. اهو اثر شايد "سرائيڪي" ٻوليءَ جي همسائيگيءَ جو آهي، باقي لائيندو، پائيندو، نائِيندو وغيره کي هتان جا هندو توڙي مسلمان لَئِيندو، پَئِيندو، نَئِيندو وغيره ڪري اچاريندا آهن.

هتي هڪ ڳالهہ ويچار جوڳي آهي تہ "ڪائيندو" کي تہ ماتيلي- اڀاوڙي جا باشندا "ڪَوندو" چوندا، پر گهمائيندو کي گُهموندو نہ چوندا. ان جو سبب هيءَ آهي تہ جيتوڻيڪ ""ڪائڻ" وانگر گهمائڻ مصدر جي امر حال (واحد) جو آخري حرف پڻ "همزه" آهي، پر "گُهماءِ" امر حال "بالواسطہ" آهي، تنهنڪري "ماتيلي- اڀاوڙي" جي ٻوليءَ ۾ گهمائيندو کي "گُهمَئِيندو" ڪري اچاربو آهي، ۽ لائيندو، پائيندو، نائيندو وغيره توڙي جو بالواسطہ مصدرن مان نہ آهن، تہ بہ انهن جو اچار "گُهمَئِيندو" جهڙو ٿئي ٿو.

اُهي اسم حاليہ جيڪي اهڙن مصدرن مان ٺهن ٿا جن جي علامتي "ڻ" کان اڳ وارو حرف "هہ" آهي، تن جي "نون غني" جو آواز پنهنجي جاءِ بدلائيندو آهي. مثلاً: ڪُهڻ مصدر مان جڙيل اسم حاليہ "ڪُهَندو" جو اچار ماتيلي- اڀاوڙي جي ٻوليءَ ۾ ٿيندو ڪنهدو، ساڳيءَ طرح وٺن سُهَندو،

(١) سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ: ڇاپو ٻيو، صفحو ١١٥

ٻَڌندو، رَهَندو وغيره جو اچار ٿيندو "سُنهدو"، ٿَنهدو"، "رَنهدو" وغيره.
أهي اسم مصدر، جن جي علامتي "ڻ" کان اڳ وارو اکر "و" آهي، جهڙوڪ: چوڻ، پوڻ وغيره، تن مان ٺهندڙ اسم حاليہ ۾ نون غني جو آواز غائب تہ نہ ٿيندو آهي، پر "ماتيلي- اباوڙي" علائقي وارا پنهنجي عادت موجب نون غني کان اڳئين اکر کي ساڪن ضرور ڪندا آهن. مثلاً: چَوَندو کي أهي چَوندو ۽ پَوَندو کي پَوندو ڪري اچاريندا آهن. أهي اسم مصدر، جن جي علامتي "ڻ" کان اڳ وارو اکر "و" آهي، ۽ "و" کان اڳ ۾ "نون غني" جو آواز آهي، جهڙوڪ: ڀَنوَڻُ، لَنوَڻُ وغيره، تن مان ٺهندڙ اسم حاليہ جو پهريون نون غنو "ماتيلي- اباوڙي" جا رهواسي حذف ڪري ڇڏيندا آهن ۽ پويون نون غنو قائم رکندا آهن. انهيءَ ڪري أهي ڀَوَندو کي "ڀَوندو" ۽ لَنوَندو کي "لَوندو" ڪري اچاريندا آهن.

## اسم فاعل

ماتيلي- اباوڙي جي ٻوليءَ ۾، "اسم فاعل" بہ "اسم حاليہ" وانگر سنڌيءَ جي رائج تحريري محاوري کان مختلف نموني سان ٺهي ٿو، ۽ ٻنهي اسمن ۾ گهڻو ڪري ساڳيون تبديليون رونما ٿين ٿيون. هن ٻوليءَ ۾ گهمندڙ کي "گُهمدَڙ" ۽ ڦرندڙ کي "ڦِردَڙ" ڪري اچاريو ويندو آهي. اهڙن لفظن ۾ "نون غني" جو آواز غائب ڪري، ان کان اڳئين متحرڪ اکر کي ساڪن ڪيو ويندو آهي، مثلاً: لکندڙ کي "لِکدَڙ"، وڻندڙ کي "وَندَڙ"، چِيندڙ کي "چِيدَڙ" ڪري ڳالهائبو آهي. اسم فاعل جي سلسلي ۾ ماتيلي- اباوڙي علائقي جي هندن خواه مسلمانن جا اچار ساڳيا آهن. هندو جيتوڻيڪ ماريندو کي "ماردو" ۽ ڳاريندو کي "ڳاردو" چون ٿا، پر اسم فاعل ماريندڙ ۽ ڳاريندڙ کي مسلمانن وانگر اچارين ٿا.

ماتيلي- اباوڙي علائقي وارا جهڙيءَ طرح "ڪُهڻ" مصدر مان "ڪُنهدو" اسم حاليہ ٺاهيندا آهن، تهڙيءَ طرح اسم فاعل بہ "ڪُنهدڙ" ٺاهيندا آهن. ساڳيءَ طرح چَوَندڙُ بدران چوندڙ ۽ ڀَنوَندڙُ بدران ڀَوندڙ استعمال ڪندا آهن.

ايئن ڳائڻو بدران "ڳاوڻو" ۽ ڪائڻو بدران "ڪاوڻو" چوندا آهن.

## اسم مفعول

رائج تحريري محاوري ۾ جملن کي ڳنڍڻ لاءِ اسم مفعول جو استعمال بہ ٿئي ٿو، پر ماتيلي- اڀاوڙي جي ٻوليءَ ۾ اهڙو اسم مفعول بہ ماضي معطوفيءَ جي معنيٰ ۾ ڪم ايندو آهي، مثلاً.

(١) رائج تحريري محاورو: رڍون ۽ ٻڪريون وَس "چَرِيو"، وٿاڻين "وَرِيو" اچن.

ماتيلي- اڀاوڙي جي ٻولي: رِڍان آون ٻڪريون وس "چَرِي"، وٿاڻن تي "وَرِي" ايندِيون هِن.*

(٢) رائج تحريري محاورو: ڪاهل ماڻهو قرض "وَٺِيو"، پيا گذر ڪندا آهن.

ماتيلي- اڀاوڙي جي ٻولي: ڪاهل ماڻهو قرض "وَٺِي" (يا وَٺتِيُون) پيا گذارو ڪندا هِن.

(٣) رائج تحريري محاورو: سُست ٻار "ڪايو"-"پِيو" پيا ليٽندا آهن.

ماتيلي- اڀاوڙي جي ٻولي: سُست ٻار "ڪائِي"- "پِي" (ڪاڊِيون- پِيتِيون) پيا ليٽندا هِن.

اهڙيءَ طرح "چريو"، "وَريو"، "وٺيو"، "ڪايو" ۽ "پِيو" اسم مفعول، "ماتيلي- اڀاوڙي" وارن وٽ ماضي معطوفي طور چَرِي، وَرِي، وَٺِي، ڪائِي، پِي ٻڌجي ويندا آهن.

ڪن هنڌن تي جيڪڏهن انهن کي اسم مفعول طور ڪم آڻبو آهي تہ پوءِ انهن جي صورت ۾ هيٺينءَ ريت تبديلي اچي ٿي:

چَرِيو= چِنِيُون، وَرِيو= وَرِي، وٺيو= وَٺتِيُون، ڪايو= ڪاڊِيُون، پِيو= پِيتِيُون.

جيڪڏهن اسم مفعول مٿين نموني ڪم آڻبو آهي تہ اُن جي پٺيان عام طرح "ڪرڻ" مصدر جو مضارع غائب واحد "ڪَري" ملائبو آهي، مثلاً:

١. ڇوڪرو گاهہ جي ڀَرِي "ڪَنيُون ڪري" گهر ويو.

---

* "چَريو" اسم مفعول بدران عام طور تہ "چَرِي" استعمال ٿئي ٿو، پر ڪٿي ڪٿي "چَرِيُون" بہ ڪم آڻيندا آهن.

٢. ڇوڪري کي "وَڻتيُون ڪري" روانو ٿي ٿيو.
٣. مزور لسِي "پِيتيُون ڪري" سُتا پِيَا هِن. (١)

## اسم استقبال

اسم استقبال بہ اسم مشتق جو اهم حصو آهي، پر اُن جي ٺاهڻ لاءِ اسم مصدر ۾ رڳو "و" ملائڻو پوي ٿو. البتہ ماتيلي- اٻاوڙي جي ٻوليءَ جو اسم مصدر رائج تحريري محاوري کان مختلف ٿئي ٿو.

---

(١) ماتيلي- اٻاوڙي جي ٻوليءَ ۾ "اسم حاليہ" جي پڇيان بہ "ڪَري" لفظ ملائي، "ماضي معطوفي" طور ڪم آڻي سگهبو آهي، مثلاً:
"هار پوئِندي ڪري، راڻي کي ڏِنئِين"= هار (جا داڻا) پوئي، راڻيءَ کي ڏنائين. اهڙي اسم حاليہ سان جيڪڏهن "ڪري" نہ ملائبو آهي تہ پوءِ ان جي معنيٰ "ڪم ڪرڻ سان" ٿئي ٿي. مثلاً:
خط "لِکدي" ماکي ڏِنئِين= خط "لکڻ سان" مون کي ڏنائين.

# "ماٽيلي- اٻاوڙي" جي ٻوليءَ ۾ زمان

ڪن ٻہ ٻن ٻولين يا محاورن جي ڀيٽ ڪرڻ وقت فعل جي گردانن جو سهارو ونڻو پوي ٿو، ڇو تہ گرامر ۾ گردان يا ڦيري کي وڏي اهميت حاصل آهي. "ماٽيلي- اٻاوڙي" جي ٻوليءَ کي سمجهڻ ۽ ان کي سنڌيءَ جي رائج تحريري محاوري سان ڀيٽڻ وقت، ٻنهي محاورن جي گردانن جا الڳ الڳ سيٽ تيار ڪري، انهن کي بحث هيٺ آڻڻو پوندو. گردانن جو مدار جيئن تہ فعل ۽ ان سان متعلقہ زماني تي ٿئي ٿو، تنهنڪري هتي فعل جي انهن زمانن جو جائزو وٺبو، جيڪي ماٽيلي- اٻاوڙي جي ٻوليءَ جي صرفي ۽ نحوي صورت سمجهڻ ۾ مددگار ثابت ٿين.

## زمان مضارع*

"ڪرڻ" مصدر مان جڏهن مضارع بنائجي ٿو، تڏهن متي ڄاڻايل ٻنهي محاون ۾ هڪ واضح فرق معلوم ٿئي ٿو. مضارع جي متڪلم جمع، "ڪريون" جو اُچار ماٽيلي- اٻاوڙي جي محاوري ۾ "ڪَرُون" آهي. هتي ٻنهي محاورن جي گرادنن جا سيٽ پيش ڪجن ٿا، جن مان اختلاف جون سڀ صورتون نروار ٿي بيهنديون:

| | رائج تحريري محاورو | | "ماٽيلي- اٻاوڙي" وارو محاورو | |
|---|---|---|---|---|
| | واحد | جمع | واحد | جمع |
| ضمير متڪلم | ڪريان | ڪريون | ڪَران | ڪَرُون |
| ضمير حاضر | ڪَرِين | ڪريو | ڪَرين | ڪَرو |
| ضمير غائب | ڪري | ڪَنِ | ڪري | ڪَرِن* |

جيڪي قبيلا "ڪَرَان"، "ڪَرُون" ۽ "ڪَرو" نہ ڳالهائيندا آهن، سي انهن لفظن بدران "ڪيان"، "ڪيون" ۽ "ڪيو" چوندا آهن. سڄي اُتر ۾، ضمير

---

* هن زمان جي اصلي صورت مذڪر خواه مونث، ٻنهي ۾ ساڳي رهي ٿي، تنهنڪري گردانن ۾ جنس ڄاڻائڻ جي ضرورت نہ آهي.

حاضر واحد جو صيغو ”ڪَرِين“ استعمال هيٺ نہ آهي، ان جي جاءِ تي ”ڪرين“ ڳالهائبو آهي يعني ”نون غني“ کان اڳ ۾ ”يائي معروف“ بدران ”يائي مجهول“ آڻبو آهي.

رائج تحريري محاوري ۾ ”مضارع“ جي صيغي ۾ جيڪڏهن فعل جي ڌاتوءَ جو پويون اکر ”و“ يا ”ي“ هوندو تہ اهو ”همزه“ سان مٽجي ويندو، پر ”ماتيلي- اباوڙي“ جي محاوري ۾ اهو اصل صورت ۾ قائم رهندو، مثلاً:
(الف) مصدر ”چوڻ“:

(فعل جي ڌاتو، ”چو“ جو آخري حرف ”و“)

| | رائج تحريري محاورو | | ”ماتيلي- اباوڙي“ جي ٻولي | |
|---|---|---|---|---|
| | **واحد** | **جمع** | **واحد** | **جمع** |
| **متكلم** | چوان- چَئان | چئون | چوان | چوُون |
| **حاضر** | چوِين- چَئِين | چئو | چوَين | چوَو |
| **غائب** | چوي- چئي | چوَنِ- چَئِن | چوي | چوَن |

(ب) مصدر ”ڏيڻ“:

(فعل جي ڌاتوءَ جو آخري اکر ”ي“)

| | رائج تحريري محاورو | | ”ماتيلي- اباوڙي“ جي ٻولي | |
|---|---|---|---|---|
| | **واحد** | **جمع** | **واحد** | **جمع** |
| **متكلم** | ڏيان- ڏِئان | ڏيون- ڏِئون | ڏيان | ڏيون |
| **حاضر** | ڏِين- ڏِئين | ڏيو- ڏِئو | ڏِين | ڏِيو |
| **غائب** | ڏي- ڏِئي | ڏِيَنِ- ڏِئنِ | ڏي | ڏِين |

رائج تحريري محاوري ۾ ”مضارع“ جوڙڻ جو هڪ قاعدو آهي تہ ڪنهن بہ مصدر جي امر واحد جو آخري آواز ”اُ“ هوندو تہ فعل جي ڌاتوءَ سان ”آن“، ۽ جيڪڏهن امر واحد جو آخري آواز ”اِ“ هوندو تہ ”يان“ ملائڻ سان

مضارعَ ٺهندو، مثلاً "لِکُ" مان "لِکان" ۽ "مارِ" مان "ماريان". پر "ماتيلي- اباوڙي" جي ٻوليءَ ۾، ٻنهي صورتن ۾ امر واحد جي پٺيان "آن" ملائبو چوته "ماتيلي- اباوڙي" جي ٻوليءَ ۾ متحرڪ آلاخر جو قانون لاڳو نٿو ٿئي، جنهن ڪري هن محاوري ۾ امر واحد جو آخري آواز نه "آ" آهي ۽ نه "اِ" بلڪه ساڪن آهي. اهڙا امر واحد، جن جو آخري آواز "اِ" آهي، تن جو گردان ماتيلي- اباوڙي جي ٻوليءَ ۾ هيٺينءَ طرح آهي:

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| متڪلم | ماران | مارُون |
| حاضر | مارين | مارو |
| غائب | ماري | مارِن |

هيءَ ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته "ماتيلي- اباوڙي" علائقي وارا ضمير غائب جمع ۾، مضارع جي آخري نون کي ساڪن ۽ ان کان اڳئين حرف کي هميشه "اِ" جي آواز سان اچاريندا آهن. اُهي پڙهنِ، چوَنِ ۽ مارِنِ کي هميشه پڙِهن، چوِن ۽ مارِن ڪري اچاريندا آهن.

## زمان حال

سنڌي زبان جي رائج تحريري محاوري ۾ زمان حال جي بناوت جنهن طريقي سان ٿئي ٿي، تنهن تي طويل بحث جي ضرورت آهي. اهو طريقو جيڪڏهن صرف ونحو جي معروف قاعدن ۽ منطقي اصولن جي ڪسوٽيءَ تي پرکبو ته نهايت غير معياري نظر ايندو. عام طرح جنهن زمان کي زمان حال چيو وڃي ٿو، سو درحقيقت ٻن زمانن تي مشتمل آهي. آسان زبان ۾ انهن کي "زمان حال اطلاعي" ۽ "زمان حال مطلق" سڏي سگهجي ٿو. زمان حال اطلاعي ته رائج تحريري محاوري ۽ "ماتيلي- اباوڙي" علائقي جي محاوري ۾ تقريبا ساڳيءَ طرح ٺهي ٿو، پر زمان حال مطلق جي بناوت ٻنهي محاورن ۾ ڪافي اختلافي صورت رکي ٿي.

**(الف) زمان حال اطلاعي:** هيءُ زمان جيتوڻيڪ ٻنهي محاورن ۾

سانگيءَ طرح نهي ٿو، تہ بہ ان جي صورت مختلف ٿئي ٿي. هن زمان ۾، ادا ڪيل جملي ۾ فاعل جي موجودگي يا غيرموجودگيءَ بابت اطلاع هوندو آهي، مثلاً: (۱) ڇوڪر گهر ۾ آهي، (۲) رشيد ڊاڪٽر نہ آهي. پهرئين جملي ۾ فاعل بابت "هاڪاري" اطلاع آهي، ۽ ٻئي جملي ۾ "ناڪاري." اهوئي سبب آهي، جو هن فعل جو زمان اطلاعي سڏجي ٿو. زمان حال اطلاعيءَ جو فعل "هئڻ" مصدر مان نهي ٿو ۽ ان کي عام طرح "فعل ناقص" سڏجي ٿو، ڇوتہ منجهس ڪم ڪرڻ جي لياقت يا فعلي صلاحيت نہ هوندي آهي، پر جيئن تہ جملي کي مڪمل ڪرڻ جو باعث بڻجي ٿو، تنهنڪري ان جو شمار فعلن ۾ ٿئي ٿو.

رائج تحريري محاوري ۾، "زمان حال اطلاعي" جون صورتون هي آهن: "آهي، آهن، آهيان، آهيون، آهين ۽ آهيو." پر ماتيلي- اباوڙي علائقي جي عام محاوري ۾، انهن جون تخفيف شده صورتون آهن جئن تہ "آ، هِن، هان، هُون، هِين ۽ هو". رائج تحريري محاوري ۾ چيل جملا "رشيد ماستر آهي" ۽ "ٻار گهر ۾ آهن"، ماتيلي- اباوڙي جي عام محاوري ۾ ٿيندا: "رشيد گهر ۾ آ" ۽ "ٻار گهر ۾ هِن."* پر ڏٺو ويو آهي تہ هن علائقي جون سڀ قومون بالڪل ائين نٿيون ڳالهائين. ڪن وٽ فعل ناقص جون تخفيف شده صورتون وچائين ٿيون آهن. اجا بہ فعل ناقص جڏهن فعل معاون ٿي ڪم اچي ٿو، تڏهن مرڪب فعل جون صورتون تہ هيڪاري وڏو اختلاف ظاهر ڪن ٿيون. هتي نموني خاطر مختلف قومن جا ڳالهايل ڪي جملا پيش ڪجن ٿا تہ جئن جائزو وٺي ڪا راءِ قائم ڪري سگهجي.

(۱) وَسدي واري جي ڳالهہ "اي" (آهي)= سُڪر واري زماني جي ڳالهہ آهي.

(۲) سچل اسان ڪون وڏو "اي" (آهي)= سچل اسان کان وڏو آهي.

(۳) هي اجا نانڍ "اي" (آهي)= هيءَ اجا سيڪڙاٽ آهي.

(۴) هي ڪيري (ڪير آهي)؟= هِيءَ ڪير آهي؟

---

* رڳو شر قوم جا ماڻهو "هِن" کي "هَن" ڪري اچاريندا آهن، مثلاً: اُهي رڍان پيي ڍڪائيندا هَن.= اُهي رڍان ڍَڪائڻ ٿا پيا. اِهي مِنهِنجا ڀهاڪا چل هَن= اهي مُنهنجا چيل ڀهاڪا آهن. هوش نہ رهيا هَن= هوش نہ رهيو آهي. وغيره

(۵) اِنهين کي ڇا "اي" (آهي)؟= اِنهيءَ کي ڪهڙي پرواهه آهي!

## مرڪب فعل

(۱) تازي (تعدى) ڪري "وِي اي" (ويئي+ آهي)= تعدي ڪري ويئي آهي.
(۲) ٻِلو ڦاٽو پيي (پيو+ آهي)= ٻلو ڦاٽو پيو آهي.
(۳) اُهوئِي چڱو تي وِئِي (ويو+ آهي)= اُهو ٻه ڀَڙُ تي ويو آهي.
(۴) ننڍيو پوچ جَڏِين کون وڏيوئي (وڏيو+ آهي)= نئون نسل جڏهن کان وڏيو آهي.
(۵) داٽو پاٽي لڪيل هُونڊي (هوندو+ آهي)= داٽو پاٽي لڪيل هوندو آهي.
(٦) اُٿ- گاڏو وَنهدي (وهندو+ آهي)= اُٿ- گاڏو هلائي ٿو.
(۷) تو ۾ ڪنهن جو ڪم پوندي (پوندو+ آهي) ته ناهِين ڪندو= تو ۾ ڪنهن جو ڪم پوي ٿو ته نٿو ڪرين.
(۸) ٽي چار مڪيان مارِي ويٺي (ويٺو آهي)= ٽي چار مڪيون ماريو ويٺو آهي.

## صيغو "آهن"

(۱) اسان کي ڏسو ڪِهرا ڪِهرا چور "اِن" (آهن)= اسان کي ٻڌايو ڪهڙا ڪهڙا چور آهن.
(۲) ماڻهن جا بس مشغولا "اِن" (آهن)= ماڻهن جا رڳو شغل آهن.
(۳) اهي آٻي "خانِن" (خان آهن)= اُهي ته ازخود خان آهن.
(۴) ٻوريان لاهڻ وارا ايندا "ٻِين" (پيا+ آهن)= ٻُوٽين لاهڻ وارا اچن ٿا پيا.
(۵) ڪِل ۾ مُونڊا ٿيا "پِن" (پيا+ آهن)= ڪل ۾ اونڌا ٿيا پيا آهن.
(٦) ڇوڪرا اسڪول ۾ "وِئِن" (ويا+ آهن)= ڇوڪر اسڪول ويا آهن.
(۷) ٻَنڊِيان ڪُتا چائي "وِيَائِن" (ويا+ آهن)= ٻنديون ڪتا ڪٽي ويا آهن.
(۸) اڳِي ته ٽنا (ٽرٽرا) ويٺا ها، هاڻي پاڻ ۾ "ڳِنڊِيَائِن" (ڳنديا+ آهن)= اڳ ته رٺل هئا، پر هينئر پاڻ ۾ مائٽي ڪئي اٿن.
(۹) گهاٽا واڌا اچي "ويندَئِن" (وينڌا+ آهن) سِر تي، پِڇي نياٽا "پوندَئِن"= نفعا نقصان سر تي اچي وڃن ٿا، پوءِ نباهڻا پون ٿا.
(۱۰) وڏا ماڻهو جِيئين "تِيندِن"= وڏا ماڻهو جهڙيءَ طرح ٿين ٿا.

## صيغو "آهيون"

(١) هيل اسان سفر تي سنيريل "اُون" (آهيون)= هن سال اسين سفر تي سنيريا آهيون.

(٢) ڪَتِئي ۾ "هُون"، هارِئي ۾ "ڪونهيُون" (ڪونہ+ آهيون)= فائدي ۾ آهيون، نقصان ۾ نہ آهيون.

(٣) ها، نوڪري "گِهندَئون" (گِنهندا+ آهيون)= هائو، نوڪري وٺون ٿا.

(۴) هنن کي وٺي اِيندئون (ايندا+ آهيون)= اُنهن کي وٺي اچون ٿا.

(۵) َتهجِي ياري ڏني "ڪرَئون" (بيٺا+ آهيون)= تُنهنجي دوستي ڏسيو بيٺا آهيون.

(٦) اُٿائِي ٽُٺائِي "ويٺَئون" (ويٺا+ آهيون)= فارغ ٿيو ويٺا آهيون.

(٧) اسان "چَوندَئون" (چوندا+ آهيون)= تون چگّن جو "جا" اِين (آهين) وڏا ڪٽي "لَجِئِنِي".= اسين چئون ٿا تہ تون چگّن جو وياءُ آهين، چگّا ڪٽي لڄايا اٿيئي.

(٨) هي چَوندي (چوندو آهي)، اسان چور "ڪونِهيُون" (ڪونہ+ آهيون)= هيءُ چوي ٿو، اسين چور ڪين آهيون.

(٩) چام جي اُطاق تي "هلدَئون" (هلندا+ آهيون)= چام جي اوطاق تي هلون ٿا.

(١٠) اسان اِهُون ڪون "ڏاڍَئون" (ڏاڍا+ آهيون)= اسين هن ڪان ڏاڍا آهيون.

## صيغو "آهيان"

(١) مان "ڪونَهان" (ڪونہ+ آهيان) ويو= آءٌ ڪونہ ويو آهيان.

(٢) توهان سان گڏ مان پِي ايندو پيو "آن" (آهيان)= اوهان سان گڏ آءٌ بہ اچان ٿو.

(٣) مان ڪو ٻيو "ڪونِهيَان" (ڪونہ+ آهيان)= آءٌ ڪو ڏاريو نہ آهيان.

(۴) چَوندو "اَئِين" (آهيانءِ) تہ مَنِيندو ڪونِهين.= توکي چوان ٿو تہ نٿو مڃين.

صيغو "آهين"

(١) تون ڪوئِي پنج مار تہ "نائِين" (نہ+ آهين)= تون ڪو پنج- مار تہ نہ آهين.

(٢) واھ جي ڪم ڪيدو "پِئين" (پيو+ آهين)= واھ جو ڪم ڪدين تو پيو.

(٣) نذير کي ڄاڻدو "اِين" (آهين)؟= نذير کي سڃاڻين؟

(۴) ڇاڪان آيو "آن" (آهين)؟= ڇا لاءِ آيو آهين.

(۵) ڪاڏي پيو ويندو "آن" (آهين)؟= ڪيڏانهن پيو وڃين؟

صيغو "آهيو"

(١) اسان توهان ڏي اِينديَئون (ايندا+ آهيون) تہ توهان ڳلهئِينديَئِي "ناهو" (نہ+ آهيو)= اسين اوهان وٽ اچون ٿا تہ اوهين ڳالهايو بہ ڪين ٿا.

(٢) توهان پاڻ "هُونداٸو" (هوندا+ آهيو)= اوهين پاڻ هوندا آهيو.

(٣) توهان "ٽِيَاٸو" (ٽيا+ آهيو) چريا= اوهين چريا ٿيا آهيو.

(۴) اڄ نيڪاح "ناهو" (نہ+ آهيو) وِجهدا= اڄ نڪاح نٿا وجهو.

(۵) اسان جا تہ "وڏاٸو" (وڏا+ آهيو).= اسان جا تہ وڏا آهيو.

(٦) توهان اسان جا پَنهجا تہ "ڪونِهيو" (ڪونہ+ آهيو)= اوهان اسان جا عزيز تہ نہ آهيو.

(٧) توهان ڏاريا نہ "ڪونهو" (ڪونہ+ آهيو)= اوهان ڌاريا تہ نہ آهيو.

## (ب) زمان حال مطلق

هيءُ زمان، سنڌي ٻوليءَ جي رائج تحريري محاوري ۾، "مضارع" جي پڇاڙيءَ تي يا پوءِ مصدر جي معاون فعل گڏجي سان ٺهندو آهي، جيڪڏهن مضارع جي پڇاڙيءَ تي ۽ پوءِ ٻنهي مصدرن جا معاون فعل گڏجي استعمال ڪيا آهن تہ ٻيءِ هيءُ زمان "استمراري" تي پوندو آهي، مثلا:

| زمان حال مطلق | زمان حال استمراري |
| --- | --- |
| اچان ٿو | اچان ٿو پيو |
| لِکين پيو | لِکين ٿو پيو |

پر ماتيلي- اڀاوڙي جي ٻوليءَ ۾، ”معروف فعل“ جي حالت ۾، ”زمان حال مطلق“ ۽ ” زمان حال استمراري“ هڪجهڙا ٿين ٿا. هن ٻوليءَ ۾ زمان حال رڳو ”مضارع“ مان نہ ٺهندو آهي، پر اسم حاليہ ۽ مضارع ٻنهي جي ميلاپ سان ٺهندو آهي، البتہ اصل فعل ”مضارع“ بدران ”اسم حاليہ“ هوندو آهي، يعني اصل فعل اچان، وڃان، لکان بدران ”ايندو“، ”ويندو“، ”لِکدو“ وغيره هوندو آهي. جڏهن تہ هن ٻوليءَ ۾ زمان حال مطلق ۽ زمان حال استمراريءَ لاءِ ساڳيو فعل استعمال ٿئي ٿو، تنهنڪري اصل فعل کان پوءِ، ”استمرار“ پيدا ڪرڻ لاءِ ”پوڻ“ مصدر جو فعل معاون گڏي، ”هئڻ“ مصدر جي مضارع جو مخفف ملائبو آهي (اسم حاليہ+ استمرار+ مضارع) تہ زمان حال ٺهي پوندو آهي. انهيءَ ڪري اها ٻولي ڳالهائيندڙ ”اچان ٿو“ بدران ”ايندو پيو هان“ (آهيان)، ۽ ”لِکين پيو“ بدران ”لِکدو پيو هِين“ (آهين) چوندا آهن. اها ڳالهہ هن طرح بہ چئي سگهجي ٿي تہ: ”ماتيلي- اڀاوڙي جي ٻوليءَ ۾، زمان حال ۾ فعل جي ”سادي صورت“ ڪڏهن بہ ڪم نہ ايندي آهي، ان جي بدران فعل جي ”مدامي صورت“ استعمال ٿيندي آهي. هن ٻوليءَ ۾ ايئن ڪين چئبو تہ ”گڏهہ گهوڙي کان ننڍو ٿئي ٿو“ (سادي صورت)، بلڪہ چئبو تہ ”گڏهہ گهوڙي کان ننڍو ٿيندو آ“ (مدامي صورت). گرامر جي ٻوليءَ ۾ اسان هيئن بہ چئي سگهون ٿا تہ:

”رائج تحريري محاوري ۾، زمان حال مدامي جي ترڪيبي صورت (لڪندو آهيان) ۾ ”پوڻ“ مصدر جي فعل معاون گڏڻ سان ماتيلي- اڀاوڙي جي ٻوليءَ ۾ مستعمل زمان حال ٺهي ٿو.“

هڪ ڳالهہ ڌيان ۾ رهي تہ ”زمان حال“ جيڪڏهن ”مستقبل“ جي معنيٰ ۾ استعمال ٿئي ٿو تہ پوءِ ”ماتيلي- اڀاوڙي“ جي ٻوليءَ ۾ ”پوڻ“ مصدر جو معاون فعل استعمال نٿو ٿئي، مثلاً: تون چنتا نہ ڪر، مان خط ”لکدِو هانس“ (تون فڪر نہ ڪر، آءٌ کيس خط لکان ٿو). اهڙيءَ حالت ۾، هن ٻوليءَ وارا ”لکان ٿو“ بجاءِ ”لِکدوهان“ چوندا. اُن کان سواءِ ”مجهول فعل“ جي صورت ۾ ”ماتيلي- اڀاوڙي“ وارا زمان حال مطلق ۽ زمان حال استمراريءَ جو استعمال

الڳ الڳ ڪندا آهن، ان جي وضاحت لاءِ زمان حال جي مجهولي صورتن تي ٿوري روشني وجهجي ٿي.

## زمان حال جون مجهولي صورتون

رائج تحريري محاوري موجب زمان حال ۾ فعل مجهول جون ٻه صورتون استعمال هيٺ آهن. جيڪڏهن "سڏڻ" مصدر جو فعل استعمال ڪبو ته پهرين صورت ٿيندي "سڏجي ٿو"، ۽ ٻي صورت ٿيندي "سڏبو آهي". ماٿيلي- اباوڙي جي ٻوليءَ ۾، پهرين صورت مطلق استعمال نه ٿيندي آهي، ۽ رڳو پوئين صورت ڪم آئبي آهي. مثال طور ماٿيلي- اباوڙي جي ٻوليءَ ۾ ايئن ڪين چئبو ته "توڏانهن جيڪي ڪي لکجي ٿو، سو پڙهين ٻه نٿو". ان بدران چئبو ته "توڏي جيڪو ڪجھ لکبو آ، اُهو پڙهدوئي ناهِين."

ساڳيءَ طرح جيڪڏهن زمان حال ۾، ڪنهن ڪم جي ٿيڻ کي لازمي قرار ڏبو آهي ته رائج تحريري محاوري ۾ "اسم استقبال" جي پٺيان "ٿيڻ"، "پوڻ" يا "هئڻ" مصدر جو "زمان حال" يا "زمان حال مدامي" آڻبو آهي، مثلاً "لکڻو آهي"، "لکڻو پوي ٿو"، "لکڻو پوندو آهي"، "لکڻو هوندو آهي" وغيره. پر اهڙي موقعي تي ٻه ماٿيلي- اباوڙي علائقي وارا "لکڻو پوي ٿو" بدران "لکڻو پوندو آ" استعمال ڪندا آهن، يعني اسم استقبال جي پٺيان زمان حال بدران زمان حال مدامي ڳنڍيندا آهن.

هتي هڪ ڳالھ ڌيان ۾ رهي ته جيڪڏهن اسم استقبال جي پٺيان "پوڻ" يا "هئڻ" مصدر جو زمان ماضي يا زمان ماضي مدامي آڻي، زمان ماضي التزامي ٺاهبو آهي (مثلاً: لکڻو هو، لکڻو پوندو هو وغيره) ته پوءِ ماٿيلي- اباوڙي جي ٻوليءَ ۾ ان جوگردان هيٺينءَ ريت ٿيندو:

### فاعلي حالت: (مذڪر)

متڪلم: وڃڻو هُم (وڃڻو هُيس)
وڃڻا هاسي (وڃڻا هياسين)

حاضر: وڃڻو هين (وڃڻو هُئين)
وڃڻا هاوي (وڃڻا هُيئو)

غائب: وجٽو هو- وجٽو هُس (وجٽو هو- وجٽو هوس)
وجٽا ها- وجٽو هُن (وجٽا هئا- وجٽو هون)
(مونث)
متڪلم: وجٽي هَم (وجٽي هُيس)
وجٽيون هَسي (وجٽيون هيونسون- هيونسِين)
حاضر: وجٽي هين (وجٽي هُئِينءَ)
وجٽيون هَئو (وجٽيون هُيئو)
غائب: وجٽي هِي- وجٽو هُس (وجٽي هُئِي- وجٽو هُئُس)
وجٽيون هُون- وجٽوهُن (وجٽيون هُيون- وجٽو هُئُن)

مفعولي حالت ۾ به معاون فعل جي تقريباً فاعلي حالت واري صورت رهي ٿي.

# فعل جيون ٻٽيون متصل ضميري پڇاڙيون

سنڌي ٻولي، ٻولين جي ڪهڙي گروهہ سان تعلق رکي ٿي، تنهن بابت عالمن ۽ لسانيات جي ماهرن اڃاتائين ڪا حتمي راءِ قائم نہ ڪئي آهي. غير اهم علامتن ۽ معمولي هڪجهڙاين جي بنياد تي هيڏي پر پيچ ۽ گوناگون ٻوليءَ کي اسان ڪنهن نہ ڪنهن ٻوليءَ سان سلهاڙڻ لاءِ تيار ٿي ويندا آهيون. پر تعلق جي انهيءَ ڪچڙن ڌاڳن جي سلهاڙ گهڻو وقت جَٽري (جَٽي) نہ سگهندي آهي، ۽ هڪ ٺي سٽ ۾ ڇجي پوندي آهي. ايئن چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نہ آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جون اپڀاشائون يا محاورا پنهنجي جاءِ تي مڪمل ٻوليءَ جو درجو رکن ٿا، انهيءَ ڪري جيستائين انهن سيني محاورن جو اونهو اڀياس نہ ڪبو، تيستائين ٻونجهارا جنم وٺندا رهندا. "ماٿيلي- اڀاوڙي" واري ٻوليءَ جي گهري مطالعي مان، سنڌي ٻوليءَ جي اوائلي سٽاء بابت ڪيترا نوان نڪتا نروار ٿي سگهن ٿا، جن جي آڌار تي صرفي توڙي نحوي قاعدن تي نظرثانيءَ جا موقعا مهيا ٿي سگهندا، ۽ اهي ڳالهيون سنڌي ٻوليءَ جي گروهي تعلق معلوم ڪرڻ ۾ بہ اسان جي مدد ڪري سگهن ٿيون. هتي مختصر طور تي ڪي ٿاٽا ۽ نشان پيش ڪجن ٿا، جن کي نظر ۾ رکي، اهڙي قسم جي راهہ متعين ڪرڻ ممڪن ٿي پوندي. هن سلسلي ۾ "فعل جون ٻٽيون متصل ضميري پڇاڙيون" هڪ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيون، ڇو تہ "هند- آريائي" ٻولين جو تقابلي مطالعو ڪندي، لسانيات جي ماهرن جو ڌيان هميشہ سنڌي ٻوليءَ جي انهيءَ امتيازي خصوصيت ڏانهن ڇڪجي پئي ويو آهي.

محترم جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکن ٿا تہ: "فعل جون ٻٽيون متصل ضميري پڇاڙيون، جنهن مڪمل صورت ۾ سنڌيءَ ۾ رائج آهن، اُهي ٻي ڪنهن بہ هند- آريائي ٻوليءَ ۾ نٿيون ملن. اهي ٻٽيون متصل پڇاڙيون غالباً سِڌو سنئون عربيءَ مان، يا عربيءَ مان فارسي ذريعي سنڌيءَ ۾ رائج ٿيون. ڇاڪاڻ گهرجي تہ اڪيليون متصل ضميري پڇاڙيون سنسڪرت ۾ ملن ٿيون، جن جو مثال سنڌيءَ ۾ تيندو "ڇيم" (مون ڇيو)، "ماريوسون" (اسان ماريو)، پر سنڌيءَ ۾ انهيءَ ترڪيب جي پويان ٻي ٻِٽي پڇاڙي پڻ رائج آهي،

جنهن تہ ”چيمس يا چيومانس“ (مون هن کي چيو)، ”ماريوسونسِ“ (اسان هن کي ماريو).(۱)

محترم شيخ واحد بخش ٻنهين ضميري پڇاڙين کي سنڌي ٻوليءَ جي امتيازي صفت ڄاڻائيندي لکن ٿا تہ: بعضي فعل ۾ خود فاعل ۽ مفعول ٻنهي جو مفهوم سمايل هوندو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻنهيون ضميري پڇاڙيون بہ استعمال ٿينديون آهن، جا سنڌي ٻوليءَ جي هڪ امتيازي صفت آهي ۽ انهيءَ استعمال سان عبارت کي مقصر يعني ننڍو ڪري سگهجي ٿو. (۲)

ٻنهين متصل ضميري پڇاڙين وسيلي عبارت کي مقصر بنائڻ جي لياقت ۽ عادت رائج تحريري محاوري جي بنسبت ”ماٿيلي- اڀاوڙي“ جي ٻوليءَ ۾ تمام گهٽي آهي. انهيءَ ڪري ماٿيلي- اڀاوڙي جي ٻولي مختصر ترين ٻولي ليکي سگهجي ٿي، پر ان کي ثابت ڪرڻ لاءِ بحث جي طوالت کي برداشت ڪرڻو پوندو. هتي وري بہ اها ڳالهہ ورجائجي ٿي تہ رڳو ڪنهن هڪ محاوري جي صرفي نحوي بناوتن جي مطالعي جي بنياد تي ڪا راءِ قائم ڪبي تہ پوءِ غلطين کان بچڻ مشڪل ٿي پوندو. سنڌيءَ جي رائج تحريري محاوري تي پروسو ڪندي، مفروضا قائم ڪرڻ تہ تهان ئي غير ذمہ دارانہ عمل آهي. ان جو مثال ٻنهين ضميري پڇاڙين جي سلسلي ۾، پيرومل جهڙي وڏي محقق جي هڪ فروگذاشت جي نشاندهي ڪرڻ سان پيش ڪري سگهجي ٿو. ”ٻنهين پڇاڙين گڏڻ جي وات“ بابت اپٽار ڪندي، پيرومل ”ڏنومانس“ لفظ جي بناوت جا ڪي اصول بيان ڪيا آهن. سندس چوڻ آهي تہ ”ڏنم- ڏنوم“ جي پٺيان يڪدم ”س“ گڏي، ڏنومس نہ چئبو، پر ”م“ ۽ ”س“ پڇاڙين جي وچ ۾ ”آن“ جو اچار ملائي چئبو ”ڏنومانس“. (۳)

ظاهر آهي تہ هن صاحب ”ڏنم“ لفظ جي ٻي جڙتو يا نظم واري صورت ”ڏنوم“ ۾، هڪ اضافي اچار ”آن“ ملائي، مفعول جي معنيٰ ڏيکاريندڙ پڇاڙي ”س“ گڏڻ سان، انهيءَ لفظ جي بناوت بيان ڪئي آهي، ۽ سنئين

---

(۱) سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ: ڇاپو ٽيون، صفحہ ٦٣
(۲) سنڌي ٻوليءَ جو صرف ۽ نَحو: ٻاڳو ٻيو، ص ۷۰
(۳) وڏو سنڌي ويا ڪرڻ: ڇاپو ٻيو، ص ۱۴۲

سدي نموني "ڏنم" سان "س" ملائڻ کان هڪ طرح انڪار ڪيو آهي، جڏهن تہ "ماٿيلي- اڀاوڙي" جي ٻوليءَ ۾ ڏنم لفظ جي پهرين (ٻي صورت نظم واري آهي) ۽ اصلوڪي صورت ۾ مفعولي پڇاڙي "س" ملائڻ سان "ڏنمس" لفظ رائج آهي (جيئن جناب ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن سنئون سڌو "چيمس" جو مثال ڪم آندو آهي) جنهن کي ڇڪي ناٿي ۽ اينگهائي رائج تحريري محاوري وارن "ڏنومانس" لفظ ٺاهيو آهي. لائق مصنف وٽ انهيءَ ڇڪتاڻ جو ڪارڻ "اچار- سهنج" آهي. آڏوائي صاحب "ڏنمس" کي جيڪڏهن سنڌي لفظ شمار ڪري ها تہ جيڪر اهڙي اينگهہ ۽ ڊيگهہ کان بچي پوي ها.

هتي اهو ذڪر ڪرڻ ضروري ٿيندو تہ "ماٿيلي- اڀاوڙي" جي ٻوليءَ ۾ ٻنهي متصل ضميري پڇاڙين جي ڪارفرمائي هڪ عجيب ۽ نئين قسم جي آهي. اعرابن جي تبديليءَ سان ساڳي صورت واري لفظ جي معنيٰ ۾ حيرت انگيز تبديليون ظاهر ٿين ٿيون، ۽ لفظ جو صيغو ئي مٽجي وڃي ٿو. اختصار کي ملحوظ رکندي هتي "چوڻ" مصدر مان جڙيل هڪ فعل ۾ ضميري پڇاڙين جي اتصال سان پيدا ٿيندڙ مختلف معنائن جو ذڪر ڪجي ٿو.

| ماٿيلي- اڀاوڙي جي ٻولي | رائج تحريري محاورو |
|---|---|
| چَوندُم. | (١) هُو "مون کي" چَوندو. |
| | (٢) مان چوندس. |
| چَوندَم.* | (١) اُهي "مون کي" چوندا. |
| | (٢) اُهي "مون کي" چونديون. |
| | (٣) هُوءَ "مون کي" چوندي. |
| | (٤) مان چونديس. |
| چَوندِم. | (١) هُو "مون کي" چوي ٿو. |
| | (٢) اُهي "مون کي" چون ٿا. |

* ماٿيلي- اڀاوڙي جي ٻوليءَ ۾ ڪٿي ڪٿي "چَوندَم" بدران "چَونديم" بہ ڳالهايو وڃي ٿو. پر اُن جي معنيٰ "اُهي مون کي چوندا" هرگز نہ ٿيندي آهي، ٻنهي لفظن جون باقي معنائون ساڳيون آهن

(٣) مان چوان ٿو.

مذڪوره لفظن کي جملن ۾ هيٺين ريت استعمال ڪيو وڃي ٿو:

١. "چَوندُم" تہ ڏِيندُمس= هُو مون کي چَوَندو تہ مان ڪيس ڏيندس.

٢. "چَوندَم" تہ ويندِي مان (نون اعلانيہ)= هُو مون کي چوندا تہ مان وٺن ويندس

٣. "چَوندِم" تہ لڏي وڃ= هُو مون کي چوي ٿو تہ لڏي وڃ.

انهيءَ گروهہ جو هڪ ٻيو لفظ آهي "چَوندِي اِم"، جنهن جي معنيٰ آهي، (١) هوءَ مون کي چوي ٿي، ۽ (٢) مان چوان ٿي.

ماٿيلي- اڀاوڙي جي ٻوليءَ ۾ فعل سان ضمير متصل جو استعمال هڪ تہ ڪثرت سان ٿئي ٿو ۽ ٻيو ٻٽي ضمير متصل جي استعمال ۾ منجهس هڪ خاص انفراديت پيدا ٿئي ٿي. ضمير متصل متڪلم جي پٺيان ضمير حاضر ۽ ضمير غائب جي پڇاڙين گڏ سان ماٿيلي- اڀاوڙي جي ٻوليءَ ۾ جيڪي فعل نهن ٿا، تن جا گردان پيش ڪري، انهيءَ حقيقت کي وڌيڪ واضح ڪري سگهجي ٿو.

| ماٿيلي- اڀاوڙي جي ٻولي | رائج تحريري محاورو |
| --- | --- |
| **(مذڪر)** | |
| (مفعول) ضمير حاضر واحد | چَوندُمِي= مان "توکي" چوندس. |
| ضمير حاضر جمع | چَوندُموي= مان "توهان کي" چوندس. |
| ضمير غائب واحد | چَوندُمس= مان "هن کي" چوندس |
| ضمير غائب جمع | چَوندُمني= مان "هنن کي" چوندس. |
| **(مونث)** | |
| ضمير حاضر واحد | چَوندَمِي= مان "توکي" چونديس. |
| ضمير حاضر جمع | چَوندَموي= مان "توهان کي" چونديس. (چَونديَموي) |
| ضمير غائب واحد | چَوَندَمس= مان "هن کي" چونديس. |

(ڇَونديمس)

ضمير غائب جمع — ڇَوندَمِ ني= مان "هنن کي" چونديس.

(ڇَونديَمني)

مٿي ڄاڻايل گردان زمان مستقبل ۾ آهي، پر ساڳئي فعل جو ڦيرو اعرابن جي مٽا سٽا سان زمان حال ۾ بہ ٿئي ٿو، البتہ ھٿين متصل پڇاڙين وارا اهڙي قسم جا فعل "ماٿيلي- اڀاوڙي" جي هندو آبادي استعمال ڪري ٿي، مثلاً:

**ماٿيلي- اڀاوڙي جي ٻولي — رائج تحريري محاورو**

**(مذڪر)**

ضمير حاضر واحد — ڇَوندِمِي= مان "توکي" چوان ٿو.

ضمير حاضر جمع — ڇَوندِموي= مان "توهان کي" چوان ٿو.

ضمير غائب واحد — ڇَوندِمس= مان "هن کي"چوان ٿو.

ضمير غائب جمع — ڇَوندِمني= مان "هنن کي" چوان ٿو.

**(مونث)**

ضمير حاضر واحد: — ڇَوندِي اِمي= مان توکي چوان ٿي.

ضمير حاضر جمع: — ڇَوندِي اِموي= مان توهان کي چوان ٿي.

ضمير غائب واحد: — ڇَوندِي اِمس= مان هن کي چوان ٿي.

ضمير غائب جمع: — ڇَوندِي اِمني= مان هنن کي چوان ٿي.

ماٿيلي- اڀاوڙي جي ٻوليءَ ۾، ھٿين متصل ضميري پڇاڙين جي ڪارستانين کي سمجهڻ لاءِ اسين هڪ ڀيرو ٻيهر ڇَوندُمِي، ڇَوندَمِي ۽ ڇَوندِمِي لفظن جي بناوت تي غور ڪريون ٿا. انهن فعلن ۾ اصل فعل جي پٺيان "مِي" يعني "مِ" ۽ "ي" متصل ضميري پڇاڙيون آهن، جن مان "مِ" متڪلم واحد جي، ۽ "ي" ضمير حاضر واحد جي نشاني آهي. ساڳيءَ طرح ماٿيلي- اڀاوڙي جي ٻوليءَ ۾ ڇَٿِمِي ۽ ڇَيُمِي لفظ پڻ رائج آهن:

ڇَٿِمِي= مون توکي چيو آهي. (ماضي قريب)

چَئُمِي= مون توکي چيو. (ماضي مطلق)

پهرين ٽن فعلن ۾، ۽ پوين ٻن فعلن ۾ فرق رڳو هيءُ آهي تہ چَوندُمِي، چَوندَمِي ۽ چَوندِمِي اسم حاليہ مان جڙيل فعل آهن، جڏهن تہ چَئِمِي ۽ چَئُمِي زمان ماضي قريب ۽ زمان ماضي مطلق ۾ هئڻ سبب اسم مفعول مان ٺهيل آهن. وڌيڪ وضاحت خاطر انهن ٻنهي فعلن جا گردان هيٺ ڏجن ٿا:

(١) چَئِمِي= مون "توکي" چيو آهي. چَئموي= مون "توهان کي" چيو آهي.

چَئيسيٿِي= اسان "توکي" چيو آهي. چَئيسيوي= اسان "توهان کي" چيو آهي.

چَئِمس= مون "هن کي" چيو آهي. چَئمِني= مون "هنن کي" چيو آهي.

چَئيسيس= اسان "هن کي" چيو آهي. چَئيسيني= اسان "هنن کي" چيو آهي.

چَئيسِي= تو "هن کي" چيو آهي. چَئِنِي= تو "هنن کي" چيو آهي.

چَئيويس= توهان "هن کي" چيو آهي. چَئيويني= توهان "هنن کي" چيو آهي.

(٢) چَئِمِي= مون "توکي" چيو (چَيُپُ= چيو+ م= مون+ ي= (توکي) تون)

چَئُموي= مون "توهان کي" چيو (وي= (توهان کي) توهان)

چيو سيئِي= اسان "توکي" چيو (سي= اسان).چيو سيوي= اسان "توهان کي" چيو.

چَئُمس= مون "هن کي" چيو (س= هن (هن کي). چَئُمني= مون "هنن کي" چيو (ني= هنن ) هنن کي).

چيوسيس= اسان "هن کي" چيو. چيوسيني= اسان هنن کي چيو.

چَئُسِي= تو "هن کي" چيو. چَئُنِي= تو "هنن کي" چيو.

چَئُويس= توهان "هن کي" چيو. چَئُويني= "توهان" هنن کي چيو.

ماتيلي- ٻاوڙي جي ٻوليءَ ۾ اصل فعل جي پٺيان ايندڙ، فعل معاون (هئڻ مصدر) سان ٻنيون ضميري پڇاڙيون ملائي، مختلف معنائون حاصل ڪبيون آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙي قسم جا فعل نهايت قديم معلوم ٿين ٿا، ۽ انهن جو گهرو مطالعو لسانيات جي عالمن لاءِ تحقيق جون نيون راهون کولي سگهي ٿو. هتي نموني طور ڪي مثال پيش ڪجن ٿا.

| | |
|---|---|
| **اصل فعل چَيو:** (ماضي بعيد) | اچيوهَمانوي= مون "توهان کي" چيو هو. |
| چيو هَمِي= مون "توکي" چيو هو. | |
| چيو هَسيئِي= اسان "توکي" چيو هو. | چيو هَسيوي= اسان "توهان کي" چيو هو. |
| چيو هَمانس= مون "هن کي" چيو هو. | چيو هَماني= مون "هنن کي" چيو هو. |
| چيو هَسيس= اسان "هن کي" چيو هو. | چيو هَسيني= اسان "هنن کي" چيو هو. |

---

| | |
|---|---|
| چيو هَسي= تو "هن کي" چيو هو. | چيو هَنِي= تو "هنن کي" چيو هو. |
| چيو هَويس= اوهان "هن کي" چيو هو. | چيو هَويني= اوهان "هنن کي" چيو هو. |

**ماضي قريب**

| | |
|---|---|
| چيوٿَمانئِين= مون "توکي" چيو آهي. | چيو ٿَمانوي= مون "اوهان کي" چيو آهي. |
| چيو ٿَسيئِي= اسان "توکي" چيو آهي. | چيو ٿَسيوي= اسان "اوهان کي" چيو آهي. |

چيو ٺَمانس= مون "هن کي" چيو آهي. چيوٺَماني= مون "هن کي" چيو آهي.

چيوٺَسيس= اسان "هن کي" چيو آهي. چيوٺَسيني= اسان "هن کي" چيو آهي.

---

چيوٺَسِي= تو "هن کي" چيو آهي. چيوٺَنِي= تو "هن کي" چيو آهي.

چيوٺَويس= اوهان "هن کي" چيو آهي. چيوٺَويني= اوهان "هن کي" چيو آهي.

"ماٺيلي- اڀاوڙي" جا هندو چيوٺَمانئِين، چيوٺَمانوي، چيوٺَسيئِي ۽ چيوٺَسيوي بدران "چَٿِمِي، " "چَٿِموي" ، چَٿيسيئِي ۽ چَٿيسيوي ڪم آڻيندا آهن، ۽ چيوٺَمانس، چيوٺَماني، چيوٺَسيس ۽ چيو ٺسيني بدران چَٿِمس، چٿمني، چَٿيسيس ۽ چَٿيسيني چوندا آهن. ساڳئي وقت چيوٺَسِي، چيوٺَنِي، چيوٺَويس ۽ چيوٺَويني بدران چَٿيسِي، چَٿِنِي، چَٿيويس ۽ چَٿيويني استعمال ڪندا آهن. اُن ڪان سواءِ هن علائقي جون ڪي قومون ٺَمانوي بدران ٺَمانوَ ۽ ٺَسيوي بدران ٺَسيوَ بہ چونديون آهن، پر انهن ٻنهي لفظن جي آخري حرفن کي انتهائي خفيف نموني متحرڪ ڪنديون آهن.

"ماٺيلي- اڀاوڙي" جي ٻولي ۾، ٻنهي ضميري پڇاڙين سان "هُئڻ" مصدر جو استعمال بہ ٿيندو آهي، پر ان کي ايترو مخفف ڪيو ويندو آهي، جو "هئڻ" مصدر مان معلوم ٿي نہ ٿيندو آهي، مثلاً:

"چَوندِئِي"= هُو "توکي" چوي ٿو (چوندو آهي).

"چَونديوي"= هُو "توهان کي" چوي ٿو.

چَونَدنِي= اُهي توکي چون ٿا.

"چَوندِنوي"= اُهي "توهان کي" چون ٿا.

"چَوندِيئِي"= هوءَ "توکي" چوي ٿِي.

"چَونديِوي"= هوءَ "توهان کي" چوي ٿي.

"چَوندِيِنِي"= اُهي "توکي" چون ٿيون.

"چَوندِينوي"= اُهي "توهان کي" چون ٿيون.

هڪ ڳالهہ ڌيان ۾ رهي تہ ماٿيلي- اڀاوڙي جي ٻوليءَ ۾، زمان حال جو گردان، اصل فعل جي پٺيان معاون فعل "ٿيڻ" نہ پر "هئڻ" مصدر مان آڻڻ سان ٿهي ٿو، ان کان سواءِ "ضمير غائب"، جڏهن ٻئي ضمير غائب (مذکر خواه مونث) سان مخاطب هوندو آهي تہ اُن جي صورت هيٺ ڄاڻايل نموني ۾ ٿيندي آهي:

| هندن جي ٻولي | مسلمانن جي ٻولي |
|---|---|
| چَوندِس (چوندو آهيس) | چَونداِس= هُو "هن کي" چوي ٿو. |
| چَونديني (چوندو آهيني) | چَونداِني= هُو "هن کي" چوي ٿو. |
| چَوندِنس (چوندا آهنس) | چَوندا اِنس= اُهي "هن کي" چون ٿا. |
| چَوندَيني (چوندا آهنِن) | چوندا اِني= اُهي "هن کي" چون ٿا. |

مونث ۾، چَونديِ اِس، چوندي اِني، چونديون اِنس ۽ چونديون اِني صورتون ڪم اچن ٿيون. ڪي "فعلي صورتون"، رائج تحريري محاوري ۾ هڪ معنيٰ ٿيون رکن تہ "ماٿيلي- اڀاوڙي" جي ٻوليءَ ۾ سندن ٻي معنيٰ آهي، مثلاً:

ويٺو هُوندُسِ= مان ويٺو هوندس، جيڪڏهن "عام صورت" ۾ آهي تہ پوءِ "ماٿيلي- اڀاوڙي" جي ٻوليءَ ۾ استعمال نہ ٿيندو، انهيءَ ٻوليءَ ۾ چئبو: "ويٺو هُوندُمَ"، پر جي اها صورت "حالت امدادي" ۾ آهي تہ پوءِ ماٿيلي- اڀاوڙي جي ٻوليءَ ۾ سندس معنيٰ ٿيندي: "هُو هِن لاءِ ويٺو هوندو." ٻاهڙيءَ طرح ويٺي هُوندَس= هوءَ "هِن لاءِ" ويٺي هوندي، ويٺا هُوندَن= اُهي "هن لاءِ" ويٺا هوندا، وغيره.

فعل جي پٺيان ٻٽين ضميري پڇاڙين جا ڪي مثال، ماٿيلي- اڀاوڙي جي ٻوليءَ مان پيش ڪجن ٿا تہ جيئن سنڌي ٻوليءَ جي اها خصوصيت وڌيڪ نروار ٿي سگهي:

ڏِنيوي = اوهان "اُهو" ڏنو آهي.
ڏِنيئِوي = اوهان "اها" ڏِني آهي.
ڏِنو وي = اوهان "اهو" ڏنو.

ڏِنيا وي = اوهان "اها" ڏِني
ڏنا وي = اوهان "اُهي" ڏنا.
ڏنِيَنوي = اوهان "اُهي" ڏنيون.

---

ڏِنس= هن "اُن کي" ڏنو آهي. ڏِنوئِس= هن "اهو ڏنو آهي.
ڏِنني= هنن "اُن کي" ڏنو آهي. ڏِنوئِنيَ= هنن "اُهو" ڏنو آهي.

ڏِنيسِي = تو "هن کي" ڏِني.
ڏِنينِي = تو "هنن کي" ڏني.
ڏِنيويس = اوهان "هن کي" ڏني.
ڏِنيوين = اوهان "هنن کي" ڏِني.

# ماتيلي- اباوڙي جي ٻوليءَ ۾ واحد ۽ جمع

عام طرح چيو ويندو آهي ته اتر سنڌ ۾، لفظن جي جمع جوڙڻ جا قاعدا، رائج تحريري محاوري کان ٻئي نمونې جا آهن. اُهي کٽ جو جمع کٽون بدران "کٽان"، زال جو جمع زالون بدران "زالان" ڪن ٿا. مرحوم حسام الدين راشديءَ جي مشهور تصنيف "هو ڏوٿي، هُو ڏينهن" خواه محترم پروفيسر اسدالله ڀٽو جي ترجمو ٿيل ڪتاب "آريائي اجاريو" ۾ متي ڄاڻايل طريقي سان جڙيل جمع ڪم آيل آهن، انهيءَ اصول کي سڀ ڪنهن قسم جي مؤنث لفظ جي جمع سان لاڳو سمجهيو ويو آهي، پر اها هڪ وڏي غلط فهمي آهي، جنهن جو شڪار پيرومل به ٿيو آهي، هو صاحب لکي ٿو ته:

"مونث اسمن جو جمع: کٽ جمع کٽون، بلا جمع بلائون، پٽ جمع پٽيون (پٽ+ اون)، گهوڙي جمع گهوڙيون (گهوڙي+ اون) ۽ ڪنڌ جمع ڪنڌون. هن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته جن مونث اسمن جي پڇاڙي آ- آ- اِ- اي ۽ اُ اچي ٿو تن جو جمع "اوُن" پڇاڙي گڏڻ سان ٿئي ٿو."*

اڳتي هلي ٻڌائي ٿو ته:

"سرحد سنڌ ۾ "اون" بدران "آن" پڇاڙي گڏيندا آهن. جيئن زال- زالان."

درحقيقت سرحد سنڌ يعني "ماتيلي- اباوڙي" جي ٻوليءَ ۾ هرهڪ مونث اسم جو جمع "آن" گڏڻ سان نه ٺهندو آهي. "ماتيلي- اباوڙي" وارا توڙي سمورا اتراڌي محاوري وارا، ڪيترن مونث اسمن جو جمع، "اُون" پڇاڙي گڏي ٺاهيندا آهن. "آن" پڇاڙي ته رڳو انهن مونث اسمن جي پڇاڙي گڏيندا آهن، جن جي پوئين اکر تي "زبر" هوندي آهي، مثلاً: آڏَ- آڏان، رڳَ- رڳان، لِيڪَ- ليڪان، وِڪَ- وِڪان وغيره. باقي جيڪڏهن مَکِ، اکِ، جوءِ، دِلِ، ٻاهِہِ وغيره مونث اسمن جو جمع ٺاهبو ته "اُون" پڇاڙي گڏبي مثلاً مکيُون، اکيُون، جويُون، دِليُون، ٻاهِيُون وغيره. پيرومل "ٻاهِہِ" جو جمع،

* وڏو سنڌي ويا ڪرڻ، ڇاپو ٻيو (١٩٨٥). ص- ٣٦

سرحد سنڌ وارن وٽ "باهيان" ٿو سمجهي. سنڌس خيال ۾ اهو سڀ سرائيڪي ٻوليءَ جو اثر آهي، ان جو مثال هُو اُتر سنڌ جي نمائندي شاعر حضرت "بيڪس" جي سرائيڪي شعر مان پيش ڪري ٿو (برهہ "باهيان ٻاليان)* پر ڏنو وڃي تہ باهہ جو جمع سرائيڪي زبان ۾ "باهيان" نہ، مگر "باهِين" آهي، دراصل بيڪس جو سرائيڪي ڪلام معياري سرائيڪيءَ ۾ چيل نہ آهي. سنڌ ۾ رهندڙ "سرائيڪي گو" ماڻهن جي ٻولي سنڌي زبان کان گهڻو متاثر آهي، ورنہ باهہ جو جمع "باهِين" ٿيڻ گهرجي. هتي معياري سرائيڪي زبان جي مستند شاعر خواجہ "غلام فريد" جي هڪ ڪافيءَ ۾ ڪم آيل انهيءَ لفظ جو مثال پيش ڪجي ٿو:

"ڍولا تيڏي سِڪ ڍير هم، تانگهان گهٽيان چاهِين ٻهُون
ڪَپ ڪَپ ڪيدان "آهِين" ٻهُون، تَپ تَپ اُٿن "باهِين" ٻهُون"

خواجہ صاحب باهِہ جو جمع "باهِين" چاهِہ جو جمع "چاهِين" ۽ آهِہ جو جمع "آهِين" ڪري ڪم آندو آهي، تنهنڪري باهہ جي جمع ڪي "باهيان" چوڻ ڪنهن بہ حالت ۾ درست نہ آهي.

ان ڪان سواءِ اُهي مونث اسم (واحد)، جن جي پڇاڙيءَ وارو آواز "اِي" آهي، تن جو جمع "ماتيلي- اڀاوڙي" جي ٻولي خواه اتراڏي محاوري ۾، رائج تحريري محاوري وانگر جڙي ٿو، مثلا:

چوٽِي- چوٽِيُون، راڻِي- راڻِيُون، ٻانِهي- ٻانِهيُون وغيره

مطلب تہ واحد مان جمع جوڙڻ لاءِ، "ماتيلي- اڀاوڙي" جي ٻوليءَ ۾، مذڪر اسمن لاءِ بالڪل اُهي قاعدا آهن، جي رائج تحريري محاوري ۾ آهن، ۽ مونث اسمن ۾ بہ ڪي مخصوص اسم آهن، جن جو جمع، واحد مونث اسم پٺيان "آن" گڏڻ سان ٿهي ٿو.

---

* دم دم اسادي دل تي سڄڻان ديان ڳالهيان،
ڏاڍا فراق لڳڙا، برهہ باهيان ٻاليان. (بيڪس)

# ”ماٽيلي- اباوڙي“ جي ٻوليءَ جا ڪي انوکا اهڃاڻ

ٻولي آهي اظهار بيان جو آسان ۽ اثرائتو طريقو. آسانيءَ ڏانهن ڊوڙڻ ته انساني سڀاءَ ۾ سمايل آهي، پر ڪنهن ٻ ڳالهه ۾ اثر پيدا ڪرڻ هڪ ھٺرادو ۽ مصنوعي عمل آهي. انهيءَ مصنوعي عمل ۾، ڪي صنعت گر يا سُرتيا سگهڙ سدائين مصروف نظر اچن ٿا. انهن جي اها صناعي ۽ پيچ- گهڙ فطرت کي ايترو ويجهي هوندي آهي، جو اُن کي ڪي وينجهار ۽ ڳولا ٻ مشڪل سان سمجهي سگهندا آهن، ورنه عام ماڻهو ته انهيءَ ڳالهه کي نه ڪاريگري سمجهي ٿو نه صنعت گري. مثال طور ھتي ڪاڇڻ جي ٻوليءَ جو هڪ جملو سامهون رکجي ٿو: ”اَهي ڏِيندِنِ وَندِنِ پاڻ ۾.“ يعني اُهي پاڻ ۾ سڳابندي ڪن ٿا يا اُهي پاڻ ۾ سڱ ڏيندا وٺندا آهن. ”ڏيڻ“ ۽ ”وٺڻ“ جڏهن مرکب صورت ۾ گڏجي ڳالهايا وڃن ٿا، تڏهن ازخود رشتي يا سڱ جو مفهوم ذهن ۾ جاءِ وٺي ٿو. اهڙيءَ صورت ۾ ڪنهن ٻِي شيءِ جي ”ڏيڻ- وٺڻ“ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. اجا ٻ ڏسجي ته عام ماڻهو ته معنيٰ جي رڳو انهي محدود سطح تائين پهچندو، پر عاقل ۽ عالم انهيءَ جملي جي بندش ۽ بيهڪ تي ائين سوچيندا ته ”اِهي ڏِيندِنِ وندِنِ پاڻ ۾“ جي معنيٰ ته اهي پاڻ ۾ ”ڏيندا آهن“ ۽ ”وٺندا آهن.“ ظاهر آهي ته ھتي هڪ جملي بدران ٻ جملا وجود رکن ٿا، ڇو ته آهن فعل ٻ پيرا ڪم ايو آهي، جڏهن ته عام ٻوليءَ ۾ اهو فعل (ڏين وٺن ٿا) هڪ دفعو ڪم اچي ٿو.

ڪاڇڻ جي ٻوليءَ جو هڪ ٻيو جملو آهي ”لوڪ ڪِلدَئِن، جي ناهيسي ويندا.“ (جي نٿا وڃون ته ماڻهو ڪلندا). ”ڪلدئن“ معنيٰ ”ڪلندا آهن“ (ڪلِن ٿا) ۽ ”نَهيسي ويندا“ معنيٰ ”اسان نه ويندا آهيون“ (اسان نٿا وڃون). ”ڪِلندا آهن“ آهي ته ”زمان حال مدامي“، پر جيڪڏهن ان کي ڪٽي ”زمان حال“ تسليم ڪجي، ته ٻ ڪيس ”زمان مستقبل“ ته هرگز چئي نه سگهبو، جڏهن ته ”ڪلندا“ (جي نٿا وڃون ته ماڻهو ڪلندا) ته سنئون سڌو ۽ ڇٽو پڌرو

"زمان مستقبل" جو فعل آهي. ساڳئي وقت "نَهيسي ويندا" جو "ويندا" لفظ پنهنجي جاءِ تي قائم سمجهجي ته پوءِ "نَهيسي" جي "سي" (ضمير متڪلم جمع متصل جي نشاني) کي ڇڏي، باقي "نَهي" کي "نه آهيون" جي معنيٰ ۾ ڪم آيل ڄاتو ويندو (نه+ آهيون+ اسين= نَهيسي). انهيءَ صورت ۾ "نَهيسي ويندا" جي معنيٰ ٿيندي: "اسين نه ويندا آهيون." "ويندا آهيون" جو زمان نه "حال مدامي" آهي، پر ڪاڇٺا اُن مان "نتا وڃون" جي معنيٰ وٺندا.

اڀاوڙي تعلقي جي ڪنيڙن جي ٻوليءَ جو هڪ جملو آهي: "ڪوشش ڪئي وڃجي، پو (ءِ) ڪتائي ياڳ" هن جملي تي ويچارڻ ڪان اڳ ٻئي هڪ جملي تي غور ڪجي ته "ڪوشش ڪئي ويئي، پوءِ ڪتائي ياڳ." هن پوئين جملي جي پهرئين فعل "ڪئي ويئي" جو زمان "ماضي" آهي، پر اُن کي جيڪڏهن مستقبل ۾ آڻبو ته ٿيندو: "ڪوشش ڪبي، پوءِ ڪتائي ياڳ"، يا "ڪوشش ڪجي، پوءِ ڪتائي ياڳ" . هتي پهرئين فعل مان "وڃڻ" مصدر نڪري ويو آهي، پر ڪنيڙا جڏهن ڳالهائيندا، ته اهو مصدر ضايع نه ڪندا ۽ مٿي ڄاڻايل جملو چوندا: "ڪوشش ڪئي وڃجي، پوءِ ڪتائي ياڳ."

ريتي شهر جي هڪ مراداڻي چاڇڙ چيو ته "اڳي شاديون ٿينديون هون ته ڪُپا تيا، پاٽڙا تيا، دانگيون تيون، دلا تيا. ڪنيار "ڏو وو" ڪري ڪنئِي ايندا ها" . يعني "اڳ شاديون ٿينديون هيون ته ڪنير ڪُپا، پاٽڙا، دانگيون ۽ دلا ڏوئو ڪري (تحفي طور) ڪنيو ايندا هئا." هتي "ڪُپا تيا، پاٽڙا تيا، دانگيون تيون، دلا تيا" ۾ "تيا ۽ تيون" جو ورائي ورائي آڻڻ ۽ تڪرار عام سنڌي ٻوليءَ جي لحاظ سان هڪ سوچڻ واري انوکي ڳالهه آهي.

**مصدر "ڪرڻ" مان فعل جا معاون صيغا:** "ماتيلي- اڀاوڙي" جي ٻوليءَ ۾ "ڪرڻ" مصدر جا صيغا "معاون فعل" طور گهٽو ڪم اچن ٿا. مثلاً عام سنڌي ٻوليءَ ۾ چئبو ته: "ماني کائي، سمهي رهه." پر ماتيلي- اڀاوڙي علائقي وارا چوندا ته "ماني کائي ڪري سمهي پَو." اهڙيءَ طرح هن فعل جون ٻيون صورتون به رائج آهن، مثلاً، "هن کي ونڊي "ڪَراهين" وٺئون جيل ۾." هتي "ڪراهين" (ڪرڻ مصدر) وٺڻ مصدر جي مدد طور آيل آهي. ٻيو

جملو آهي تہ "هتي رهندي "ڪندي". هن جملي ۾ پڻ ساڳيءَ طرح رهندي (رهي ٿو) سان "ڪندي" (ڪري ٿو) فعل معاونت ڪري رهيو آهي. ڏنو وڃي تہ هن ٻوليءَ تي ڪم ڪرڻ لاءِ ميدان موجود آهي ۽ اهو آهي بہ وسيع.

**"نہ" جو استعمال:** سنڌي ٻوليءَ ۾، "نہ" جو استعمال رڳو "ظرف انڪاري" طور نہ ٿيندو آهي، پر اُن جا ڪيترائي استعمال ۽ ڪيتريون ئي معنائون آهن، مثلاً هيٺين جملن ۾ "نہ" جدا جدا معنائن ۾ ڪم آيو آهي:

١ـ هائو "نہ"! تنهنجي ملڪيت آهي، رهيل، رقم ڏيئي، ڪٽي وڃ. (نہ= حرف تصديق)

٢ـ ڪتاب تہ توئي ڦاڙيو آهي، هائو "نہ"؟ (نہ= حرف استفهام)

٣ـ اڄ "نہ"! اسين تنهنجي انتظار ۾ آهيون (نہ= حرف تاڪيد)

۴ـ چيو مانءِ "نہ"! تہ مون وٽ هڪ رپيو بہ نہ آهي (نہ= حرف يقين)

۵ ـ تون مون کي سڃاڻين بہ ڪونہ ٿو "نہ"! (نہ= حرف شڪايت)

٦ـ ڇڏ "نہ"! اجايو ضد نہ ڪر. (نہ= حرف تنبيهہ)

اُهي ساڳيا جملا ماٿيلي- اڀاوڙي جي ٻوليءَ ۾ رائج آهن، رڳو ٻوليءَ جو فرق آهي، مثلاً:

١ـ هَئو "نہ"! شَي تُهجِي آ، بچدا پَيسا ڏِئي ڪري، چائي وَڃ.

٢ـ اهو ڪتاب تہ تو ڦاڙيو آ، هَئو "نہ"؟

٣ـ آ "نہ"! (اڄ نہ) اسان تُهجي ڪان ڪڙائون (بيٺا آهيون).

۴ـ چَيُمِي "نہ"! مان وٽ ٽڪو ئي ڪونهي.

۵ ـ نائِين سڃاڻيندو پيو "نہ"!

٦ـ ڇڏَ "نہ"! هرويرو جي ضد نہ ڪر. وغيره.

پهرئين جملي ۾ "هائو" ۽ "نہ" بہ متضاد لفظ گڏ استعمال ٿيا آهن. ظاهر ۾ ايئن ٿو لڳي تہ "هائو" ظرف هاڪاري ۽ "نہ" ظرف ناڪاري آهي، پر هتي "نہ" جي معنيٰ ٿيندي "ايئن برابر آهي،" يعني ڳالهہ کي وڌيڪ ٺيڪ ڏيڻ ۽ تصديق ڪرڻ لاءِ "هائو" جي پٺيان ساڳيءَ معنيٰ وارو لفظ "نہ" ڪم آندو ويو آهي. اهوئي سبب آهي، جو هن جملي ۾ ڪم آيل لفظ "نہ" کي حرف

تصديق سڏيو ويو آهي. ھئي جملي ۾ ساڳيا لفظ "هائو" ۽ "نہ" سواليہ نشانيءَ سان آيل آهن، تنهنڪري سندن معنيٰ ٿيندي: "ڇا ائين برابر آهي؟" اهڙيءَ طرح ٻين جملن ۾ ڪم آيل لفظ "نہ" جدا معنائون رکي ٿو.

اُتر سنڌ ۾ ڪن هنڌن تي اهو "نہ" مٽجي "نِي" تي پيو آهي، ۽ "هائو نہ" کي "هائو نِي" ڪري ڪم آڻبو آهي. ڀيرو مل "شڪارپور جي مٺي ٻولي" جي عنوان هيٺ "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" ۾ لکيو آهي تہ: "ٻين هنڌ چون "اُت نہ، هل نہ" پر شڪارپوري چون "اُت نِي، هل نِي". هتي تہ بنهہ پڌرو آهي تہ "نہ" جي ننڍڙي اچار کي وڌائي "نِي" ڪن ٿا، جنهنڪري اهو اچار بلڪل ڇڙو ٿيو پوي، پر ساڳئي وقت اهو سُر سان اچارين ٿا، تنهنڪري سندن ڳالهائڻ مٺو پيو لڳي."*

اهو برابر آهي تہ شڪارپور پاسي "نہ" بدران "نِي" جو استعمال گهڻو ٿئي ٿو، پر ائين چوڻ درست نہ ٿيندو تہ اهو لفظ ڪنهن مخصوص اراضيءَ کان سواءِ ٻئي هنڌ ڳالهايو ئي نہ ويندو آهي. "پيرڳوٺ" شڪارپور کان گهڻو پري، درياءَ جي ٻئي پاسي آهي. اُتان جي عظيم شاعر حضرت علي گوهر شاهہ "اصغر" جي ڪلام ۾ "نِي" جو استعمال انتهائي سهڻي نموني ٿيل آهي، مثلاً:

"اکين تنهنجن جان جهٽي "نِي" بط وٺي جيئن باز

ٻئي هنڌ "بارانِي" قافيہ سان ٻيا قافيا "نِي" جي ميلاپ سان پيدا ڪيا ويا آهن:

نيڻن ڪئي "باراني"، تنهنجي فراق ۾ سهٽا

١- رات جا گذري هن هيٺي جي، تڪيندي سو تارا "نِي"

٢- نيڻ جي تنهنجا آهن مون لئہ، ماڻ پريا سي مارا "نِي"

٣- عاشق موٽن جي، جڳ ۾ تين ڪوڙا ۽ سي ڪارا "نِي"

(۴) ڪڏهن ملندين هڻ ويچاريءَ سان، تڪيان تنهنجا ٿي چارا "ني"

---

* سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ: ڇاپو ٻيو، ص ٩٩.

٥"اصغر" عاشق هڏ نہ هلندو، پرت ۾ تئي جي پارا "نِي" ٻي هڪ قافيءَ ۾ "اصغر سائين" "ياراني" قافيي سان قافيو "باراني" آندو آهي، باقي ٻيا قافيا "نِي" جي اضافي سان پيدا ڪيا اٿس:

يار پاتي اڄ "يارانِي"، مون سان ڇيچ وجهي اجهو ڇيچ ۾ جيڏيون

١- شاهي ڏنائونم شوق جي، اهڙي ڪئي نہ دارا "نِي"

٢- ساهہ سوگهو ڪيو سڄڻ سرتيون، ڳڻن جا وجهي ڳارا "نِي"

٣- گڏ هجان تنهن دلبر سان، عُمر ايام سي سارا "نِي"

٤- "اصغر" عاشق جا وقت تنهين، نريا اکين جا تارا "نِي"

ماتيلي- اباوڙي جي ٻوليءَ ۾ بہ "نِي" گهڻو استعمال ٿئي ٿو، پر اهو ڪٿي فعل تي ڪم اچي ٿو تہ ڪٿي ضمير تي. فعل طور ڪم ايندڙ "نِي" "آهن" جي بگڙيل صورت آهي. "نِي" جو اهڙو استعمال گهڻو ڪري هتان جا "هندو" ڪندا آهن، مثلاً:

"مهمان آيا "نِي" (آهن). چوندا "نِي" (آهن) تہ اسان ويندا سي پيا."

يعني "مهمان آيا آهن، چون ٿا تہ اسين هليا ويندا سين."*

ضمير جي صورت ۾ ڪم ايندڙ "نِي"، ٻئو ضمير تي، فاعل ۽ مفعول ٻنهي جي بدران ڪم اچي ٿو، جيئن تہ:

"چيو "نِي" ڪون! تہ اسان ڳوٺ ويندا سي"

يعني "توکين نہ چيو ٿا تہ اسين ڳوٺ هليا ويندا سين."

ڏسبو تہ هتي هن ڪي (مفعول) بدران "ن"، ۽ تو (فاعل) بدران "ي" ڪم آيو آهي.

**"ني" جو استعمال:** "ني" جي استعمال کي سمجهڻ لاءِ هيٺ "ڪائڻ" مصدر جي فعل جو مختصر گردان پيش ڪجي ٿو. هر جملو مذڪر توڙي

---

* اهو جملو مسلمان هن طرح ڳالهائيندا آهن:
"مهمان آئِن، چوندِن تہ اسان ويندا سي". "آئِن" "آيا آهن" جو مخفف ۽ "چوندِن" چوندا آهن جو مخفف آهي.

مؤنث لاءِ ساڳي طرح بيهندو.

| رائج تحريري محاورو | | "ماتيلي- اباوڙي جي بولي |
|---|---|---|
| انبڙي ڪاڏا "ٿون" | هنن انبڙي ڪاڏي | انبڙِي ڪاڏِي "ني" |
| انبڙيون ڪاڏا "ٿون" | هنن انبڙيون ڪاڏيون | انبڙيون ڪاڏيون "ني" |
| انبُ ڪاڏا "ٿون" | هنن انب ڪاڏو | انبِ ڪاڏو "ني" |
| انبَ ڪاڏا "ٿون" | هنن انب ڪاڏا | انبَ ڪاڏا "ني" |

سنڌيءَ جي رائج تحريري محاوري ۽ ماتيلي- اباوڙي جي بوليءَ ۾ "ضمير غائب جمع" (مذڪر خواه مونث)، جيڪڏهن "فاعلي حالت" ۾ آهي، ۽ "زمان ماضي مطلق" جي متعدي فعل ۾ ضميري پڇاڙي گڏيل آهي، ته پوءِ ٻنهي محاورن ۾ هڪ واضح فرق نمايان ٿئي ٿو، يعني رائج تحريري محاوري ۾، ضميري پڇاڙي "ٿون"، ۽ "ماتيلي- اباوڙي" جي بوليءَ ۾ ضميري پڇاڙي "ني" ته قائم رهن ٿيون، پر ماتيلي- اباوڙي جي بوليءَ ۾ فعل پنهنجي مفعول سان عدد ۽ جنس مطابق مٽجي ٿو، جڏهن ته رائج تحريري محاوري ۾، "فعلي صورت" (ڪاڏا) مفعول جي عدد ۽ جنس ۾ ڪا تبديلي نٿي آڻي. اهڙيءَ طرح ماتيلي- اباوڙي جي بوليءَ ۾ "ڪاڏي ني"، "ڪاڏيون ني". "ڪاڏو ني" ۽ "ڪاڏا ني"، واحد، جمع، مذڪر توڙي مونث جون صورتون جدا جدا آهن، پر رائج تحريري محاوري ۾ اهو امتياز ڪونه آهي، ۽ سمورا فعل "ڪاڏائون" لفظ ڪم آڻڻ سان ٺهي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته اهڙي فعل جو پربوگ، رائج تحريري محاوري ۾ "ڪرتري" ۽ "ماتيلي- اباوڙي" جي بوليءَ ۾، "ڪرمڻي" ٻڌجي وڃي ٿو. هتي هڪ ڳالهه ڌيان ۾ رهي ته ساڳيو فعل جيڪڏهن "زمان ماضي قريب" ۾ آهي ته ان جو گردان، ماتيلي- اباوڙي جي بوليءَ ۾ "نِي" ضميري پڇاڙيءَ ۾ (ضمير غائب جمع مذڪر خواه مونث) "اِ" جي اضافي (اِ+ نِي) سان ٿيندو، ۽ رائج تحريري محاوري خواه ماتيلي- اباوڙي جي بوليءَ ۾ پربوگ هڪجهڙو يعني

"ڪرمٽي" رهندو. هيٺ مثال پيش ڪجي ٿو:

| ماٿيلي- اڀاوڙي جي ٻولي | | رائج تحريري محاورو |
|---|---|---|
| انبڙي ڪاڏي "اِني" (آهني). | هن انبڙي ڪاڏي آهي. | انبڙي ڪاڏي اٿن. |
| انبڙيون ڪاڏيون "اِني". | هن انبڙيون ڪاڏيون آهن. | انبڙيون ڪاڏيون اٿن. |
| انب ڪاڏو "اِني". | هن انب ڪاڏو آهي. | انب ڪاڏو اٿن. |
| انب ڪاڏا "اِني". | هن انب ڪاڏا آهن. | انب ڪاڏا اٿن. |

"ماٿيلي- اڀاوڙي" علائقي جون ڪي قومون "اِني" (آهني) بدران "ٿَني" ڪم آڻينديون آهن. اهو لفظ اصل ۾ "آٿني" (انهن کي آهي) جو مخفف آهي. "ني" "ماٿيلي- اڀاوڙي" جي ٻوليءَ ۾ گهڻين ئي صورتن ۾ استعمال ٿئي ٿو، گرامر جي نڪتہ نظر کان هينين جملن جو مطالعو ڪبو ته، ڪيترا نوان نُڪتا نروار ٿيندا:

| ماٿيلي- اڀاوڙي جي ٻولي | رائج تحريري ٻولي | ڪيفيت |
|---|---|---|
| ١- مانِي ڪاڌِي "ني" | "هن" ماني ڪاڌِي. | (هن- فاعلي) |
| ٢- پيُو مَري وِيو "ني". | "هن جو" پيءُ مري ويو. | (سندن- اضافي) |
| ٣- رشيد وَٺي وِيو "ني". | رشيد "هن کي" وٺي ويو. | (ڪين- مفعولي) |
| ٤- ڏاڍو مينهن وُٺو "ني". | "هن وٽ" ڏاڍو مينهن پيو. | (وٽن- جري) |

مٿي ڄاڻايل جملن ۾ "ني" جو استعمال فعل جي پٺيان ٽيل آهي، پر "ني" جيئن ته ضمير غائب جمع جي نشاني طور ڪم اچي ٿو، تنهنڪري ماٿيلي- اڀاوڙي جي ٻوليءَ ۾ ٻنهي متصل ضميري پڇاڙين ۾، سندس استعمال "فاعلي ضميري پڇاڙي" جي پٺيان ٻڌ ٿيندو آهي، مثلاً:

١- چيو مان "ني" = "مون" کين چيو.

٢- چيو وي "ني" = "اوهان" کين چيو.

٣- چيو سي "ني" = "اسان" کين چيو.

# "ماٿيلي- اپاوڙي" جي ٻولي ۾ سهل پسندي

ٻوليءَ ۾ سهل پسنديءَ جو ڪردار نهايت اهم ليکيو وڃي ٿو. ٻولي پنهنجا نقش و نگار ۽ رنگ روپ با نہ بين ٻولين جي اثر هيٺ بدلائي ٿي، يا ان جي سٽاءَ ۾ "سهل پسندي" جي عمل سبب تبديليون پيدا ٿين ٿيون. پهرين قسم جون "بيروني تبديليون" ۽ پوئين قسم جي ڦيرڦار واريون "اندروني تبديليون" آهن. ڀيرومل سهل پسنديءَ کي انگريزي فقري جو ترجمو ڪندي "ڪشالي جو سنجم" ڪري ڄاڻايو آهي ۽ لکي ٿو تہ: "انسان پنهنجي ذاتي سياءَ ڪري، ايئن چاهي ٿو تہ سڀ ڪنهن ڳالھ ۾ جيترو گهٽ ڪشالو ٿئي، تيترو چڱو. انهيءَ ذاتي سياءَ ڪري، هو لفظن جي اچار ڪرڻ مهل بہ "ڪشالي جو سنجم" ڪري ٿو، جنهن ڪري اچار بگڙيو وڃن.*

اهڙيءَ طرح هڪ طرف تہ ڀيرومل ٻوليءَ جي بگاڙ جو سبب "ڪشالي جو سنجم" ڄاڻايو آهي، پر ٻئي طرف "ڊاڪٽر ڀنڊارڪر جي راءِ جي روشنيءَ ۾، اهڙي تبديليءَ کي جائز سڏيو اٿس. سندس چوڻ آهي تہ: "مطلب تہ ماڻهن کي جيئن سولو سهنجو لڳي ٿو، تيئن هڪڙن لفظن جي نموني ٻيا لفظ جوڙي ڪم پيا آڻين." هاڻي هڪڙي پاسي ايئن چيو وڃي ٿو تہ عام ماڻهو ٻوليءَ جو غلط استعمال ڪري، ان کي بگاڙيندا رهن ٿا، تہ ٻئي پاسي انهيءَ ڳالھ بہ جوڳو ڌيان لهڻو تہ ٻولي ڪا هڪ ٺئي وقت ۾ ماڻهن جي زبان تي نازل نہ ٿي آهي. زبان آهي هڪ ٽڪسال، جنهن ۾ روزمره ٻولي پيئي گهڙجي. زبان جي اها ٽڪسال ڪڏهن بند ٿيڻي ناهي، جيستائين ڪو هڪ انسان بہ هن ڌرتيءَ تي رهندو، تہ ٻولي پيئي گهڙبي، ۽ وڌندي ويجهندي رهندي. تحريري ٻولي بيشڪ قيد ٿيو وڃي، ۽ ان جون صلاحيتون محدود ٿيو وڃن، پر زباني طور ورتاءَ ۾ ايندڙ ٻوليءَ ۾ سدائين پيون ڦيريون گهيريون ٿين. ٿيڻ ايئن کپي تہ اهڙين تبديلين کي خنده پيشانيءَ سان برداشت ڪجي ۽ سهل پسندي مطابق

* سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، ڇاپو ٻيو- ص٩٧ ۽ ١٣١

جيڪا تبديلي ٻوليءَ ۾ اچتي آهي، تنهن کي جاري رهڻ ڏجي، نه جيئن زبان جي انهيءَ قالب ۾ ٻولي پوري طرح ٺهڪي، ڪا جاءِ وٺي، پنهنجي صورت قائم ڪري.

ماتيلي- اٻاوڙي علائقي ۾ "شر" ڳالهائيندا آهن ته "مانِي کوارٻي"، پلا "ڪارائبي" چو نه ٿا چون! ڪاته اهڙي سهولت آهي، جا سندن زبان اختيار ڪري ورتي آهي. ڇا هن ڳالهه ڌيان ئي نه لهڻو نه هڪ شيءَ کي ڇڏي ٻي اختيار ڪئي ويئي آهي، ۽ صدين کان هلندڙ هڪ سِڪي کي مٽائي، ٻيو چالو ڪيو ويو آهي، ان جو ڪو ته سبب هوندو!

"ماتيلي- اٻاوڙي" جي ٻوليءَ ۾، سهل پسندي سبب ٿيل ڦيرين گهيرين جي ڪجهه وضاحت ڪجي ٿي: "ڪاهڻ" مصدر جي مجهولي صورت ٿيندي "ڪاهجڻ". هن صورت جو فائدو وٺندي، هن علائقي جا "شر" بلوچ چوندا ته:

- هر جيئن "ڪاهجندا" "هَن"، "اُئين" نه "ڪاتا" "تِي".

(يعني) هر جيئن "ڪاهيا" "آهن"، "تيئن" نه "ڪاهيا" "اتيئي".

ساڳيءَ طرح "راهڻ" (پوکڻ) مصدر جي مجهولي صورت ٿيندي "راهجڻ" (پوکجڻ). شر "راهجڻ" مان اهڙي قسم جو جملو هيئين ريت جوڙيندا:

- ٻِيُو کي وجي "چَو" ته جوئر "راهجندي" "آ" "ٻي".

(يعني) "ٻيءَ" کي وجي "چَنُه" ته جوئر "راهبِي" (پوکبي) "ٻيئي" "آهي". (ٻيءَ کي وجي ٻُڌاءِ ته جوئر پوکجي ٿي.)

ڪائڻ جي مجهولي صورت "ڪائجڻ" آهي، پر "سهل پسنديءَ" سبب اها "ڪاڄڻ" ۾ به تبديل ٿيندي آهي. "شَرڪِي" ٻوليءَ ۾، "ڪاڄڻ" مصدر مان تهيل فعل هن طرح استعمال ٿئي ٿو:

ماني ايئن "ڪاڄندي" آ= ماني ايئن "ڪائبي" آهي، يا "ماني هن طرح ڪائجي ٿي".

ماتيلي- اٻاوڙي جي ٻوليءَ ۾ "آهِن" لفظ جون ٽي صورتون رائج آهن: "هنَ"، "اِن" ۽ "هَن". "شر" "هَن" استعمال ڪندا آهن. شايد زير بدران

زبر کين وڏيڪ سَوَلي لڳندي آهي، تنهنڪري "هن" کي ڇڏي، "هَن" اختيار ڪيو اٿن. هن علائقي جون ٻيون سڀ قومون جونديون ته ڏاند "وڙُها پي" ، پر "شر" چوندا: ڏاند "وَڙها پي" (ڏاند وَهي رهيا هئا). يعني "وڙها" جي "واو" تي پيش بدران زبر ڏيندا آوازن" جي اصول مطابق "زير" ۽ "پيش" کان "زبر" اُچارڻ وڌيڪ "سهل" آهي. ٻئي هڪ فعل "رهيا آهن" کي، شَرڪِي ٻوليءَ ۾ "رَڙهاهن" ڪري اُچاربو، مثلاً: "هاٿي اُهي ماٿهو نه "رَڙها" هَن"= هاٿي اُهي ماٿهو نه رهيا آهن (هينئر اُهي ماڻهو موجود نه آهن).

ٻيو هڪ جملو "شر" هن طرح ڳالهائيندا آهن: "پوک ڪندا ئِي "ڪين" (نون اعلانيه) هُون"= پوک ڪندا به "ڪِين" آهيون. هتي "ڪِي" جي آواز کي "ڪي" سان بدلايو ويو آهي، جو فطرتي طرح اچارڻ ۾ آسان آهي.

پڻ "ڪارائڻ" ۽ "لارائڻ" (لڳارائڻ) کي "سهل پسنديءَ" موجب "ڪَوارَڻ" ۽ "لَوارڻ" ۾ مٽايو ويو آهي، ۽ ساڳيءَ طرح "پوڻ" معنيٰ سمهڻ مصدر جي بالواسطه صورت "پوائڻ" (سمهارڻ) کي اُچار- سهنج ڪارڻ، "پَوارڻ" ۾ بدلايو ويو آهي. اُچارن ۾ اها سهوليت حاصل ڪري، "شر" هيٺينءَ طرح جملا جوڙين ٿا:

١- "جا" کي رنگ "لَواري" ڏيندا سي. يعني "جاءِ" (گهر) کي رنگ "لڳارائي" ڏيندا سين.

٢- ڇوڪري کي ماني "ڪَواري" ، "پَواري" ڇڏِيونس. يعني ڇوڪري کي ماني "ڪارائي" ، "سمهاري" ڇڏيائونس.

شرن جي ٻوليءَ بابت هن کان اڳ به ڄاڻايو ويو آهي ته اها "ماڻيلي- اٻاوڙي" علائقي ۾ رهندڙ قومن کان هڪ جدا بياني صورت رکي ٿي، ۽ تخفيف پسنديءَ ۾ ان جو طريقو نيارو آهي، مثلاً: شر "ٻک تو مران" بدران چوندا ته "ٻک مَردو هان". ظاهري طرح "مردوهان" (مَرَندو آهيان) "زمان حال مدامي" معلوم ٿئي ٿو، پر شرن وٽ اهو "زمان حال مطلق" جي معنيٰ ۾ ڪم اچي ٿو. "ماڻيلي- اٻاوڙي" جون ٻيون قومون "مردوهان" بدران "مَردو پيو هان" (مران ٿو) چون ٿيون، ياد رهي ته "پيو" هنن وٽ استمراري طور

كُتو هو كلاً سان، كي وڙهي ويا تس وار
هُس شوق شڪار جو، ويندا هس سڏائي سردار
جي راڙ ٻنڌندو رڇ جي، ڪندو لڪڻ واري لار
هاڻي ستيہ من ڙي "ساڌو"، توکي آئي الله جي آڌار
ڪاڻي تي محبتان منار، جو مُنجين ميارانِ مِٽن (مِٽرن) ڏي.

(اوان= اوهان، هَوَ= هيَو، سانگهار= سنگهار، لار= ڪنارو، ستيہ من (ستيہ ميڻ)= صبر ڪر، مُنجين= موڪلين، ميارانِ= ميارون.)

٨ - مُنجين ميارانِ مِٽرَن ڏي، ماکي کِچِکِي ٻي کُورِي
اُمت ائين سمجهو، شَئِت هويو آ لوندو لاشورِي
پر ڪتي کي قَول لڳو، ڪاڏِي مُهکاري مورِي
هَس ٻِٽ پيٽ جِي، اون سُجي کي سُورِي
سَندَکِين "ساڌو" سان ڪِئِي نہ ڪاڻِي پريت مُورِي
ڪا هلي کُوڙِي، هرکو ڪندو آ خوشامد کِل جِي.

(کِچِکِي= دل ۾ ککي، اُمت= ماڻهن، شَئِت= شايد، لاشوري= لش پَش وارو، خوشامدي، قَول= قولنج (پيٽ جي بيماري)، ٻِٽ= پاراتو، عادت، پيٽ جي سُوري= خواهش (پيٽ جي سورِي مارڻ= خواهش پوري ڪرڻ)، سَندَڪين= سنگتين.)

ماتيلي- اٻاوڙي جي ٻولي توڙي سموري اتراڏي محاوري ۾، سهل پسنديءَ سببان لفظن جي اُچارن ۾ ڪافي تخفيف ڪئي وڃي ٿي. اها تخفيف گهڻو ڪري حرف علت حذف ڪرڻ سان ڪئي وڃي ٿي. اهوئي سبب آهي، جو ماتيلي- اٻاوڙي جا ماڻهو ڪن لفظن ۾ "الف" تہ ڪن ۾ "واو" ۽ ڪٿي وري "يائي" حذف ڪندا آهن، مثلاً: گهاگهرو، ڪاپارو، ڪانياٺي، گاروڙي، ڪالهوڪو، ماڪوڙو، ڪاٺائو- پُٽ وغيره کي گهگهرو، ڪپارو، ڪنياٺي، گِروڙي، ڪلهوڪو، مڪوڙو، ڪٺائون- پُٽ وغيره ڪري اچارينڌا آهن، ۽ انهن لفظن مان حرف علت "الف" ڪُٺائي ڇڏيندا آهن. آوازن جي اهڙي ڦيرگهير صدين کان هلندي ٿي اچي. مولانا بهاؤ الدين "بهائي" (تعلقہ ميرپور ماتيلي جو پٺاڻي بلوچ) سنڌي ۽ فارسي زبانن جو قادرالڪلام شاعر هو.

پيرصاحب پاڳاري حزب الله شاهه هِن فارسي زبان جي، هڪ غزل تي کيس هاٿي انعام ڏنو هو. هِن ماڪوڙي کي "مَڪوڙو" چيو آهي. ٻِي خانِي ۽ جامِيءَ کان کيس نفرت هئي، ان جو اظهار هن طرح ڪيوا تس:

بَودَ چون "مکوره" "تِتدن" نام شان

وليکن لـقب رئيس يا جام، خان.

سندن نالو ته "مڪوڙو" يا "تتڊڻ" هوندو پر لقب هوندن رئيس، جام ۽ خان ۽ سڏبا پيا "جام مڪوڙو" "رئيس تتڊڻ" يا "مڪوڙو خان".

اهڙيءَ طرح ڪوهيڙ، ڪوتوالِي، اوساري، گهوهاٽو وغيره مان "واو" حذف ڪري، ڪين ڪُهيڙ، ڪُتوالي، اُسارِي، گُهاٽو وغيره بنايو ويو آهي. ساڳئي وقت ڪِيباڻ، ويسارڻ، ويهارڻ، گاڏير وغيره مان "يائي" ڪدي، ڪِباڻ، وِسارڻ، وِهارڻ، گاڏِر وغيره ڪري اچاريو ويندو آهي. "ماتيلي-اٻاوڙي" علائقي ۾ هيون ٻه ڪيترن ئي قسمن جون تخفيفون ڪيون وينديون آهن، مثلاً: سُمهارڻ، اُٿارڻ، ڏُٿارڻ وغيره کي سُمهائِڻ، اُٿائِڻ، ڏُٿائِڻ وغيره چيو ويندو آهي. اُتر سنڌ جي هڪ قافيءَ ۾ ڏٿارڻ کي ڏٿائڻ ڪري استعمال ڪيو ويو آهي:

ٿلهه: اُڏر، وڃ تون ڪانگ، ماکي پنهون پرچائي ڏي

پنهون پرچائي ڏي، سودِو سرچائي ڏي

مصرع: ڏوتي- پوتي ڪين لهن ٿا، دوستي وارا دانگ

ماکي ڏوهي کون "ڏُٿائي" ڏي

ڏوهي کون "ڏٿائي" ڏي، ڪَتي کون ڪُنيائي ڏي

اتر سنڌ وارن جي سهل- پسنديءَ واري عادت ڪڏهن ڪڏهن عجيب رنگ اختيار ڪندي آهي جو "ته" (حرف جملو) کي مٿائي "م" ڪندا آهن، اهو سڀ ڪجهه شايد "اُچار- سهنج" لاءِ ڪن ٿا. اُهي "م" کي ٻين لفظن سان اهڙيءَ طرح ملائي اچاريندا ۽ لکندا آهن، جو ٻانئبو آهي ته "م" نپجاڙي طور ڪم آيل آهي، پر حقيقت ۾ ائين نه آهي اهڙي "م" رڳو حرف جملو تي ڪم اچي ٿي. پڇاڙي طور ڪم آيل "م" ڳنڍڻ سان، جيڪي لفظ ٺهن ٿا،

سي "اسم"، "فعل" ۽ "حرف" هوندا آهن، ۽ "م" پڇاڙي هر حالت ۾ "ضمير متڪلم واحد" جي علامت هوندي آهي. ان کان سواءِ "م" کي "زبر" ڏيئي "مَ" ڪبو آهي تہ "ظرف انڪاري" جي معنيٰ ڏيکاريندي آهي. "م" جو ضمير ۽ ظرف طور ڪم اچڻ تہ سنڌي ٻوليءَ جي سيني محاورن ۾ رائج آهي، پر "حرف جملي" جي معنيٰ ۾ رڳو اتر سنڌ ۾ استعمال ٿئي ٿي. افسوس آهي تہ هھڙو پيارو لفظ اتر سنڌ مان بہ وڃي ٿو ترڪ ٿيندو. هتي حضرت علي گوهر شاه "اصغر" جي ڪلام مان ڪجھہ مصراعون سَنَدَ طور آڻجن ٿيون، جن ۾ اهڙي "م" جو استعمال ٿيل آهي:

١- ساهڙ تنهنجي سانگ، سانگئون "سِڪايوم" سهُٽيءَ کي.
(سِڪايو+ م= سِڪايو تہ)

٢- واڪن منهنجن جي وڪر ڳون، ميانِ لا، ڏونگر "ٿوم" ڏري.
(ٿو+ م= ٿو تہ)

٣- هوت حبيب جا هٿ وو، هوندا هيٺي "تيم" هميشہ.
(تي+ م= تي تہ)

۴- آرِي "جيم" اچڻ جي، ميان لا، ڪانگا ڏيم ڪا ڪَر، وو.
(جي+ م= جي تہ)

۵ - سانديم سُور سرير ۾، هادي "جام" هٿيڪا.
(جا+ م= جا تہ)

هتي "سڪايو" ۽ "ٿو" فعل آهن، ۽ "تي"، "جي" ۽ "جا" حرف آهن، جن جي پٺيان "تہ" (حرف جملو) آڻڻ بدران "م" (حرف جملو) ڳنڍيو ويو آهي. هيءَ ڳالھہ وري بہ ڇٽبي تہ اهڙي قسم جي "م" کي پڇاڙي طور ڪم آڻڻ جو رواج رڳو اتر سنڌ ۾ آهي. "تہ" کي "م" سان مٽائڻ ڪو "صرف ونحو" جو مسئلو نہ آهي، پر اهڙي قسم جي تبديليءَ جو ڪارڻ فقط ۽ فقط "سهل- پسندي" ئي آهي. "ڪلامِ اصغر" جون مٿي ڄاڻايل مصراعون هڪ اهڙي قلمي بياض تان ورتيون ويون آهن، جو گھڻو اڳاٿو يعني سنہ ١٣٢۴هجريءَ جو لکيل آهي، ۽ مستند انهيءَ ڪري آهي، جو اهو "بيدل" سائينءَ جي

محبوب فقير پيرمحمد سائين جي خاص مطالعي لاءِ، مولوي عبدالقادر صاحب جو لکيل آهي. هيءُ بياض روهڙيءَ کان سنڌ جي اُترين حدتائين ڳالهائڻ ۾ ايندڙ ٻوليءَ جي تبديلين جي هڪ جهلڪ پيش ڪري ٿو.

# "ماتيلي- اباوڙي" جي ٻوليءَ ۾ پهاڪا ۽ چوڻيون

ٻوليءَ جي زينت ۽ زيب آهن چوڻيون ۽ پهاڪا. سندن سٽاءُ اهڙي پرڪشش ۽ دلپذير ٿئي ٿي، جو هڪ هنڌان ٻئي هنڌ پهچندي ڪين ويرم ٿي نٿي لڳي. اُهي نه رڳو ساڳي ٻوليءَ ۾ جاگير ٿين ٿا، پر ٻين ٻولين ۾ به ٿوري گهڻي مٽ سٽ سان پنهنجو مقام پيدا ڪري ٿا وٺن. ماتيلي- اباوڙي جي ٻوليءَ ۾ جيڪي چوڻيون ۽ پهاڪا رائج آهن، تن لاءِ يقين سان چئي ڪين سگهبو ته اُهي هن ئي علائقي ۾ سرجيا آهن. ٿي سگهي ٿو ته اُهي پنهنجي رعنائي ۽ دلربائيءَ سببان ڪنهن ٻئي علائقي مان هت پهتا هجن. البت سندن ساخت ۽ سٽاءَ، جنهن ماحول جون متقاضي آهن، سو ڪين ماتيلي- اباوڙي جي ڌرتيءَ جو مهيا ڪيل ياسجي ٿو. هتي نموني طور ڪي چوڻيون ۽ پهاڪا پيش ڪجن ٿا، جن جو استعمال هن علائقي ۾ نهايت عام آهي:

۱- اَڳو ڪڻ ته اَڳو باري، پيڇو ڪڻ ته پيڇو باري.

۲- آهِل (آهِر) ليکي ڄٽي مٽي، ڄٽي ليکي آهِل مٺو.

(ڪنهن مسلمان عورت ملاوت وارو مکڻ هندو واپاري کي وڪڻي ياڻيو ته واپاري مُسجي ويو ۽ واپاري ڪوتا وٺ استعمال ڪري، پڪ ڪئي ته هن مائي کي نقصان پهچايو آهي).

۳- انڌي پيڪين پڳي نه پڳي جيهي.

۴- اَبو اَمڙ تي وريام. (بابو رڳو امڙ لاءِ بهادر يا سخت گير آهي).

۵ - اُهي چور نه چورن جا پائي.

٦- اَچي ڏاڙهي ناءِ "دلبر خان".

۷- اُٺ جو لاڏ، ڪجائو توڙي.

۸ - اياڻي جهڳا مهتمن جا، ناءِ خيرپور.

۹- اَڳر اَڳوٺي ۾ وِتي آ.

۱۰- اَسُون اَس ٻِڌَن، گورک ڇانءِ ويهن.

ماٺهن سان ميل جول نہ رکي ۽ پنهنجي مُنهن ويٺي رَهي).

٧٣- چورن جا ڪپڙا، ڏانگن جا گز. (چوري ڪيل ڪپڙا ورهائڻ لاءِ لٺين کي گز طور استعمال ڪرڻ).

٧٤- چَنڊو چنڊي کي سَؤ ڪوهہ تي سڃاڻي.

٧٥- چَرِي کي چوڙو، ڪڏين ٻانهن ۾ ڪڏين ڄنگهہ ۾.

٧٦- چور چوري کون وڃي، هيرا ڦيري کون نہ وڃي.

٧٧- ڇُٽ نہ ٻُڌي، هِيڀو ڪيڏي. (پاڻي ڇيلهہ تائين بہ نہ پهچي ۽ ماڻهو تار پاڻيءَ ۾ ٽپندڙ راند "هِيڀو" ڪيڏڻ لاءِ تيار ٿئي).

٧٨- ڇَڄ پَڏي، ڪارِي پڏي، ڀَروڻ چوپَڏي، جنهن کي سؤ ٿُنگ.

٧٩- ڇا ڪورِي، ڇا تراريون!

٨٠ - ڇِتو ڪتو سائين سڃاڻي.

٨١ - ڇوڪراڻي پوتي، ڪنهن نہ ڌوتي.

٨٢ - ڇا گڏهہ، ڇا گلقند!

٨٣ - حيلي روزِي، بهاني موت.

٨٤ - حق جي مار، خبر نہ چار.

٨٥ - خوش رهہ ڙِي ڏومڻي، تنهنجو ڏوم سلامت آيو!

٨٦ - ديهہ وَڏي، نانءُ بيران.

٨٧ - دِلي ۾ داڻا، ڪڏن ڪُٺاڻا.

٨٨ - در تي ٻير نہ ليي، نانءُ "باغ شاهہ".

٨٩ - دال مَهُري جي، دَم پُلاءَ جو.

٩٠- درياهن ۾ ڪال، رَبوَ جي ماءُ پِي تارِي.

٩١- درياهن جا مُنهن ڪنهن بند ڪيا هِن (آهن).

٩٢- ڏاڍو ماري، رووڻ (روئڻ) ڀِي نہ ڏِئي.

٩٣- ڏِنا مِنا ٽيندا هن.

٩٤- ڏند آهن تہ مکڻ ڪونهي، مکڻ هوتہ ڏند نہ ها.

٩٥- ڏُٻريءَ کي ڇِچڙ ڀِي گهڻا.

٩٦ـ ڏُنڊُو جي زال، سَدائين نهال.

٩٧ـ ڏائڻ جو گهر پڃي اُتي، تہ ٻارن جي ڪيڏ پڃي اُتي.

٩٨ـ ذات جي ڪُمِي، خواجہ خضر جي پوٽِي.

٩٩ـ ذات جي ڪِرڙِي، شهتيرن سان ياڪر.

١٠٠ـ رڍ ڏِئي ڪير، اُهو پڃي ڦيگٽين هاٿو.

١٠١ـ رڍون مڙيئي ٻوٽ ڪاريون.

١٠٢ـ رُني اڳي ڪڙِي هِي، رهندو پيڪن جو ماٺهو آيس.

١٠٣ـ رُسي گهوٽ سان، ڳالهائي نہ ڳوٺ سان.

١٠٤ـ راهون رَد، قدمون چَٽ.

١٠٥ـ رُنا يار گراهہ ڳٺن.

١٠٦ـ راج سَتار، ڪاسبي آنار (راج وارا ماٹهو تہ عيب ڍڪيندڙ تين ٿا، پر ڪمي ڪاسبي بہ گهٽ نہ آهن. هُو سترهن آهن تہ هِي ارڙهن آهن).

١٠٧ـ رَسو هيٺي جاء تون ٽندو (ٽُٽندو) آ.

١٠٨ـ رُني جو ياڱو مِٺو.

١٠٩ـ زور اڳيان زاري.

١١٠ـ زور آور جو ستين ويهين سؤ. (سؤ ۾ پنج ويهون تين ٿيون، پر ڏاڍي ڪان ڪير پڇندو، هو چوندو تہ سؤ ۾ ويهون ست آهن).

١١١ـ سؤ ڪي ڪونهي پؤ.

١١٢ـ ساهہ ڏنوتس (اتس) تہ گراهہ پڃي ڏيندو.

١١٣ـ سڪٽي جند پِرين تون صدقي. (دوست ڪي ٻي مدد ڪرڻ بدران چئي تہ توتان جند جان صدقي آهي).

١١٤ـ سَنجهي جي مُٺي ڪي ڪيترو روئبو.

١١٥ـ ساڏن جو ڇا سوادن سان.

١١٦ـ ستون قلم گهر ڪي لاڳو، چور پڃي ويا ياڳيا قابو.

١١٧ـ ست گهر ڏائڻ پڃي تاريندي آ.

١١٨ـ سَهُري (ساهري) گهر ڄاڻو (داماد، نائي)، ڪتي جي آچار.

١١٩ـ سُٽل آون (ء) مثل هڪ مثال.

١٢٠ـ سائين وجن پيڙِي چڙهيا، ڪُتا وجن غوطا ڪوُندا (ڪائيندا).

١٢١ـ سُٽڻ ڏُسي جي، آڳٽ ريشم جو.

١٢٢ـ سَس ڪر نہ برابون، متان تُهجي (تنهنجي) گهر ڄايون.

١٢٣ـ سک سُمهن ڪنيار، چور نہ ڇائن (ڪٽن) مِٽي.

١٢٤ـ شرع ۾ ڪيهو شرم.

١٢٥ـ عاشقن ٻَڌيون ڪمرون، دِلي (دهلي) ادائي ڪوهہ.

١٢٦ـ ڪُتِي ڪي لڳي چُنواتِي (اُماڙي)، تارن ڪي ڏِسِي رُوڙي.

١٢٧ـ ڪري ڏاڙهي وارو، پري مڄن وارو.

١٢٨ـ ڪڙوهہ پيتيون وتدو آ (سچو زهر سان پريل آهي، ڏاڍو ڪاوڙيل آهي).

١٢٩ـ ڪان،، ڪِراڙ، ڪُتي تي، پَٽ نہ ڪجي سُتي تي.

١٣٠ـ ڪم نہ هُجي تہ شينهن آ.

١٣١ـ ڪيهِي نِيائِي رُڪو ڪائيندي.

١٣٢ـ ڪائي پائي پاڻ وهيٹو، رزق آ رحماني.

١٣٣ـ ڪک جي چوري، لک جي چوري.

١٣٤ـ ڪڪين ڪونہ لڪي.

١٣٥ـ ڪنڌِي ڪون پار، ڌُر قندار.

١٣٦ـ ڪلهوڪا مٺا، ڪلهہ پورجي ويا. (ڪالهوڪو ڪم ڪالهہ تائين محدود هو).

١٣٧ـ ڪڌين جُتِي ڪي پي وارو ايندو آ.

١٣٨ ڪوئلن جي دلالي، هٿ پير ڪارا.

١٣٩ـ ڪڪڙ ڪورين جي، نان وڏيري جو.

١٤٠ـ ڪورِي چڙهيا شڪار، مولا خير گذار.

١٤١ـ ڪائي گلو، سِر وجي ڪَلهو (اڪيلو).

١۴٢- ڪوتو پسو مالڪن جو.

١۴٣- گابا هر وهن نہ ڏاندن کي ڪير پڇي.

١۴۴- گڏهہ جي وس آ، جو ڀيڙي تي نہ چڙهي.

١۴۵ گهر داٿو نہ ليي، امان وَئي آ پَنبَڻ پيهڻ.

١۴٨- گهوڙن جون لتون، گهوڙا يا ڀيڙا جهلن.

١۴٩- لوهہ کي لوهہ ڪَپي.

١۵٠- لائي لائي، ڏاتي وڃائي.

١۵١- ليي لوٽڪ نہ، سَڌَرون (سَڌُون) مريڙي جون.

١۵٢- لوڪن کي لوڪ جي، هوڙي کي ڪڻ جي.

١۵٣- لک مَري، لکپال نہ مَري.

١۵۴- لڳو تہ تِير نہ تہ تُڪو.

١۵۵- لک جي ڇان، تي ڪتو ويهندو آ.

١۵٦- لک تي ڏاتيون وَدو (وتندو) آ.

١۵٧- ماء ڪاوي بُوبک، ڌِي سڏاوي اُزبک.

١۵٨- ماء مري گِندِي (رِلي) جي بار سان، پُٽ "پاتي خان".

١۵٩- ماء مَريڙِي، پُٽ "ڳاتي- ڀڳو".

١٦٠- مُلان مُٺو محابو ٹُرٹُرو (ٿتو).

١٦١- مکڻ پوندي، سِيند سڙي آ؟

١٦٢- مار نہ ڪُٽ، آندا ڪٽي گُهٽ.

١٦٣- مَسيت ٿِهي ناهي، انڌن ڪٽي ڍُڪ ٻَڌِي آ.

١٦۴- مَترائي (ماتيجي) ماء جي مُڪ، جُهڙ جي ڏُپ، انڌي جي گُهٽ هڪ برابر.

١٦۵- مُڙسي درڪار آ.

١٦٦- مار مڙيئي مندر واري گابي تي.

١٦٧- مَن مُردار، حجتون هزار.

١٦٨- ميهار نکتا مينهن ڪون، وڃن جي ڪيهي پارت.

١٦٩- مُلان چور، بانگو گواهہ.

١٧٠- مالڪن کي ئي اهو پيارو تہ چورن کي ٻي اهو پيارو.

١٧١- نَوَن ميهارن مينهون ڌاريون، ڪتا ساڙي ڏونهان ڪيائون.

١٧٢- نانِي رَڌڻ وارِي، ڏوهٽا کاوڻ وارا.

١٧٣- نہ ڪُڪڙ جي بانگ نہ ڪتي جي ٻونڪ.

١٧٤- نام ڪري، دادو ڦٽ تي هجي.

١٧٥- وات کاوي، اَک لڄاوي.

١٧٦- وڏي ڪُني جي گَروڙ ئي گَهڻي.

١٧٧- وِئي جون وايون، پنڌيڙو (پانڌيڙو) ڏيندا.

١٧٨- واٽڙِي ڪُتِي واء تي، سائِن (ڏٿين) ليکي شڪار تي.

١٧٩- هو سودو نہ سَلي، هي اَٿل گهري.

١٨٠- هڪ راڌِي هرڪو ڄڌي.

١٨١- هَڏون نڪتو ڪار آ. (جيترو تي سگهي هڏ هلائي حاصل ڪجي).

١٨٢- هڪ اَنڌ ٻہ، ٻيا پنڌ ٻہ.

١٨٣- هڪ جي چورِي، ڪير ڪٺورِي، ٻن جي چورِي، جيء (جيءَ) جي جهورِي.

١٨٤- يارن جي باهہ ٻتارن مون نہ ڪڍجي.

١٨٥- يار ياران معاملو صفا.

١٨٦- يار جي يارِي سان ڪم آ، افعالن سان ڪونهي.

١٨٧- يار تيلي، سيڻد رکِي.

١٨٨- يار اچن تہ ڇيڙا وِڪامِن.

# ماٺيلي- اباوڙي جي ٻوليءَ جا اصطلاح

مفرد لفظن مان مرڪب بنائڻ جي هڪ صورت ڪي اصطلاح به ڪوٺجي ٿو. اصطلاح ۾ ڪنهن نہ ڪنهن مصدر جي ڪا فعلي شڪل ضرور شامل هوندي آهي، ايئن ڪرڻ سان اهو مرڪب ڇڻ تہ هڪڙي ڳجهارت يا پرولي ٻڻجي پوي ٿو. انسان فطرتاً ڪنهن ڳجهہ تان پردي کڻندي، هڪ قسم جي طمانيت ۽ سرور محسوس ڪري ٿو. اهوئي سبب آهي، جو اعليٰ پايي جا اديب ۽ مقبول ترين مقررَ ٻوليءَ ۾ مؤثر ۽ منتخب اصطلاحن جي استعمال تي گهڻو ڌيان ڏين ٿا. هونئن به اصطلاحن کي پنهنجي هڪ زبان آهي، جنهن مان صحيح لطف صرف اهلِ زبان ئي حاصل ڪري سگهن ٿا. ڌاري ٻوليءَ جي اصطلاحن تي عبور حاصل ڪرڻ هڪ محنت طلب ڪم آهي. ٻولين جي معيار مقرر ڪرڻ ۾، اصطلاحن جي ججهائي کي خاص طرح خيال ۾ رکيو ويندو آهي. "ماٺيلي- اباوڙي" جي ٻولي، معياري ۽ شاهوڪار ٻولين جي دفعي ۾ شمار ٿئي ٿي، ان جو ڪارڻ بہ شايد منجهس اصطلاحن جي پرمار آهي. طوالت جي خوف کان هتي أهي سمورا اصطلاح پيش ڪري نٿا سگهجن، جن کي هتان جي ماڻهن پنهنجي ذاتي ذوق ۽ ورهين جي جستجو سان تخليق ڪيو آهي، پر ڪن اهڙن اصطلاحن جي فهرست ڏيڻ جي ضرورت ضرور محسوس ڪئي وڃي ٿي، جي اڃان تائين ڪنهن سنڌي لغت ۾ جاءِ وٺي نہ سگهيا آهن:

آب اچڻ= بدن تي سوج يا ٿوٿر اچڻ

آتما جاءِ تي اچڻ= سڪون محسوس ڪرڻ، سانت اچڻ

آخرڪارِي ڪرڻ= خراب ڪم ڪري عاقبت خراب ڪرڻ، اڳوتر خراب ڪرڻ

آڏَرن ۾ ڪاٽڻ= سکيو ستابو هئڻ، آسودي زندگي گذارڻ (-نهن آڏرن ۾ ڪاٽو، سو پاترڙن مان ڪيئن ڍاپندو).

آزمودو پيڄڻ= آزمائڻ، پرک لهڻ

آڳو پيڇو پڇڻ= حسب نسب جاچڻ، بڻ بنياد پڇڻ

آنڌا ڪوڙا نہ هئڻ= اولاد پيارو هئڻ (آنڌا ڪنهن کي ڪوڙا آهن).

آنڌا ڳل پوڻ= ڪنهن قڏي ۾ ڦاسڻ، ڪنهن مونجهاري ۾ مبتلا ٿيڻ.

آواگردي مچائڻ= ظلم ڪرڻ، بي بندوبستي ڪرڻ.

آئڻ نڪتل هئڻ= هرهر پائخانو ڪرڻ (آئڻ= آن ڪيڻ لاءِ گُنديءَ ۾ سوراخ).

آنٽ رکڻ= متي مائٽيءَ ۾ طرفداري ڪرڻ، طرفداري سبب شاديءَ ۾ شريڪ ٿيڻ.

آڳو ڏيڻ= ٻاهران ايندڙ ڄڃ آڏو ڳوٺ جي عورتن جا سهرا ڳائڻ

آئي وئي ڪرڻ= ڀُلائي ڇڏڻ، درگذر ڪرڻ، خيال ۾ نہ آڻڻ

اَبي تَبي ڪرڻ= بي عزت ڪرڻ، هتڪ ڪرڻ

اُپ متي تي ڪڻڻ= زوردار رڙيون ڪرڻ

آتو خراب ٿيڻ= بڇڙو ٿيڻ، بدنام ٿيڻ (اڇي ڏاڙهي آتو خراب)

اُتير چڙهڻ= پور پوڻ، خيال اچڻ

اُتِ چڙهي کي سپ ڪائڻ= راهہ ويندي مصيبت ۾ ڦاسڻ

اُٿ متي مان ڪيڻ= ڪنهن جو غرور ختم ڪرڻ، آڪڙ وڃائڻ، سِڌو ڪرڻ

اُٺ متي ۾ ويهجي وڃڻ= گهمنڊ هئڻ، پاڻ کي ڪجهہ سمجهڻ

اُٺ سان پيچ ترڻ= وڏي نقصان سان گڏ ننڍو نقصان بہ برداشت ڪرڻ

آٿو سَنو ڪرڻ= معمولي بندوبست ڪرڻ

آڌ سِير ۾ هجڻ= سڪرات ۾ هجڻ، مرڻ ۽ بچڻ جي وچ واري حالت ۾ هئڻ

اُڌراڪ ٿيڻ= پنهنجي مُنهن ڪتڻ ڪمائڻ جهڙو ٿيڻ (اڌامڻ جهڙو ٿيڻ)

اُڙبڪ سڏائڻ= پاڻ کي زور آور چوائڻ، وڏو ماٺهو سڏائڻ

اِرڪي ڏيڻ= پاسخاطري ڪرڻ، فيصلي ۾ هڪ پاسو وٺڻ

اِرڪر مَري پوڻ= الڪو لهڻ، چنتا نہ رهڻ، نا اُميد ٿيڻ

اڙتيلو بَڌڻ، اَڙتيلو مارڻ= اگ ٻَڌڻ، چالاڪيءَ سان ڪا ڳالهہ ڪرڻ

اَڙيڪو ڏيڻ= مشڪلات پيدا ڪرڻ، هلڪو لوڙهو ڏيڻ

افريد لهي وڃڻ= يلجي وڃڻ، يادگيري نہ رهڻ

ٽڪسي پوڻ= وير وجهڻ، دشمني رکڻ

ٽُڪ چُڪ ٿيڻ= هڪٻئي سان ملي نہ سگهڻ، تڙي وڃڻ، ڳسِي وڃڻ

ٽِڪرِي ڦِڪرِي نہ ڄاڻڻ= اٽڪلون نہ ڄاڻڻ، چالاڪي نہ ڪرڻ

اِٽ هٽي بيهڻ= ضد ڪرڻ، نابري وارڻ

اَٽ ڀَڃڻ= عادت بدلائڻ

ٽچون ٻچون ڪرڻ= پيارو گهُرڻ، بيجاءِ پيار ڪرڻ

اکيون ٻيرا ٿيڻ= اکيون اُٿڻ، اکين جو تمام ڳاڙهو ٿي وڃڻ

اکيون پوڙڻ= نظر ڪپائڻ، گهور ڪري ڏسڻ

اکيون ڳوڙها ڳوڙها ٿيڻ= ننڊاکرو ٿيڻ، ننڊ جو کيپ چڙهڻ

اکيون ڪورڙيون ڪرڻ= ڪاوڙ مان ڏسڻ

اکرون نِڪرڻ= حساب ڪتاب ۾ نہ رهڻ، بي حياءُ ٿيڻ

اک جو ڪک نہ ڏسڻ= پنهنجو عيب نظر نہ اچڻ

اک ٽچي ڪري نہ ڏسڻ= دل ۾ کوٽ رکي ڏسڻ، بدنيتيءَ سان ڏسڻ

ٽيت پکيءَ وانگيان هڪ جنگهہ تي کڙڻ= انتظار ڪرڻ، اوسيڙو ڪرڻ

اکين اڳيان نِير اچڻ= اکين آڏو اونده اچڻ. ڏسڻ ۾ ڪجهہ نہ اچڻ

اکر ظاهر نہ هجڻ= سٽي وغيره لڳڻ سبب ڪپڙي جا چِٽ نظر نہ اچڻ

اُڪڙيل ڪهاڙي وانگون اچڻ= توري گهٽي ڳالهہ تي جهيڙو ڪرڻ، معمولي ڳالهہ تي جهيڙي ۾ ڪڏي پوڻ

اُڪلن تي ڪٽي ڏيڻ= تکڙا تکڙا زباني حملا ڪرڻ

اڳياڙي هئڻ پڇاڙي نہ هئڻ= بي وفا هئڻ، شروع ۾ سنو ورتاءُ ڪرڻ پر پوءِ نباهہ نہ ڪرڻ

الف کي ڪِلي سمجهڻ= اڻ پڙهيل هئڻ، لکي پڙهي نہ سگهڻ

ٽم غم ٿيڻ= مغموم ٿيڻ، مونجهو ٿيڻ، مايوس ٿيڻ

انب ڪَٻي ٽڪن کي لوڙهو ڏيڻ= توري فائدي لاءِ گهڻو نقصان برداشت ڪرڻ

آندرين ٻاهرين هئڻ= هم صلاح هئڻ (ڏاند هڪ ٻاجاري ۾ اندرين ٻاهرين هوندا آهن)

آڳِلي ڪان ڇڳِلي ٿيڻ= ڪم جو اڳي ڪان به خراب ٿيڻ.
اِندَ تي چڙهڻ (آنتي تي چڙهڻ)= هٺ هِرڻ، تمام گهڻو ڪم ڪري وجڻ
آنديون هٽڻ= رڪاوٽ پيدا ڪرڻ، رنڌڪون وجهڻ
اوب توب لڳڻ= سهڪو ٿيڻ، ساهه مُنجهڻ، سڪرات وقت ڏکيو ساهه کڻڻ
اوتا غوطا کائڻ= ڳڻتين ۾ پوڻ، ويچار ۾ پئجي وڃڻ
اوتن غوطن ۾ ساهه هئڻ= شش پنج ۾ هئڻ، ڳڻتين ۾ اچي وڃڻ
اوتر ٿَهي اچڻ= ڪارونيار ڪڪرن جو گڏ ٿيڻ
اُچو جِهڪو ٿيڻ= منٽ ميڙ ڪرڻ، محتاجي ڪڍڻ
اُچو جِهڪو ٿي ڪم ٿپائڻ= منٽ ڪري ڪم ڪڍڻ
اُوڙ ڪرڻ= چٽن يا ٽِرن جا ساوا ٻوڙا اُٽ جي وات ۾ گوهڻ
اولا لاهڻ= ٿورا لاهڻ، احسانن جو بدلو ڏيڻ
اولڙو پيچڻ= ٻارن جي هڪ بيماريءَ جو سوَڻ ڪرڻ (هن سوَڻ ۾ هڪ ڏاهِي عورت ٻار تي آئيني جو اولڙو يا عڪس وجهي ٻار جي مائٽن کان پڇندي آهي ته "اولڙو پيچان"؟ جنهن جي جواب ۾ چئبو آهي ته "پچ").
اِيل ڪڍڻ= قسم کٽي ڇڏڻ، توبهه ڪرڻ
بُر پَرجڻ= کوٽ پوري ٿيڻ
بَنو ويهارڻ= نقصان پهچائڻ، گهاٽي ۾ وجهڻ
بَنو ويهجي وڃڻ= نقصان پوڻ (باهه جي گهٽائيءَ سبب سرن جي بٺي جو ڪچو نڪرڻ)
بُبا پَسَرجَڻ= کهڪاءَ اچڻ، احساس ٿيڻ (اڪثر اولاد جي باري ۾ استعمال ٿئي ٿو)
ٻَٽ چڙهڻ= سخت بخار هئڻ
ٻَج لڳڻ= ڪپڙي کي ڪو ٽُڪ وغيره اچڻ، ڪپڙي کي عيب لڳڻ
ٻُج ٻانڌ ڏيڻ= بدلي ۾ ڪو ننڍو وڏو سڳ ڏيڻ
ٻَدی لهڻ (ليڻ)= چوري جو سراغ هٿ ڪرڻ
ٻر ٽر سان هئڻ= قد ڪاٺ ۾ ٺيڪ هئڻ، مضبوط هاٺي ڪاٺيءَ وارو هئڻ

بَر چڙهڻ= ٽڪ جي حالت ۾ وهنجڻ سبب بدن جو آڪڙجڻ
ٻَرڙ ڦاڙڻ= راز ظاهر ڪرڻ، سادگيءَ سان سچ چئي ڏيڻ
ٻَڙ تِيلو لڳڻ= چالاڪي ڦبي وڃڻ
ٻَڙ تِيلو هڻڻ= چالاڪي ڪرڻ، ٺڳي ڪرڻ
ٻَڙ دول ڪَڍڻ= اڻسُهندو لفظ ڳالهائڻ، غيرضروري گفتگو ڪرڻ
بَغان ٿيڻ= همت هارڻ، هٿ ڪڍي وڃڻ
ٻُڪيون ٽوڙڻ= سخت تڪليف ڏيڻ، ٽڪائي ڇڏڻ
ٻَنبَلِي ٻَڌڻ= خوار ڪرڻ، بدنام ڪرڻ، مشهور ڪرڻ
ٻَنديون سَنيارڻ= وري وري حساب ڪرڻ
ٻَنديون ڪَٿا ڪٿي وڃڻ= يادگيرو نه رهڻ، ليکو ياد نه بيهڻ
ٻوٽو ٺاهڻ= ونگ ٻڌڻ لاءِ يا "سَرڊَر" وجهڻ لاءِ ڪچو قالب تيار ڪرڻ
بوتو پورڻ= جادو وسيلي ڪنهن جو مجسمو بنائي مقام ۾ پوري ڇڏڻ
ٻُودڪَن ۾ هڻڻ= گهوڙي جو تمام پوڙهو ٿيڻ
بيک (بيخ) ڪڍي ڇڏڻ= ٽڪائڻ، ڪَک ڪرڻ، جمار ڳارڻ، پاڙ پٽي ڇڏڻ
بِيهي نه موڪلائڻ= هڪدم هليو وڃڻ، اوچتو جدا ٿيڻ
ٻَه پَهَر وَهِي وَڃڻ= ڏکئي وقت ۾ مدد ڪرڻ، ڪم اچڻ
ٻارو ٻَچِي ٻاري ۾ پوڻ= ٿورڙو نقصان ٿيڻ، وڃايل وَٿ تعلقدارن کي هٿ اچڻ
(هڪ ٻاري مان پاڻي ٽُٽي، ٻئي ٻاري ۾ آيو ته ڇٽبو ضايع نه ٿيو)
ٻاگهي هڻڻ= ٻئي جي نقصان تي خوش ٿيڻ
ٻَرڪُون نڪري وڃڻ= ضبط نه ڪري سگهڻ، دانهون نڪري وڃڻ
ٻَلڪا هڻڻ= خوش ٿيڻ، خوشي مان جهمريون هڻڻ (ننڍي ٻار لاءِ ڪم اچي ٿو)
ٻَٽ مارڻ= شرط پچائڻ، شرط رکڻ
ٻِٽ پيڻ= ڪٽڪ جي سلن جو ٻن ڪان وڏي ٿي چار پن ڪڍڻ
ٻُٽ ڏيڻ= ٻاتي ماٺوءَ جو ڳالهائڻ وقت منجهڻ
ٻِتڙا ڳوڙها وهائڻ= ڏاڍو روئڻ، تمام گهڻا لڙڪ وهائڻ
ٻَٽڪو لڳڻ= عورتن جو جهيڙڻ، زباني تڪرار ڪرڻ

ٻُٽِي ٻڪري ڪري ويهارڻ= عورت جا ڳھ ڳٽا لاهي وٺڻ

ٻِپَهرو ٽارڻ= اونهاري ۾ سفر دوران منجهند جو ڪٿي آرام ڪرڻ

ٻَچ ڪڍي وڃڻ= ايترو ڪم ڪرڻ جو چيلھ ۾ سور پئجي وڃي

ٻُچ ٻُچ ڪرڻ= چُمڻ، چميون ڏيڻ

ٻرندي باھ مان ڪڍڻ= مصيبت مان نجات ڏيارڻ، مشڪلاتن مان ڇڏائڻ

ٻرندي باھ ۾ ٽپو ڏيڻ= پرائي جهيڙي ۾ ڪاهي پوڻ، پرائي لڙائيءَ ۾ دخل ڏيڻ

ٻَرندِي جو سيڪ اچڻ= آسودي پاءَ مان فائدو ملڻ، سڪئي پاڙيسري کان اوڌر پاڌر ملڻ

ٻَڙتول وڃڻ= گوڙ ڪرڻ، لُڙ مچائڻ

ٻَڦڻ ڦاسڻ= مشڪلاتن ۾ ڦاسڻ، مصيبت ۾ پوڻ، ڏٽڻ ڦاسڻ

ٻڪر ٻيڪ تي هئڻ= سڏ پنڌ تي هئڻ (ايتري مفاصلي تي هجڻ جتي ٻڪرين جي ٻيڪ ٻُڌي سگهجي)

ٻُڪي چُڪي ميڙڻ= سانگ صرفو ڪري ڪجھ پاڇي وجھڻ

ٻَنڌ ٽُٽڻ= هڪ ئي وقت گهڻن مهمانن جو اچڻ

ٻُگهِي ڪٽڻ= ٻلهاڙي راند ۾ سيني اندرين رانديگرن کي شڪست ڏيڻ

ٻَنو ڇڏائي ڏيڻ= ڪنهن کي اهڙو ٻيچارڻ جو رستي سان ٻہ نہ لنگهي (ٻهراڙيءَ ۾ پوک جي ٻنن کي ماڻهو رستي طور استعمال ڪندا آهن).

ٻَنو ڪڍي وڃڻ= تعلق ختم ڪرڻ، ناتو ڇنڻ

ٻَني لائڻ= ڪنڌيءَ تي پهچائڻ، پار پهچائڻ، پاڻيرو ڪرڻ

ٻوڙِڻ ڪِلي پوڻ= دست ٿيڻ، اسهال ٿيڻ

ٻُوٽ چبو ڪرڻ= سوال ڪرڻ، منٿ ڪرڻ

ٻار لهڻ= ٻار فوت ٿيڻ (فلاڻي جو ٻار لٿو آهي)

ٻُٿاڙ سُجائڻ= ناراض ٿيڻ، ڪاوڙجڻ، رُسڻ

ٻُوٿي نہ وِڻڻ= ڏاهہ نہ هئڻ، گڏ گذاري نہ سگهڻ، نفرت ڪرڻ.

ٻوڙ پئجي وڃڻ= گهبرو ٿي وڃڻ

ٻوڙڪ پوڻ= بيهوش ٿيڻ، ڏڪرجي وڃڻ

ٻوڙو ٻڌي صلاح ڪرڻ= پڪو ارادو ڪرڻ (ٻوڙي کي ڳنڍ ڏيئي، متانئس ڪپڙو وجهي، ڪيس ماڻهو تصور ڪري سانئس مشورو ڪرڻ، يعني سوال جواب ڪرڻ)

ٻوليءَ تي چڙهڻ= مطيع ٿيڻ، تترن جو هِري مِري وڃڻ ۽ سيند تي ٻولي ڪرڻ.

ٻُهاري ڦري وڃڻ= ڪجهه به نه بچڻ، سيڪجهه چٽ ٿي وڃڻ

ٻير ڪيڪڙي تي گذارو ڪرڻ= سانگ صرفي سان گذارو ڪرڻ، ڪفايت ڪرڻ

ٻير واريءَ جو گهر پُڇائڻ= غير معرف پتي تي پڇا ڪرڻ

ٻَنواٽيون ڪارائڻ= پريشان ڪرڻ

ڀاڳ ڪڏائڻ= بخت آزمائڻ

ڀَندَڪِي ٻارڻ= ڀندبي لائڻ، وَري وَري گهُرڻ، ڪنهن جي ڀنيان ڦَڪڙي ٻَڌڻ

ڀُوتو ڀائڻ= ڀاڻ ۾ ٻل سارڻ، ڀاڻ ۾ طاقت ڀائڻ

ڀِڄِي ڀَوڻ= حسن ۾ نکار اچڻ، سهڻو لڳڻ

ترا لِيڪَڻ= انڪار ڪرڻ، نابري واري ويهڻ (موچي رڳو جُتيءَ جا تَرا چمڙي تي ليڪي رکي، باقي جتي ٺاهڻ کان جواب ڏئي)

تَري ڏيڻ= ڪنهن جي اجائي تعريف ڪري ڪم ڪڍڻ

تِري واتوون هٽڻ= ڪوڙ هٽڻ، پنهنجي مَنان ڳالهه ٺاهي ٻُڌائڻ

تري پَٽائي نه سگهڻ= مقابلو ڪري نه سگهڻ (زور آزمائيءَ جي راند، جنهن ۾ ٻه ڄڻا مُنبرو ڏيئي ترتيءَ تي هٿ ٽيڪيندا آهن، هڪڙي کي هٿ جهلڻو پوندو آهي ۽ ٻيو ترتيءَ تان هٿ پٽائيندو آهي

تَلونگ ڪڍڻ= تَرو ڪڍڻ، وڏو نقصان رسائڻ، بنياد پٽي ڇڏڻ (ڪوهه جو ڪاٺ وارو تلونگ، جيڪو ڪوه جي تري ۾ هوندو آهي، سو جي نڪري وڃي ته ڪوهه ڪيئن بيهي سگهندو)

تَن بخشڻ= ڳجهو نڪاح ڪرڻ، عورت جو وارثن جي غير موجودگيءَ ۾ حق

ٻِڙي ٻَڌڻ= ڦُرڙيءَ جي ٻاهران ڳاڙهو گول نشان ٿيڻ
پَسارو ڪرڻ= ٿوري مان گهڻو گڏ ٿيڻ، سُٺو نتيجو ظاهر ٿيڻ (ڦِڙي ڦُڙي پسارو ڪندِي آهي).
ٻَڪي تي جَهلڻ هڻڻ= هرطرح جي پَڪ هڻڻ، تسلي هڻڻ
پيٽ جو آواز مارڻ= ڪنهن کي رشوت طور ڪجھ ڏيڻ
جَنگھ ڪَسڻ= ملھ راند ۾ جاڻو هٽي، مقابل پهلوان جي ٽنگ ڇِڪي وٺڻ
جَهوَٽِي لاهڻ= مار ڏيڻ. ڪنهن جو غرور ڪڍي ڇڏڻ
جُهولِي وَهَڻ= اڪيلي سر ڪم ڪرڻ
ڃَٽڪَجِي وڃڻ= سنهو ٿي وڃڻ، بيماري وغيره ۾ زائد گوشت گهٽجي وڃڻ.
خلق نَلهي پوڻ= ماڻهن جو وڏي تعداد ۾ اچڻ، گهڻن ماڻهن جو هڪ هنڌ گڏ ٿيڻ.
دُر ٿيڻ (فيصلو)= ثابت ٿيڻ. ڪا ڳالھ ڪنهن جي خلاف ثابت ٿيڻ
دوڦو ٻَڌڻ= ڪوڙو الزام مڙهڻ، چوري وغيره جي ڪوڙي تهمت ڌرڻ
دؤنسا وجهڻ= ماتم ڪرڻ، پار ڪڍي مُنهن ۽ سٿرن تي زور سان هٿ هڻڻ
ڌوتو پوتو هڻڻ= گناهن کان پاڪ هڻڻ
ڏٻي جي ڪلهي تي هڻڻ، ڏٻي ڏاند جي ڪلهي تي هڻڻ= ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جي سهاري تي زندگي گذارڻ (لوڪ ڪٿا آهي تہ ڌرتي ڏٻي ڏاند جي سڱن تي بيٺل آهي، ۽ جڏهن هڪ سِڱ ٿَڪِجي پوندو اٿس، تڏهن ڌرتيءَ کي ٻئي سڱ تي مٽائيندو آهي. انهيءَ لوڏي جو اثر زلزلن جي صورت ۾ نمودار ٿئي ٿو. عثمان فقير جي هڪ قافيءَ ۾ آهي تہ:

ڏاند ڏٻي دِي شاخ اُتي رب فرش وڇايا آن ميان،
اِها تہ ڌرتي اِنهن تي ڏَري هي، ڏَرِي هي لامڪان ميان.

ڊِريڪ ڏيڻ= ڌاڙون هڻڻ، ٻٽاڪ هڻڻ
ڏَونگل ڪڍڻ= گُٿو ڳالهائڻ، اڻ وڻندو لفظ ڪڍڻ
ڏَرڪي ۾ پوڻ= اجايو گهڻو ڳالهائڻ، ڳالهائڻ ۾ بي ترتيبي ڪرڻ، اجائي ديگھ ڪرڻ

ڏونڪا پَٽائي ڇڏڻ= سيڪت ڏيڻ، نقصان ڏيڻ

ڏؤ جا مخول هڻڻ= پيٽ پرائيءَ جا ڪم ڪرڻ، دولتمنديءَ سبب غيرضروري ڪم ڪرڻ

ڏَڏ وڄي وڃڻ= اعلان ٿيڻ، پڙهو ڏيڻ

رِڻو پچائڻ= پوڪ پچائڻ، گهر جو ڪاروبار هلائڻ

رُخ ٺَپائڻ= اُستري وغيره سان ڏاڙهي ۾ مڇن جو خط ونائڻ

رائِي ڏيڻ= دال يا ساڳ کي مکڻ ۾ ٿوم جو داغ ڏيڻ (چمچي يا ڏوئيءَ ۾ مکڻ گيهه وجهي، اُن جي مٿان ٻرندڙ ٽانڊو وجهي دال يا ساڳ جي ٻوڙ ۾ وجهبو آهي).

روح رڪائڻ= عام طرح فوتي عزيزن کي ثواب پهچائڻ لاءِ، هر ويلي تي خيرات طور روحاڻي ماني ڏبي آهي، ۽ تازي فوت ٿيل عزيز لاءِ ويلي تي جدا ماني ڏني ويندي آهي، پر شبِ برات تي ختمو ڏياربو آهي ته جيئن اڳيان ۽ پويان روح گڏجي وڃن ۽ جدا ماني ڏيڻي نه پوي.

زُنگ ٿيڻ= ڪاوڙ ۾ پرجي وڃڻ، سخت ڪاوڙجڻ

زوالي ڪٽڻ= ڪُٺي ڪٽڻ، سختي قبول ڪرڻ پنهنجو پاڻ کي ڦاسائڻ

سال مارجي وڃڻ= فصل نه ٿيڻ، سال ضايع ٿيڻ

ساهه ڇُٽڻ= دَم کي روڪڻ، ارادتا ساهه نه کڻڻ

سُڪ تي ڪپڙا لاهڻ= خطري کان اڳ پريشان ٿيڻ، اڳواٽ خوف کائڻ، ڪم ٿيڻ کان اڳ سانباهو ڪرڻ

سِڌِي اچڻ= سوچ ۾ اچڻ، مسئلي جو حل معلوم ٿيڻ

شاختو ڪرڻ= چتاءُ ڏيڻ، تاڪيد ڪرڻ، ڪم ياد ڏيارڻ

شاخون ٽيڙڻ= ڏند ڪڏي ڪلڻ، ڦڪي ڪل ڪلڻ (ڪتي جي ڇهنبياري ڏند کي شاخ سڏبو آهي)

شُوڪاري- ياڻي ٿيڻ= ٻئي جي غم ۾ زباني طور شريڪ ٿيڻ، ڪنهن جي تڪليف ۾ عملي طور مدد ڪري نه سگهڻ، پر غم ۾ شريڪ رهڻ

طوطا اڏارڻ= ٺَڪاءُ ڪڍڻ، ڪبڏي راند ۾ اهڙو ڏڪ هڻڻ جو ان آواز تي وٺن

تي وڃڻ طوطا اُڏجي اُڏامي وڃن

ڦُڏ ڪرڻ= ڏُڦ ڪرڻ، ڪجهه به نه ڇڏڻ

ڦُڏ وڃڻ= ناس ٿيڻ، اجايو وڃڻ، مفت ۾ وڃڻ (محنت ٿي ڦُڏ ويئي)

ڦُٽڪوڙِي هڻڻ= ڦُٽڪڻ

ڦِقڙِي ڪنبڻ= تمام گهڻو ڏڄڻ

ڪارائي وجهڻ= ملهه راند ۾ سنڌ ي مان هٿ ڪڍي، مخالف پهلوان جي

پٺيءَ پويان پنهنجي ڪارائي جهلي ڌڪ وجهڻ

ڪُتا خصي ڪرڻ= بيڪار گذارڻ، نه ڪرڻ جهڙا ڪم ڪرڻ

ڪُٽو ڪَڍڻ= معاملو ختم ڪرڻ، جيئن تيئن ڪري نبيرو ڪرڻ

ڪنڌ مٽاڙجڻ= ڪنڌ سُڄي پوڻ (مُتنڌڙ ڏاند کي لڪڻ هڻبو ته ڪنڌ سُڄي

پوندس، انهيءَ ڪري چئبو آهي ته مُٽ ڪنڌ تي چڙهي ويو اٿس)

ڪنڌ جي پوڻ= ڏاند وغيره جو ڪلهو سُڄِي يا ڦٽجي پوڻ

ڪَونسيون مُونڊيون ٿيڻ (جتي اُونڌي ٿيڻ)= گهران يا شهر مان نيڪالي ملڻ

(قصن ڪهاڻين موجب جنهن کي نيڪالي ڏبي هئي، تنهن جي جتي

اونڌي ڪري ڇڏبي هُئي ته هُو سمجهي ويندو هو. ڪَونسِيون= جُتِي)

گُونهه مَنڌَڻ= خراب ڳالهائڻ، ڪنا لفظ استعمال ڪرڻ، ڪَچِي ڳالهه ڪرڻ

ٻچي لڳي روئڻ= ٻراهٽڙيون پائي روئڻ

ٻوڙِهي اُيرڻ= مڇيهه پوڻ، پٺيءَ جي مٿئين حصي ۾ رڳ جو اُيرڻ

لان ڪرڻ= ٻَڌي بيهارڻ، چوپائي مال کي، تمام ڊگهي رسي سان ٻڌي،

چراگاهه ۾ ڇڏي ڏيڻ

لان ڪري بيهارڻ= ٻڌي بيهارڻ، جانورن ڏوهارين کي ڊگهي رسي يا زنجير

سان ٻڌي بيهارڻ

لَنب تي چڙهڻ= فريب ۾ اچي وڃڻ

مال تارڻ= چوپائي مال کي جُدا ڪرڻ، چوپائي مال کي پرائي مال کان نڪيڙڻ

مَينس مَرڻ= چاهه ختم ٿيڻ، چپ چاپ رهڻ

مٽاڙا ونڻ= هر ڪاهڻ بعد وراٿي يا سِرِي ۾ ڪجهه وڏيڪ اوڙون ڏيئي زمين

نرم ڪرڻ

مُري مان لهڻ= موهه نڪرڻ، پير مُڙي پوڻ

مُڇ دانهيون ڏار ڪرڻ= دوستن يا مائٽن ۾ ڏڦيڙ وجهڻ

مردي ڪي مکڻ تڦڻ= بي فائدو ڪم ڪرڻ

منزل پڙهڻ= قرآن مجيد پڙهڻ

مُنڙِي ڏيڻ= انڪار ڪرڻ، ڳالهه تان موٽ ڪائڻ، ڦري وڃڻ (ملهه راند جو هڪ داءُ)

مُنهن تي چندبو هڻڻ= مُنهن ڏوئڻ

مُنهن تان پَلوُ لاهڻ= ميّت جو مُنهن ڏسڻ

مُنهن ڪاٺو هئڻ= شرمندو هئڻ، ڪنهن دوست وٽ عزاداريءَ لاءِ نه پهچڻ جي حالت ۾ شرمندو رهڻ

نَڙ ٿيڻ= ڪائي ڍوَ ڪرڻ، پيٽ پري تار ڪرڻ

نڪ سَمهون وڃڻ= نَڪ جي سِڌ ۾ وڃڻ، سامهون وڃڻ، بالڪل سڌو وڃڻ

نِير ڪرڻ، نيري چڏڻ= گهاٽو ٻج ڇَٽڻ، زمين تي ڪنهن شيءِ ڪي گهاٽو پکيڙڻ

وَڙ ڪٽڻ= جانور جو وَهرجڻ، ڳپ جهلڻ لاءِ آماده ٿيڻ

وَڙ ڪٽِي وڃڻ= وَهَر ختم تي وڃڻ، لڳ جي گرمي گهٽجي وڃڻ

وَسيپ ڪرڻ= وسڻ رسڻ، عورت جو ساهري گهر ۾ نَهي هلڻ

هاٿ هڻڻ= چٽا پيٽيءَ لاءِ چوڻ، شرط رکڻ (هاٿ ٻڌڻ)

هاڳ ڏيڻ= هڪل ڏيڻ، زوردار آواز سان ڌمڪائڻ

هانءَ کي ٽُڪو ڏيڻ= ياد ييهڻ، يادگيري ۾ رهڻ

هَٽ ٿَٽڻ= دڪان تان گهٽي اوڌر ڪٽڻ

هِڏڪو پَلڻ= آسرو ميٽڻ، اُميد پلڻ، ييهر اُميد نه رکڻ

هڪ هٽ تي ييهڻ= ڳئون يا مينهن جو رڳو هڪڙي ماٺهوءَ کي ڏهڻ ڏيڻ

هُلا مارڻ= وڏا وڏا ساهه کڻڻ، سڪرات ۾ ڏکيو ساهه کڻڻ، بيهوشيءَ ۾ وڏا وڏا ساهه کڻڻ

هَٽي هلاڪ ٿيڻ= سخت تڪليف ۾ هجڻ، ڏاڍو ڏکيو ٿيڻ

هِيو ڪرڻ= حرص ڪرڻ، تڪليف سهي پئسو گڏ ڪرڻ
هائوُ مياٺو ٽرڻ= رات جو خاموشيءَ جو ڇانئجڻ، رات جو گهڻي دير تي وڃڻ
(رات جو ڪتن ۽ ٻلين جو گوڙ بند ٿي وڃڻ).

# "ماتيلي- اباوڙي" جي ٻوليءَ جا خاص لفظ

ڪنهن محاوري جي خاص لفظن جي هرويرو اها معنيٰ نہ آهي، تہ ٻئي هنڌ اُهي لفظ بالڪل ڳالهايا بہ نہ ويندا هوندا، نہ وري ايئن چئي سگهبو تہ ٻوليءَ جي هرهڪ محاوري کي پنهنجي پنهنجي لغت آهي، يا هڪ محاوري جي جغرافيائي حدن ۾ ٻئي محاوري جا لفظ داخل ٿي ڪين سگهندا. ايئن تہ ڪيترا ماڻهو، جي ڪجهہ عرصو اتر سنڌ ۾ رهيا آهن، سي وچولي يا لاڙ ۾ رهائش پذير هوندي بہ اُتر سنڌ جا مخصوص لفظ استعمال ڪندا رهن ٿا. سبي (سِوِي) بلوچستان ۾ آهي، "ماتيلي- اباوڙي" علائقي کان تمام گهڻو پري آهي، پر اُتي ماتيلي- اباوڙي جي ٻوليءَ جا ڪيترا لفظ ساڳين اچارن سان ڳالهايا وڃن ٿا، مثلاً جانڪُون، تانڪُون، پراڪُون، وڏي لاڪون، ماڪان، توڪان، ڇاڪان، ڪان، جاڏي، ڪاڏي، هيڏي، هوڏي، جاتي، ڪاتي وغيره (جڏهن کان، تڏهن کان، پر کان نذريل سال کان، وڏي هوندي کان، مون لاءِ تولاءِ، ڇاڪاڻ، لاءِ، جيڏانهن، ڪيڏانهن، هيڏانهن، هوڏانهن، جتي، ڪٿي وغيره). دراصل ڏسڻو هيءُ آهي تہ ڪهڙا لفظ ڪهڙي علائقي ۾ ڪثرت سان استعمال ٿين ٿا. هتي اختصار کان ڪم وٺندي صرف اهي لفظ پيش ڪجن ٿا، جن جو هڪ تہ "ماتيلي- اباوڙي" علائقي ۾ واهپو گهڻو آهي. ٻيو وري اُهي جامع سنڌي لغات ۾ درج نہ آهن، جنهن ڪري گمان غالب آهي تہ اُهي سنڌيءَ جي ٻين محاورن ۾ عام طرح ڪم نٿا اچن: مثلاً:

آجا باجا= لٽ پَٽ، حساب بي باق، ليکو چُڪتو

آڌِڻ= مارِ ڏيڻ، ٺڦن يا موچڙن سان مارڻ، سُوٽڻ

آڌو= آڌِ سُوٽر (سُوٽ)، تيل سان مالش

آڳڙ= اڳڻ، گهرجي اڳيان ميدان

آڳڙِي= ملهہ راند ۾ هڪ داءُ

آڳل= اڳيون حصو، پيچل جو ضد

آڳو ڪڻ تہ آڳو باري، جي پيچو ڪڻ تہ پيچو باري= ٻيئي پاسا ڏکيا، ٻيئي طرف مشڪل

آوازار= بيزار، لاتعلق

آهِرائڻ= ڏڻ ٻهرائي وڃڻ، لاڙو رکڻ (ايڏانهن آهرائي بہ نہ اٿس)

آهرجڻ= ٻَهرجڻ، ڏڻ جو ٻَهرجِي وڃڻ

اُبَتڻ اچڻ= اوڪارا اچڻ، قئي اچڻ

اَبِجُ= اڻ ٻوجھ، پورڙو، بي سمجھ

اَيڙ بُوهو= اوچتو، اچانڪ ظاهر ٿيندڙ

اُبيچَڙ= سنڌي جي اتر يا اُڀي ۾ رهندڙ، ”لمو چَڙُ جو ضد

اُبيساهِي= دم جي بيماري، سهڪي جي بيماري

اَتل دِيوانو= تمام گهڻو عشق رکندڙ، بيحد پيار ڪندڙ

اَتلائڻ= آتارڻ، ٽُتارڻ، ريجهائڻ

اَتيت= هڪ پکي جيڪو هڪ ٽنگ تي بيهي ننڊ ڪندو آهي

اُتاپ= پوک جي تکڙي واڌ، فصل جو جلد اُسرڻ

اِٽ ڪِٽ= ڪروڌ، ڪِٽپٽو، جهيڙو جهڳڙو

اِٽڪِٽو= ناچاقي، ڪِٽپٽو

اُٽڪائڻ= اڏيل ڪوڙڪي يا ڇُڙڪ تي ٿورو زور ڏيئي، ڪيس اصلي حالت ۾ آڻڻ، تيڙڻ، ٺهيل ڳالھ کي رد ڪرڻ

اُٽڪَڻ= ٽِڙڻ، ٿوري ڳالھ تي ناراض ٿيڻ

اَٽو مَٽو ڪرڻ= مٽا سٽا ڪرڻ

اُٽپٽي زمين= غيرهموار زمين، اُٽ جي پُٺي وانگر هيٺاهين مٿانهين زمين

اُٽپُٽڙيو= دوا طور ڪم ايندڙ وکر

اَپِپاپ= مسڪين طبع، غريب

اَچوو= حرڪت بازي، هڪ هنڌ ٽڪاءُ نہ اچڻ جي حالت، لڳن ۾ ياچ، بيچيني

اُڇيڙو= سياري ۾ برسات بعد سج ظاهر ٿيڻ واري حالت

اَڌ ڪَڙهہ= جوانيءَ کان موٽ ڪاڌل، وچولي عمر جو مرد يا عورت
اَڌوڪِري= اڌ رقم، اڌ قيمت
اَڌاڱو= ربيع ۽ خريف جي وچ وارو فصل
اڌڳئي= نوٽڻ جهڙي هڪ راند جو نالو
اَڌيڪ= ڪڪڙ يا تتر جو اڌ ساماڻل ٻچو، چوزو، چورو، ننڍي جُونءِ
اَڌيوَڙ (اَڌوڙي)= ڪچي چمہ کي پچائڻ واري حالت
اُڏِيڪڻ= انتظار ڪرڻ، اوسيڙو ڪرڻ
اُڏِيل= قدوقامت، مضبوط هاٺي ڪاٺي، قد و قامت جو ڏيکاءُ
اَڊوهَڙ (اُڊيڙ)= حامل عورت جا اوڪارا يا اُٻڙڪا (هميشہ جمع ۾ ڪم ايندڙ)
اَرڪو ترڪو= مال اسباب، ورثي ۾ ڇڏيل مال، سمورو مال ملڪيت
ارداوو= ٻوڙ کي گهاٽي ڪرڻ لاءِ وڌل ڪٽڪ جو اٽو
اِرڙَڻ= مالهہ ۾ اِرڙيون وجهڻ
اِرڙو= ڪاٺيءَ جو ڇهنبيارو ٽڪر، جنهن سان مالهہ ارڙبي آهي.
اِرڪِر= ڪاچي، خارش، اَچوو
اَرَءُ= اُها حالت، جنهن ۾ درياءُ ڪچي وارين اراضين ۾ رَڱ يا ليٽ نہ ڪري
اَڙويل وجهڻ= ڦڏو ڪرڻ، اجايون رنڊڪون پيدا ڪرڻ
اَڙيل= اَڙي ڪندڙ، رنڊڪون وجهندڙ، گهگير گهوڙو
اَڙِيخور (اڙيکور)= اَڙِي ڪندڙ، ضد ڪندڙ
اَڙِي ڪُڙِي ۾= اَهنجي سَهنَجِي ۾، ڏکئي وقت ۾
اُڙِي تِڙِي= رهيل کهيل، باقي بچيل، ڇِڊري پاڊِي، هيڪُڙ ٻيڪڙ
اَسُون= ڄانيو (ٻوڪ)
افراد ڳالهائڻ، افراط ڳالهائڻ= اجايو ڳالهائڻ، غيرمتعلق ڳالهيون ڪرڻ
اَڪ جي ٻاڙ= ڏاڍو ڪڙو، سخت تلخ
اُڪو= سمورو، سڀ، ٻَل تہ، ٻَلي، بيشڪ (اسان اُڪو مري وڃون، پر تون نہ ايندين)
اُڪارَڻ= اُٻارڻ، گوشت کي ديڳ ۾ وجهي تورو ڳارڻ

أڪار= اُباريل گوشت

اُڪاٽو، هُڪاٽو= ٻارن جي سهڪي يا دم جهڙي بيماري

اُڪ چُڪ= غلطي، چُڪ، هڪ ٻئي سان اتفاق سبب ملي نہ سگهڻ

اُڪ چُڪ ٿيڻ= هڪ ٻئي سان ملي نہ سگهڻ، ڳُسي وڃڻ، ٽِڙي وڃڻ

آڪَس= دشمني، وير

آڪسِي= مخالف، دشمن، وير وجهندڙ

اِڪلاس (اخلاص)= پيار، پاٻوهہ

اک اودر= اکين کان پري. جنهن کي بروقت ڏِسي نہ سگهجي

اک مُنڊ= نظربندي، جادو، منتر

اکروُن نکرڻ= بي حياءُ ٿيڻ، حساب ڪتاب ۾ نہ رهڻ

اُکڙِيل= ڪَل ٽڙيل، اڌ چريو

اڳواڙ= گهر جي اڳيان ميدان، اڱڻ

اَلوچ= لاڏ ڪوڏ سان نپايل، مُنهن چڙهيو ٻار، لاڏڪو ٻار، لاڏلو

اَلوچَٽو= لاڏڪو ٻار، لاڏلو

الله اِلاهِي جو= تمام گهڻو، بي انت

اُليل= عيش، مزو، فرحت

اَنيَل= مشتاق، گهڻو چاهيندڙ، اَميَلُ

اَنجهڻ مَنجهَڻ= ٻِچيءَ کان پيرن تائين هڪ ئي اڻ سبيل ڪپڙو ويڙهيل

اُنڊ ڏيڻ= عذر پيش ڪرڻ، بهانو تلاش ڪرڻ

اَنڊِي= ملهہ راند جو هڪ داءُ، جاٽنو

اوٽارو= ننڊ هوندي ماڻهوءَ جي گهمڻ ڦرڻ جي حالت

اوٽَر= ڪارونيار ڪڪرن جو مٿي چڙهي اچڻ

اَوٽڪ= بي اولاد، اَوٽو

اوچڻ= مَنهہ، ڇَپر

اوچڻ ڪرڻ= اجهو ناهڻ، منهن ناهڻ

اُداٽو= ڪورِي، ڪپڙا اُڻندڙ

اورِيڪ جو مينهن= ہوڏ جهڙي برسات (نوح نبيءَ واري اورِيڪ هُئي)

اُوڙ ڪرڻ= چٽن يا ترن جا ساوا ہوڙا اُٺ جي وات ۾ گُوهڻ چون ٿا تہ اُوڙ ڪرڻ سان اُٺ وڏيڪ مَچندو آهي)

اُسارِي (اوسارو)= پِڙڪو، ماتم ۽ فوتيءَ جون وَصفون بيان ڪرڻ

اُوسِل= جنهن کي اوسي جي بيماري هجي

اوڪِي= اُلٽ، قئي

اوڪِي= ڏِگي جو مستيءَ مان اڳيئين پير سان زمين کَرڙي رنيون ڪرڻ

اوڳار وٺڻ (اوڳارڻ)= چوپائي مال جو ڳِتل کاڏي کي وري چہاڙڻ لاءِ ڏاڙن هيٺان ڦيرائڻ

اوڳر= اندر جو حال، راز

اوڳاهو پڙهائڻ= بيمار جانور لاءِ دعا خاطر گاهہ جو ٿہو پڙهائڻ

اوگهرو= ڪاٺي ڪٽڻ وقت هيٺان اُڇليل مِٽيءَ کي وري مٽي اڇلڻ لاءِ تهيل ڪُڏٺو

اولڻ گهولڻ= قربان، صدقي، ہلهار

اول= جوئر يا ٻاجهري وغيره جو ٻيهر اوبر، وڏيل فصل جي سُنڌن مان ڦٽي تيار ٿيل فصل

اوو= چوندو، ڪپهہ جو چوندو

اُهاڙڻ (اوهاڙ ڏيڻ)= جانور يا ماڻهوءَ جي پيرن جي نشانن کي ڳولڻ

ٻانير= وڏن سڱن وارو ڦاڙهو، اهو ڦاڙهو جنهن جا سڱ ٻاٽن (لٽين) جيڏا هجن.

ٻانِينگ= ٻانير ڦاڙهو، وڏن سڱن وارو سانيرُ

بادِلي ڪٽورو= اهو ڪٽورو جنهن جي اندران ياسين شريف چٽيل هجي. (اهڙي ڪٽوري مان پاڻي آگهاري مريض کي شفا لاءِ پياربو آهي)

بادو= گهٽو ڳالهائيندڙ، بَڪبَڪيو

بانگي لاٽون= وڏو لاٽون

بجاري= قوم طرفان سردار کي ڏنل ڦوڙي يا مدد

ٻِڃائي= ٻنيءَ ۾ ٻج ڇٽڻ جو عمل

بَدِي لائڻ= الزام لڳائڻ، تهمت لڳائڻ

بِدو= قد جو ننڍو، بِدِڪڙو

بَر چڙهڻ= ٽڪل حالت ۾ وهنجڻ يا پاڻي پيئڻ ڪري بدن جوڪَڙجي پوڻ

بِرڙو= ننڍي قد وارو، تمام ننڍڙو

بُرڪِي= ڪنهن بہ ٻج کي ناڙيءَ ڪرڻ لاءِ ڪم ايندڙ اوزار

بَڙد واتيو= فضول گو، اجايو ڳالهائيندڙ

بَصر جو پردو= ٿورو حجاب، ٿورو فرق

بُڪِين ٽوڙ= سخت ٿڪائيندڙ، هارين وٽ ڪوڏر جو اصطلاحي نالو

بگڙ= حسين عورت، سفيد رنگت واري عورت

بگڙو= حسين، محبوب

بگڙ دَلِي= فضول خرچ عورت، بي سليقي عورت

بَندِي= واهن ۾ پاڻي نہ چڙهڻ واري حالت، پاڻيءَ جي بَندِي. واري بندي

بُودَڪ= بي وقوف، ڳهيلو

بُودن= اپوجهہ، چِسو، چريو بودن (عام طرح چريو لفظ سان گڏجي استعمال ٿئي ٿو. مثلاً فلاڻو "چريو بودن" آهي

بوڙو= پاڻيءَ جو ڦوڪڻو، جر ڦوٽو، حباب

بُوڪ= بصر جي ڏاندِي، بصر جا پن

بوڪڙي= بکيو، ڪنجوسِ، لالچي

بُونبَڪي، پوُنبِلِي= ڪچا گوُنچ، چڻن يا مٽرن جي ٻِليءَ جا ڪچڙا گوَنچ

بُوندِي= ٻانڊڻو چِت يا ٻڙي جو هڪ قسم

بِهہ= دست، اِسهال

بي گرُو= اهو ڳائڻو جو راڳ جو گرُ نہ جَهلي (بي سرُو هجي، پر بي گرُو نہ هجي)

بيٺل پاڻي= خاموش طبع، ڪم گو، گهٽ ڳالهائيندڙ، چُپ شاه (بيٺل پاڻي ٻوڙي ماري)

بي درد ڪلهوڙو= بي فڪرو، بي گوندرو، ڏندو مُشٽندو

بيماريءَ جا لڙها= بيماريءَ جا ويرا، بيماريءَ جا اتفاقي حملا
ٻِڃَتِي= اصلي ڇت هيٺان ڪمري جي ڪجھ حصي تي سامان رکڻ لاءِ ٺاهيل ديوارگير
ٻہ لِپي= اهڙي اڏ يا ڪَسِي، جنهن جي ويڪر ڪوڏر جي ٻن لپن جيتري هجي
ٻہ نپي= قبر
ٻہ هَتڙ= ڏُڪي يا سونٽي ۾ ٻيئي هٿ وجهي زور سان هڻڻ، زوردار ڌڪ
ٻاتو ٽِٽ= صفا ٻاتو، ڏڏي زبان وارو، جو ڳالهائڻ ۾ ڇِتا اچار ڪدي نہ سگهي
ٻاڊُل= سگهڙ زال، سنوبري عورت
ٻارهين وَنڪ چاندي= اوچي چاندي، چانديءَ جو هڪ قسم
ٻانيٽي شيءِ= اُها شيءِ جا ڇهڻ سان خراب ٿي وڃي. عموماً ڪير لاءِ چيو ويندو آهي تہ "هي ٻانيٽي شيءِ آهي"، ڇوتہ صاف ٿانءَ ۾ رکيل نہ هوندو، تہ ڦِٽي ويندو)
ٻاندَڪِي= ننڍڙي قميص، صدري
ٻاٺو ٻُڏُو= بي وقوف، موڳو، سادو
ٻَيڪَر= ڍڳن کي هڪلڻ جو آواز (ٻَپ ٻَپ)
ٻَٽ= شرط
ٻُٽڪائڻ= ٻاٺياٺ مان ڪو برتن ٻوڙي ڪڍڻ
ٻَٽڪَلو= ننڍڙي قد وارو پر چالاڪ ماڻهو
ٻَٽو= ڳُٽيل جسم وارو، مضبوط هاٿيءَ وارو
ٻُٺو پاندو= داغدار ماڻهو، ڪِنو ماڻهو
ٻُٺو ڪوهہ= اُهو ڪوهہ جنهن جي پڳ يا مولهہ پڳل هجي
ٻَٽُون= گاهہ جو قسم، هڪ قسم جو ساڳ
ٻَچ= چيلهہ جي هڏن جو جوڙ (هيءَ لفظ رڳو "چيلهہ جا ٻچ" طور ڪم اچي ٿو)
ٻُچ نہ آٽڻ= ڪنهن تي تڪ نہ پوڻ، فلڪ نہ آٽڻ، ڪجھ نہ سمجھڻ
ٻَڏِي ٻُوڙِي= چوري چڪاري، چورايل مال

ٻَڌِي ڇوڙِي جو مالڪ= پاڻاريدار، بااختيار ماڻهو، ڇورن تي حڪم رکندڙ

ٻُرار= ٻرَ، لونءِ، پَشَم، سنهي داڻ جهڙا ڦوڙا، جي رت جي خرابيءَ سبب پيدا ٿين ٿا، ڏُڌ جي مٽاچري تي مکڻ جا ذرڙا

ٻَڙٽول وجهڻ= شور ڪرڻ، لُڙ مچائڻ

ٻَڙڪندي سڙڪندي= اُبهرائيءَ ۾، جلدي ۾

ٻَڙڪندو وتڻ= جوانيءَ ۾ جنسياتي زور جو اظهار ڪرڻ

ٻڙ گهول، ٻَڙگهل= وڏو سوراخ

ٻُڙو= سباڻ لڳل ڪير جو ولوڙڻ لاءِ تيار هجي

ٻُڙو ولوڙڻ= ڏڌ ولوڙڻ، ڇُڪو جهڳڻ

ٻَڙهہ لڳڻ= خاموشي ڇانئجڻ، چپ لڳڻ، ماٺ اچي وڃڻ

ٻَڙهو= پتن راند (تاس) جو هڪ قسم

ٻِڙيالِي= ٽانوَ ٽپي رکڻ لاءِ مٽيءَ مان ٺهيل ڇوڪور گُندڙو، جنهن کي ننيڙي دري لڳل هوندي آهي

ٻُسڪائڻ، ٻُسڪائي لاهڻ= ديڳڙي يا ڪُنيءَ کي ڪَنَ تائين ساڳ سان ڀَري چڙهڻ

ٻَقِي ٻَڌڻ= مٿاهين اڏ تيار ڪرڻ، ٻاڦِي جوڙڻ

ٻُڪَن= بيوقوف، ڇِسو

ٻگهہ= سائي ڇُهَڇَ، ڏادِي سائي پوک، فصل جو سُٺو اوسر

ٻَگهنِي= صاف ۽ ملائم، ٻگهہ وانگر سفيد، سُهٽي (ڪاجا ڪانگ ڪتابت آندي، سا نہ ساهہ برابر سانديان ٻگهنِي)

ٻِلاڙو= ٻن جدا نسلن جي ميلاپ مان پيدا ٿيل

ٻِلڪَڻ= سُڏڪڻ، روئڻ

ٻُندِي= لاٿونءَ جي ڇهنب جنهن تي اهو ڦري ٿو، ٻُبِيءَ جي چوٽِي

ٻِند= گڏهہ جي آٽرن ۾ ڪم ايندڙ گڊِي، پلال جو پندو

ٻِندِي= وهٽن جي آٽرن ۾ ڪم ايندڙ انگريزي اکر "يُو" وانگر ٺهيل گڊي، پلال جو پندو

ٻُندو= پاڻيءَ جو بند يا ٻَنديو، اڏ يا ڪَسيءَ کي ڏنل بند
ٻَني شريڪ= پاڙيسري، لڳو لڳ زمين جو مالڪ
ٻوٻڻ= رُوڻ، پاڻي جو زوردار وهڪرو جو ڪنهن ڪسيءَ يا واهه جي پرواري
زمين ۾ ظاهر ٿئي
ٻُوٽارڻ= هڏن تان گوشت جون وڏيون ٻوٽيون جدا ڪرڻ
ٻوڙَڪجڻ= بيهوش ٿيڻ، ڊَڪرجڻ
ٻوڪِي= انجهڻ منجهڻ ڪپڙو، هڪ ٿي چادر جو لباس، جو ٻَچيءَ کان پيرن
تائين هوندو آهي ۽ ٻدل رڳو ٻَچيءَ ۾ هوندو آهي (عورتون پاڻيءَ ۾ ترڻ
وقت استعمال ڪنديون آهن
ٻوگِهڙ= ڊورو، ڊند
ٻُونگهٽ= زوردار ڪم (ڪم ڪرڻ سان جيڪو آواز پيدا ٿئي)
ٻُوهو= جوئر يا ٻاجهريءَ جي اَنّ جون ڪلون (هميشه جمع ۾ استعمال ٿئي ٿو)
ٻوهَل= نذرانو، ڏن، پيٽا، جيڪا مرشد مريدن کان اُگاڙيندا آهن
ٻير ڪيڪڙو= ٻير وغيره
ٻِيڙ= ڏڌ ولوڙڻ واري جهيرڻي جي وچ ۾ چِلي جهڙي گول ڪاٺي
ٻِيڙ ٻَڌڻ= جهيرڻي جي اندرين گول ڪاٺيءَ کي ڌاڳن سان جڪڙڻ
پُچَڻُ= پُڇ هجڻ، اثر رسوخ هجڻ
پِڙ= ناس ٿيل شهر، کنڊر
پُنگ= درياءَ جي ڇڏيل وارياسي مٿاهين زمين
پَنوالي ڏيڻ= ڦيرِي ڏيڻ، تندين ٻارن کي ٻانهن مان جهلي ڦيرائڻ
پُٽنريٺا= پِرون
پَٽن چڙهڻ= جڙ ڏاند کي ڪوپا چاڙهي ڊگهي رسي وجهي گول ڦيرائبو آهي ته
سندس مٿو ڦري ويندو آهي ۽ ازخود ڊوڙڻ لڳندو آهي، انهيءَ عمل کي
”پٽن چڙهڻ“ سڏبو آهي
پَٽن ڪٽائڻ= جڙ ڏاند کي پَٽن ڏيڻ
تَرڪارِي= ننڍو گوشت (گهڻو ڪري هندو ۽ شهري ماڻهو استعمال ڪن ٿا)

ٽَرمال= سٺيو گره، سُٺا طعام، لذيذ لُقمو، ٽَرلُقمو
ٽِري واٽوون= هٿ جي ٽِري تي وٽيل (واٽ)
ٽفاق= فرق، تفاوت
ٽَلڳڻ= مک ڏيڻ، مانيءَ کي مکڻ يا گيهه سان هلڪو مکُ ڏيڻ
ٽٽاهه= پاسرين جي مٿان پردو، پيٽ- ڇَهُ
ٽَوائِي= ڪاوڙ، غصو
ٽيل ٽماڪُو= سودو سلف، گهر ۾ ڪم ايندڙ سيڌو سامان
ٽانوَرو= ٻِر ۾ نانگ جي ويڙهجي سمهڻ جي جاءِ
ٽاهِرجَڻ= چوپائي مال جو هڪ هنڌ ٽڪاءُ ڪرڻ
ٽهو هڻڻ= ياڪر وجهي ڪيرائڻ، ويجهن عزيزن کي سڱ ڏيڻ لاءِ مجبور ڪرڻ
ٽُٽ مُٽ= ٽورو گهٽو پڙهڻ
ٽُڙُو ٽِي= لعنت ملامت جو لفظ، حيف هجيئي، لعنت هجيئي، ٽُڙَم ٽُڙا چوڻ
ٽاڪِيون= ڇَتِيُون، ڪپڙي کي هنيل چتيون
ٽَريوِليون= ٻارن يا چوپائي مال جا ٽپا
ٽَرڪائِڻ= دلاسن تي ٽاري ڇڏڻ، ٽاري ڇڏڻ
ٽِرهاڻ ٽيڻ= گهر ۾ ڪير ۽ ڏڌ تي گذارو ڪرڻ، گهر ۾ ڪير ڏيندڙ جانورن جو هڻڻ
ٽُرهڪو نڪرڻ= چيلهه مان ٽَڪاءُ نڪرڻ، پُٺيءَ جي ڪنڊي کي سَٽ اچڻ
ٽِريلهُون= ٽيڙو، آسمان ۾ هڪ سنئين ليڪ ۾ بيٺل ٽي تارا
ٽَڪا وَٽڻ= پئسا ڪمائڻ، فائدو ٽيڻ، فائدو حاصل ڪرڻ (اڪثر منفي معنيٰ ۾ طنز طور ڪم ايندو آهي)
ٽِڪڙو= چَنڊو، پيشانيءَ تي نشان وارو، ٻولاهو، نياڱو
ٽَڪو ۽ دعا، ٽَڪو ۽ سلام= تعلق ختم ڪرڻ، آئينده لاءِ وهنوار ختم ڪرڻ
ٽوپو= اناج ماپڻ جو ماڻ، چئن سيرن جو ماڻ، چئن پٽڪين يا پاٽين برابر ماڻ
ٽُنبٽي وارو= ٽُروئي (سَرن يا ڪانهه مان ٺهيل پڙڇ) ٺاهيندڙ جو مددگار، جيڪو هرهڪ ڪُڻ ۾ سَر ٽنبيندو رهي ٿو

ٽُوشِي= ڇانگيل وڻ جي چوٽيءَ ۾ ڇڏيل تورو جُهڳٽو

ٽيبڪ= جهولِي، دامن کي ڳنڍ ڏيئي جهولي ٺاهڻ

ٽِيٽَڻ= تمام ٿلهو، متارو ماٺهو

ٽيڪِي ٽوٽو= آڪڙباز، مغرور

ٽگ، ٽوڳرو= ڇڳو وڏو ڇوڪر

ٽگ سارو= گهٽو وڏو ڇوڪر

ٽَڙڪِي= مَهوسِي، ڪيمياگريءَ جي شوق ۾ مبتلا. سون ۽ چاندي ٺاهڻ جو خفتي

پُٽي= ڪپڙي ٽُڪر جو زناني چوليءَ (ڪُڙتي) جي پُٺ ۾ لڳائبو آهي، پيٽيءَ جو ضد (پيٽيءَ جي معنيٰ جامع سنڌي لغات ۾ آهي "چولِيءَ جو دامن"، جو پيٽ جي مٿان پوي ۽ سماٽڪِي چولِيءَ جو اڳيون حصو ڍڪي بيهي، ڪنجري ۾ اُرهه کان هيٺ جو ڪپڙو). اڳي سماٽڪِي چوليءَ ۾ پُٽي وجهڻ جو رواج ڪونه هو، پر گهٽو پوءِ پُٺ کي اوگهڙ کان بچائڻ لاءِ اهو رواج پيو

پُرپِل= ڊسڙ، پورِي ۽ ڊسڙ مِٽي

پَرپَرتي (پَروَرتي)= ٻئي تي ورتيل يا ٽي گذريل، جڳ بيتي، گهر پرتيءَ جو ضد

پُرڏين، پُڙڏِين، پَر ڏوڻ= اها ڳئون يا مينهن، جا ويامڻ بعد چاليهي (چاليهه ڏينهن) تائين وَري ڳِيٽي ٿئي. بهاولپور (پنجاب) جا هانگيجا مهر "پَرڏُوڻ" چون ٿا

پُرڪِڻ= نرم زمين، نرم ڌوڙ، پورِي مِٽي

پُڙائي= چيريل ڪاٺيءَ جو ٻه ٽي فوٽ ٽڪر، جنهن جي ٿولهه چار انچ هجي

پڪ= ڪاڙهيل لسيءَ جو جدا ٿيل پاڻي (چوڻي: پڪ ويئي نکري، باقي رهيا ڏيڪا)

پڪڙوئي= پکي وارو (پڪڙوئِي پير يعني پکي يا ڇپريءَ وارو پير تپي يارو لنڊ تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ آهي)

پٽبو= لٽ جهڙي اڻ گهڙيل ڪاٺي

پَھُلو پير= هلڪو پير، آواز نہ ڪندڙ قدم (پَھُلا پَھُلا پير ڏيڻ= جهلي جهلي قدم رکڻ)

پير تي آ= ساڄُئي هٿ موتي اِج، ساڄي اوڙ تي موٽ (هر ۾ وهندڙ ڏاند کي هاريءَ جي هکل)

جَلوَت= ڪاوڙ ۽ غصي جا جذبا

جائوُ پارو= سخت ٿڌ، جنهن ۾ پاڻي جَمي پوندو آهي

جِهڪي ڀِيَهري= ڀيهري جون ٻويون گهڙيون

جُهل جُهلان= وڳ، حملي لاءِ چتاءُ، حملي جو سانباهو

جُهولِي= اڪيلي ڏاند کي نار ۾ جوٽڻ لاءِ هڪ ٻاري وارِي پاڃاري

چُٽ سيڪ= ڪوهہ ٺهندڙ ڪاريگر جو مددگار، جو فقط ٽوپي وانگر باهہ تي پُٺي سيڪيندو رهي، ننڍڙو ٽوپو

چَنو= پاڪر (گاهہ جو چَنو يا پاڪر).

چِتاوو= چتاءُ، خبر، اطلاع، سُڌ

چَنو هٽڻ= ڪبڏي راند ۾ پاڪر وجهي جهلڻ، ڏوڪو ہڏڻ، اگ ہڏڻ، اگ ہَڏي ٻِگالهہ پچڻ

چِنبي جهلڻ= ڪُتي جو اڃي هٿ ۾ چڪ وجهڻ

چُونَڙِي ٻيرا= پيرن جا نشان جي اڃڻ واري طرف ڏانهن ڳولجن

چُوچڙ= چِچڙ، ٻُوتِڙُ

چوچَن= ڪاڏي ٻيتي جا مزا

چَوسَلو= ڪٽ، ڪٿولو (چِٽن سَليل يا سوراخ ڪيل پاين مان ٺهيل شيءِ)

چَوسَلو آ= ڪَٽَ جو قسم (جو تہ ڪٽ تي لاش ڪڇندو آهي)

چَوسَلي تي هٿ آ= ڪَٽَ جو قسم

چَوطاق ڪرڻ= پُٺيءَ پَرڪرِڻ، اهڙي نموني ڪرڻ جو چارئي عضوا (ٻہ ٽنگون ٻہ ٻانهون) هڪڙي ئي وقت اڃي ڌرتيءَ تي لڳن

چُوٽِي= چُوندو (ڦٽين وغيره جو)، چُونڊِي

چا وُٺي چا واٺِي؟= ڪهڙا حال آهن؟ چا وهيو واپريو آهي؟ ڪهڙي خبر آهي؟

ڇَپيت= ڇيت، ڪاٺيءَ جو سنهو ذرو

ڇِڊ (ڇڊر)= ٻرُ، ٿهندڙ، ماڻهن کان پري ڀڄندڙ

ڇِڊوڙا (ڇِڊروڙا)= ڇاپاڪو، رت جي خرابيءَ سبب بدن تي تيل ڏٻڪ يا ڳاڙها نشان

ڇِڙتَل= ڳنئون يا ڏاند جنهن جا جوان ٿيڻ جي باوجود اٺن ٻجاءِ ڇهه ڏند هجن

ڇُڙِتَل= ڇُڙت، چالاڪ، بي لغام

ڇُلڪَڻ= لبريز ٿيڻ، ڀريل ٿانءَ جو ڪنارن کان هارجڻ

ڇِلڪٽو= ٿوڦيندو، ڦُلوُسٽو، ڇِلٽو

ڇُلڪَٽو= ڇُلڪَندڙ. جيڪو پوريءَ طرح بند نہ ٿئي

ڇَل ڇَلان= تمام گهٽو پاڻي، ٻوڏ جهڙو پاڻي

ڇوٽ پائو= نندين ٽنگن وارو (ڇوٽ پائو ٻَڪر وغيره)

حال ڏاڳا= فقيري ويس، فقيري لباس، فقيري لوازمات

حيثِي= مَٽ، ثانِي، ساڳيءَ حيثيت وارو

دارِي= پالنا، تات سانڀ، سنڀال، خدمت: ڪير آهن دارِيءَ جا بعني دارِي ڪبي تہ مال ڪير ججهو ڏيندو

دانهوڙِي= دانهن ڪٽي آيل، فريادي

دَرجواب= جواب، سوال جو جواب

دِس= طرف، ڏِس، مُلڪ، ڏيهہ

دِمر= ڏيڪا، دِڳ، ڪاڙهيل لسيءَ مان نڪتل ڦوڳ

دوڳ ڇندو= بنهہ بيڪار، صفا ڇندو

دوناڙڻ= دُون يا دوناڙ سان ڏڪ هڻڻ

دِهِي= نظر، ڏسڻ واري پُتلِي

ڏاڪي ڇُو= جُهمر جو قسم، جنهن ۾ ڪاٺ جي ڏونڪن سان ڪيڏڻ وقت، ڏونڪو ڏونڪي تي هڻي ”ڇُوڇُو“ جو آواز ڪڍبو آهي

ڏانداروُن= خون جي خرابيءَ سبب چمڙيءَ جي اندران پيدا ٿيل ڦوڙو، جو پيشانيءَ تي ابرندو آهي

ڏاوڻ وَندَرا= شاديءَ جا ساٿ سَوَڻُ، هن ساٿ ۾ گهوٽ کي ڪاري تي چاڙهي، سندس أيي ڪيل هٿ جي آڱوٺي کي ريشمي تندن سان ڏاوڻ وانگر ونگيو ويندو آهي (ڏاوڻ ڏائڻ جي رسم)

ڏِباھ= پيچش، سُوري ٻاهيءَ ۾ نڪرندڙ لڳ لڳ دار مادو

ڏوگهڻ= هڪ ئي وقت ڳيت ڏيئي چڏڻ، گهٽو پيئڻ

ڏيڪا= ڏڳ، ڍِم، ڪاڙهيل لسي جا چاٽا

ڍِربَ= ڍِگ، ڍير، گهڻو تعداد

ڏُدِ ڳالهائڻ= خراب ڳالهائڻ، بدتميزيءَ سان ڳالهائڻ

ڏُيرو= ڏُيو، اندر جو پليد، منافق، ٺگ

ڏُروڪِل= سنهڙو، صفا لاچار

ڏَرِڳڻ= مار ڏيڻ، ڪُٽَڻُ

ڍِريَھ= ڍِڳ، نونر، گهڻو تعداد

ڍَروڳل= ڍايل، ڍِراول، ڍاروِل، ڍَو ڪيل

ڍوير= ٿاڪرُو ڪانءُ، وڏو ڪانءُ

ڍووو= ڍويو، تحفو، شاديءَ جي موقعي تي ڪاسبين طرفان ڏنل سامان، جنهن جي عوض شادي وارو انعام طور ڪجھ رقم ڏيندو آهي

رامجهول، رامجهولا= ڪنن جو زيور

رَيڙي زمين= سخت زمين، جا تمام گهٽ پاڻي چُهي

رِنگهڻ= مينهن جو آواز، ڪُڙڪڻ

رِنگهاٽ= رِنگهه، روج راڙو، ڪُرڪو، ڪنجهڪو

رَهچنجڻ= دلپسند اوزار، ڪوڏر وغيره (تازو شادي ڪيل ماڻهو کي پائرن ڪوڏر جي ڪم ڏانهن سڏيو، زال کي چيائين تہ "رن رَھ چِنجِڻ ڪٽي ڏي تہ پائرن جو پاءُ ۽ شريڪن جو شريڪ ٿيان". ڪوڏر ڪيس گهڻو ٿڪائي وڌو، پائرن ٻئي ڏينهن جڏهن ساڳئي ڪم ڏانهن سڏ ڪيو، تڏهن زال کي چيائين تہ "رَن ٻُڪين- ٿوڙ ڪٽي ڏي تہ پائرن ڄو مُنهن ڪارو ڪيان")

رِبهَٽ= رڙ، ربهاٽ، ڪيڪراٽ، ٻاڪار
زَرڙاٽ= زوردار آواز سان تکو نڪري وڃڻ
ساک= ڇهن مهينن جو عرصو (سال ۾ ٻه ساکون ٿين ٿيون، گهڻو ڪري وَهُو ڏاندن جي عمر ڪٿڻ لاءِ اهو لفظ ڪم ايندو آهي: "جنهن جي ساکن جو سهِي تنهن جا ڏند ڇا ڏسبا"). ويساهه، اعتبار: "تن گهرن جون ڪيهُون (ڪهڙيون) ساکان، ويچن ٻير تي ڪاون ٻاڪان."
سال، سالهه= ڪکن ڪانن سان ڏکيل لهوارِي ڇت وارو ڪمرو
ساءِ وارا= دوستيءَ وارا، دوست، تعلقدار
سانوڻين سَٿي، سانوڻين سَٿِي= مال جي بدلي مال وٺڻ، جنهن ۾ اُتر (وڌيڪ رقم) ڏيڻو نه پوي
سبب= جِن پوتن جو پاڇو
سَيائِي= عورت جو نالو، چڱي وٽندڙ، جنهن کي چڱو پانئجي
سَردَر= دروازي جي مٿان، پٽ جي بار روڪڻ لاءِ رکيل ڪاٺ
سِرميل= گهوٽ ۽ ڪنوار کي آمهون سامهون ويهاري، سٽ پيرا سندن مٿا ٽڪرائڻ، شادي
سِرو= ڏاند يا مينهن وغيره جو وڏيل سر
سَروبَدر= مال جي بدلي مال، جنهن ۾ اُتر ڏيڻو نه پوي
سَرِيون= ڪاٺ جون پٽيون، جي ڦيٽي جي ٽاپي ۽ ونگين کي پاڻ ۾ ملائي رکنديون آهن
سُنيو= لوهه ۾ سوراخ ڪرڻ جو اوزار
سَندَک= سنگت
سَنگ مِصري= سنگ واري مصري، ڳنڊي واري مصري
سُوٽَرڻ ڦاهِي= اهڙِي ڳنڍ جا ڇڪڻ سان ازخود بند ٿي وڃي
سُوٽِي= ڏُن
سيٺُو پاڻي= درياءَ جو پاڻي
شاخ= ڇُهنبيارو ڏند، ڪُتي جو ڏند

شُترو= بي محابو، بي احساس، بي حس، پنهنجي مطلب جو (گهڻو اگ هندن جا ڪي فقير، پاڻ سان مختصر سامان ڪنيو، اڄ هن شهر ۾ سڀان هُن شهر ۾، ايئن ئي پيا هلندا هئا. ڪنهن جي مُراد پڇڻي يا ڪو عزيز مري وڃي، انهي حالت ۾ ان ڪان پنج پئسا روڪ ۽ پتاشن جو شربت وٺندا هئا. تنهنڪري چئبو هو ته "ڪوئِي مَري، ڪوئي جِيوي، شُترا گهول پتاشي پيوي")

شَڪل نه وَجهه= نه شڪل نه شبيهه

شلول= پُور، ريچڪ

شَلولِي= پُورالو، پنهنجي خيال وارو

شَمدَڻ= شبنم، نِمي، ماڪ

شوُڪَڻ= نانگ جو ڪاوڙ مان ٺوڪا ڏيڻ

شيطان جا ڪَن ٻوڙا!= ڪا چڱي رٿ رٿجي ٿي ته پوءِ چئبو آهي ته "شيطان جا ڪن ٻوڙا"، يعني خدا ڪري اها ڳالهه شيطان نه ٻُڌِي هجي ته جيئن اهو ان ۾ رخنو نه وجهي

عمره= عمِر، ڄمار،

عمره ير= عمر ير

ڦَتڪوڙِي= ڦَتڪو

ڦُڏو= جاهل، بي وقوف

ڦرڙَڻ= چَڪيءَ ۾ سانوڪ يا اوربي جهڙي ڏُٿ ڪي ڏري ٻه اڌ ڪرڻ

ڦسوڪَڙ= ڍڍڙو، بي ساهو، ٿلهو متارو پر بي زورو

ڦُسيل= ڪينهي راند ۾ نشان ڇڏڻ لاءِ پٿرن يا ڀِتِرن ڪي ڀِڪِيئي جي مٿان رکڻ

ڦُل ڏاڳو= تعويذ، ڏاڳو، دُعا لاءِ ورتل ڏاڳا ۽ گُل وغيره

ڦَمر= چُپ، ڪجهه نه ڳالهائڻ، خاموشي

ڦَمنو= خاموش طبع، بي پرواهه، چُپ ۾ رهندڙ، ڦَمر هٽي ويهندڙ

ڦُوت= آڪڙ، وڏائي

ڦُوتِر= ڦوت ڏيکاريندڙ، وڏائي ڪندڙ

ڦِيڻ= ڦوهارو (رَت جو زور سان نڪرڻ)

ڦِصيلو= قصا ڪٽندڙ، قصه گو

ڪاٽڙيو ڪماند= سخت ڪل وارو ڪمند، ڪمند جي اهڙي قسم کي گڏڙ ڪاٽي نه سگهندو آهي

ڪارپ= ڇهچ سائو رنگ، اهو لفظ پوک جي سلسلي ۾ ڪم ايندو آهي: "پوک کي ڏاڍي ڪارپ آهي". ڪارنهن، سياهه ڪاري. زاني عورت ۽ مرد جي ڏوهه کي به "ڪارپ" چئبو آهي

ڪاريا= جيرا

ڪَدائڪو= ڪدي چڏڻ جهڙو، نڪتوڙ، لوڏيل

ڪديوڙ= نڪتوڙ، لوڏيل، ڏڪاريل

ڪُرڦاٽو= اُڦراٽو، گيهه واري تهدار ماني

ڪَرمارڻ= پاٽيءَ جي لاٽ، پاٽيءَ جو اڳوٽي سطح کان تورو هيٺ هئڻ

ڪَرِيس= ڪاڏي ۾ مِٽي يا واريءَ جي موجودگيءَ جو ڏندن ۾ احساس ٿيڻ، ڏندن ۾ "ڪرڪر" پيدا ٿيڻ

ڪُڙُل پَوڻ= ڳِديڙيون پوڻ

ڪَلر پَنجر= ڪلر واري ۽ بيڪار زمين

ڪَڪُون، ڪڪُون= هاڙهه- پيچ وقت غيرموجود رانديگر، جي پاران ڪو "ڪڪ" ڪٽي، ان کي پنهنجو ساٿي بنائي پيچ ۾ اچجي ته اُن ساٿي (ڪڪ) کي ڪَڪُون يا ڪڪُون چئبو آهي

ڪَلهو= اڪيلو

ڪَند لٽو= پٽ پاراتي جو لفظ، جنهن جي معنيٰ آهي "خدا سندس گردن پِجي".

ڪَنِي ڪَترائڻ= پاسو ڪري نڪري وڃڻ

ڪَودَن= موڳو، مورک، بي وقوف

ڪيري= رَدِي، ڪنهن نه ڪم جو، نڪمو، بيڪار

ڪِيٽوَ= عزت نفس، غيرت

كانج، كانج ڏيڻ= ائٽ جي ڀينگهي يا چڪري کي داب ڏيڻ
کُپڪِڻ= کُپ کُپ زمين، جانورن جي کوپِيَل زمين. سُنبن ۽ کُرن سان لتاڙيل ۽
کوپون ڪَيل زمين
کِڙاند= کيڏ، شغل، مشغولي
کَڙي پير= تُرت، هڪدم، ڀيٺي ڀِيٺي
کَکاڙ ٻُٽاڙ= وڏو رعب داب، حشمت ۽ ڏِيا
کوکڙا= پڪا ۽ سخت پِتر، زمين جو سُڪي کوکڙا ٿي وڃڻ
کوڳِي= ڪارڪ جي ککڙي جا ٻُوٽ طور استعمال ٿئي
کيڏ ڪَر= کيڏارِي، رانديگر
کيکو= گهٽو کلندڙ
گِٽ= گرانٽ، هٿ جي چيچ ۽ آڱوٺي جي چوٽين جي وچ وارو مفاصلو
گِٽ مُنڙِي= ننڍڙي قد واري عورت، مبالغي طور چئبو آهي ته هڪ گِٽ ۽
هڪ مُٺ جيترو قد اٿس
گڙ دول= ڪِنو، غليظ، بي ياڻٽو
گُڙَل= گُٽو ڳالهاءِ، بنا سوچڻ سمجهڻ جي ڳالهاءِ ڪرڻ
گڙنگ= ڍَنڍ، پاڻيءَ جو وڏو ذخيرو
گسوڙ، گهسوڙ= جاءِ جي تنگي، سوڙهه گهسوڙ
گِگ= گِگ وانگر چنبڙندڙ ماٺو، مَجَڏُو
گِرچڻ= گپَ، چِڪ
گگڙِي= جهيڙي ۾ وڏي آواز سان ڳالهائيندڙ عورت، توري ڳالهه تي گهٽو
ڳالهائيندڙ. اهڙي قسم جي مرد کي گگڙو چئبو آهي
گگلو= اجايو چنبڙندڙ ماٺو، مَجَڏُو، گِگ وهائيندڙ ماٺو، غليظ، اڻ ياوٽو
گُناهِي= گُناهگار، مجرم
گُنبَسو= گُنبذ
گونهه جون ڪانيون ڏيڻ= مهڻا ۽ طعنا ڏيڻ. اجايا الزام ڏرڻ
ڳارائون= ڳارو، جانورن جي ڳچيءَ ۾ ٻڌڻ واري رسيءَ جو ڦندو

لَنب چُٽ= ڪيرائي ڏڪ هڻڻ، چوري، ٺڳي

لَنبائڻ= لمائڻ، چورائي وڃڻ، جَهٽي هَٽي ڪٽي وڃڻ

لنبائي لنبائي هڻڻ= مخالف کي ملھ راند ۾ گھمائي گھمائي اُڇلائڻ، جھوٽا ڏيئي هيٺ ڪيرائڻ

لنباٽي لنباٽي هڻڻ= لَنبُون ڏيئي ڪيرائڻ

لوٽ= ڍِڍري، ڏَڙُ

لوڪ لڪا= عام مخلوق

ليپَوون= ليپي وانگر تھ بہ تھ (پَٽڪي سان گڏ استعمال ٿيندو آهي، ليپَوون پَٽڪو معنيٰ پَٽڪي جا وَر هڪ ٻئي تي ايئن چڙهيل هجن جڻ ليپو آيل اٿن

ماسراهِيُون= مِراهيون، مسوڙا

مَرڪِي= مرٽينگ، مرڻ تي

مَزات= ٻن سالن جو اُٺ

ملاٽِت= جِنَ، ڀوُت

ملوٽڙو= نازڪڙو، نفيس طبع

ملوڪڙو= نازڪ، نفيس

مَنجھولو= رڌ پچاءَ لاءِ وِچولِي ديگ

منزل پڙهڻ= قرآن مجيد پڙهڻ، دؤر ڪرڻ

مَنهَ موڪ= (مَنهَ معنيٰ ڪڪائين ڇيري+ موڪڻ= ادا ڪرڻ) شاديءَ تي آيل دعوتين کان مليل رقم

مُنِي ڏيڻ= ڦِري وڃڻ، نٽائڻ، انڪار ڪرڻ

مِٽڪَڻ= رِڍِ جو ميڪَڻُ، ڇَپن ۾ ڀُڻ ڀُڻ ڪَرَڻ

مودَر= نِڪمو، بيڪار، بي سُرو، ڪم نہ اچڻ جھڙو ماڻھو

مُهاڙو= جانورن جي بيماري، جنهن ۾ سندن وات ڀچي پوندو آهي، ۽ ڪائي ٻيءَ نہ سگھندا آهن

ناندِ= سبڪڙات، ناتجربيڪار

نَبوتَڙو= نازڪ طبع، نفيس

نِيائِي= اَڻ ياوَڻي، عورت جو هڪٻئي سان مخاطب ٿيڻ جو لفظ. نہ وڻندڙ، مسڪين: ڪهڙي نِيائِي رُکو ڪائي (ڪيهِي نِيائِي رُکو ڪاوي)

نِروپُرو= رڳو، فقط (نِرو پُرو ٻئي تي نہ ياڙ، ڪجهہ پنهنجي پي ٻار)، هُوبهو، (نِرو پُرو ڏاڏي تي ويو آ= هُوبهو ڏاڏي جهڙي شڪل اٿس)

نَري ڏيڻ= زور آزمائش جي راند، جنهن ۾ هيٺ ويهي، ٽنگون ٽنگن ۾ ڦاسائي هڪ رانديگر ٻئي جي ڪاٻي ڪارائِي يا نرِيءَ کي ٻنهي هٿن سان جهليندو آهي ۽ ٻيو ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي

نِسائينڪو= ندٽڪو، جنهن جو ڪو ڏٺي سائين نہ هجي

نَڪ سِڌ= بالڪل سامهون، سِڌائِيءَ ۾

نڪتوڙ= نَڙيل، گهران لوڏيل، ڪَڍِي ڇڏيل

نُونو، نُتو= نڪ مان آواز ڪڍندڙ، گُهڻو ڳالهائيندڙ، مِنو

نَهُوچَڙو= اَنگِلي، نازڪ مزاج

وارون= ياران، بدران

واهِند= وهڪرو

واڻَ= واٽين جا ڳوٺ، هِندڪار

واڦڻ= اجايو ۽ ڪنو ڳالهائڻ

واجَهلوڙو= واڇُوڙو، تمام تکو هلندڙ ماڻهو

وِتڪَڻ= ڳئون يا مينهن جو پڪڙجڻ ۽ لتون هڻڻ يا ڌُهڻ نہ ڏيڻ

وِچون= وچ واري عرصي ۾، انهيءَ وچ ۾

وَڏڪِي= وڏيڪ

وَرِهي= رَسِي

وَسيب= وصفون، نشانيون

وَٺي لايارا ڏِٺي اوڏارا= وياج تي وٺي ٻين کي اودر تي ڏئي

وسدي وساءِ!= وسندِي وساءِ، جهان جي هلي چلي موجب هَلُ!

وَٽُٺانِي= وَٽُٺَن جي ڪانِي

وَياٽي= واٽياٽي، هندو عورت
ويڙهہ= مُنڊيءَ جو هڪ قسم، وڪڙن وارو ڇلو
ويڳ= بيماري
هانجڻ= هاڪ ٻڌڻ، شرط رکڻ، هڪ ٻئي سان زور آزمائيءَ جو اعلان ڪرڻ
هانءِ جَهل= تورو ڪائي ڪجهہ آٿت وٺڻ
هاڏو= ڪانءُ
هَٽ= ٻئي جي ڏاندن تي پوک پچائي هارپ جو اڌ وٺڻ
هَٽائِين= هَٽَ تي بيٺل، لچاري جوڙي تي پوک ڪندڙ: (پاڻ هَٽائِين، جوڙو لِجَن
تي يعني پنهنجو جوڙو ڏاندن جو ٻئي هَٽائِين کي اڌ حصي تي ڏيئي، پاڻ
ٻئي جي ڏاندن تي پوک ڪري)
هَتون= ويتر، پاڻان، اُتلندو
هَپِي= چُمي
هُرشِي= ڏاند يا ڳئون جو ڦوڪو ڏيئي ڊيڄارڻ
هَرِيٺو= آريٺو، هڪ وکر
هَروايَل= هارايل
هِڪڙائِت= اڪيلي سر گهر جو خرچ پورو ڪندڙ، گهر ۾ اڪيلو ڪمائيندڙ
هِڪي= اڪيلي ، هڪڙي ئِي
هَنباهہ= ياڻ، وٺاڻ جو ياڻ
هَنڊ= ميي مارڻ جي جاءِ
هُند، هُندِي= ها (ٻئي فعل سان گڏ ڪم ايندو آهي ۽ فعل معاون تي ڪم
اچي ٿو، مثلاً: ڪائي هُند يا اچي هُندِي)
هِنڊ= اُٺ تي ٻڌل ڪپڙا، هنڊ پاکڙي جي بدران ڪم ايندي آهي
هَنڊڻ سال= جتادار، اهو ڪپڙو جو گهٽا سال هلي
هورين هورين= هوريان هوريان
هيٺلو= هيٺيون
هيٺتي= هيٺ

يَڪ لَس= هڪجهڙو، لاڳيتو، هڪ ڪَرو، (ٻنيءَ ۾ يَڪ لَس پاڻي بيٺو آهي)

يَڪساهِي= لڳاتار، هڪ ئي وقت ۾، هڪ ئي وقت ۾ ڳالهه چئي يا پڙهي وڃڻ

يَلوُ= بي وقوف، موڳو

يوهو= هُل، آواز

SINDHI LANGUAGE AUTHORITY

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو